ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR
1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) سومر 03 آگسٽ 2026 ع 19 صفرالمظفر 1448ھ صفحا 06 - ملهه 30 رپيا شمارو (348)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

سوات ۾ ٿاڻي پرسان ڌماڪو، 4 اهلڪارن سميت 9 ڄڻا شهيد، باجوڙ ۽ خيبر ۾ سيڪيورٽي فورسز هٿان 10 دهشتگرد مارجي ويا

ڪبل پوليس ٿاڻي جي گيٽ مقامي نوجوانن جو احتجاج جاري هو تہ اوچتو زوردار ڌماڪو ٿي پيو، ڌماڪي سبب 4 پوليس اهلڪارن سميت 9 ڄڻا موقعي تي شهيد ٿي ويا

آپگهاتي بمبار ڪبل ٿاڻي اندر داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پوليس اهلڪار ڪيس اندر داخل ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو، جنهن بعد هن پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو: ڊي آءِ جي

ڌماڪي جي اطلاع تي ريسڪيو، طبي ٽيمون ۽ ايمبولينسون پڻ فوري طور واقعي واري هنڌ پهتيون، 15 کان وڌيڪ زخمين زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

بهادر اهلڪارن پنهنجي جانين جي قرباني ڏئي آپگهاتي بمبار کي ٿاڻي اندر داخل ٿيڻ کان روڪيو. بزدلاڻين ڪاررواين سان قوم جا حوصلا پست نٿا ڪري سگهجن: گهرو وزير / گورنر

سيڪيورٽي فورسز"آپريشن گرج" تحت ڪارروائي ڪندي باجوڙ جي علائقي شاڪرو ۾ مسجدن ۾ ترسيل ٻن دهشتگردن، ۽ خيبر جي دربي خيل ۽ ٻتان وارن علائقن ۾ 8 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو

ٻنهي ڪارروائين جي وڊيو پڻ جاري ڪئي وئي،سيڪيورٽي فورسز پاران دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروايون جاري رکڻ واري عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبرپختونخوا جي سياحتي شهر سوات جي علائقي ڪبل ۾ پوليس ٿاڻي پرسان ڌماڪي جي نتيجي ۾ 9 ڄڻا مارجي ويا ۽ 18 زخمي ٿي پيا. سوات جي ڊي پي او عمر گنداپور موجب ڪبل ٿاڻي جي گيٽ پرسان ڌماڪو ٿيو جنهن ۾ 4 پوليس اهلڪارن ۽ شهرين سميت 9 شهيد ٿي ويا. ڊي آءِ جي مالاڪنڊ سيد فدا حسين ٻڌايو تہ ڌماڪو ڪبل پوليس ٿاڻي جي گيٽ پرسان ٿيو ڌماڪي وقت مقامي نوجوانن جو احتجاج پڻ جاري هو پر احتجاج واري جاءِ ڌماڪي واري هنڌ کان پري هئي هن ٻڌايو تہ آپگهاتي بمبار ڪبل ٿاڻي اندر داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي پر پوليس اهلڪار ڪيس

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

آپريشن 11 گرج جي تحت ڪارروائي جا ڪجهه منظر

سعودي پرڏيهي وزير جو ترڪيہ ۽ ڪويت جي هم منصبن سان ٽيليفونڪ رابطو، وچ اوڀر جي صورتحال تي ڳالهيون

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي پرڏيهي وزير شهزادہ فيصل بن فرحان ترڪيہ ۽ ڪويت جي هم منصبن سان

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

آزاد ڪشمير جو قائم مقام صدر چوڌري لطيف اڪبر

آزاد، شفاف، منصفاڻي ۽ پرامن چونڊون جمهوري نظام جي مضبوطي لاءِ اهم آهن: ن ليگ اڳواڻ

اڳوڻي صلاڪاني وزير حاجي اڪرم انصاري ۽ ايم اين اي بئريسٽر راجا دانيال احمد ڪوٽلي پولنگ جو دورو ڪيو

ٻنهي اڳواڻن پارٽي ڪارڪنن سان ملاقات ڪئي ۽ علائقي ۾ چونڊ سرگرمين جو جائزو ورتو

فيصل آباد (اي پي پي) آزاد ڪشمير قانونساز اسيمبلي جي عام چونڊن 2026 جي سلسلي ۾ فيصل آباد ۾ تڪ ايل اي-

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

آزاد ڪشمير جي قائم مقام صدر چوڌري لطيف اڪبر تي حملو، پ پ ڪارڪن بہ مارجي ويو

چونڊ عمل دوران قائم مقام صدر ۽ پارٽي اميدوار چوڌري لطيف اڪبر تي حملو ڪيو ويو

سندس ٽي چونڊ تڪ ۾ پيپلزپارٽي جو ڪارڪن مشتاق شاهه بہ قاتلاڻي حملي ۾ مارجي ويو

ن ليگ ووٽ تي ڌاڙو هڻڻ لاءِ طاقت جو استعمال ڪري پئي، حملي ۾ ملوث جوابدار گرفتار ڪيا وڃن: پ پ چيئرمين

مظفرآباد (م د) آزاد جمون ۽ ڪشمير جي قائم مقام صدر چوڌري لطيف اڪبر تي حملي ڪانپوءِ پيپلزپارٽي اليڪشن ڪميشن کي هنگامي شڪايت داخل ڪرائي فوري ڪارروائي ۽ جوابدارن جي گرفتاري جو

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

مختلف ملڪن جي خودمختيار ويلٿ فنڊ لاءِ واضح قانون سازي ضروري آهي: آءِ ايم ايف

خودمختيار ويلٿ فنڊ عالمي ماليات جي شعبي ۾ انتهائي اهم حيثيت اختيار ڪري چڪا آهن

ويلٿ فنڊز جي ڳاٽيٽي ۾ مسلسل اضافي سبب اثاثن جو مجموعي ڳاٽيٽو 16 ٽريلين ڊالر تائين وڌي چڪو آهي

تيزي سان تبديل ٿيندڙ جيو پوليٽيڪل صورتحال تحت فنڊز کي وڌيڪ لچڪ دار بڻائڻ جي ضرورت آهي

جامع قانون سازي ذريعي ڪو بہ ملڪ پنهنجي دولت محفوظ ڪرڻ سميت ترقي جا هدف حاصل ڪرڻ کي يقيني بڻائي سگهي ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) خودمختيار ويلٿ فنڊز لاءِ واضح قانون سازي ضروري آهي عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) پنهنجي هڪ بلاگ ۾ چيو آهي تہ دنياجي مختلف

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

آمريڪا جي ريسٽورنٽ ۾ فائرنگ، 3 ڄڻا مارجي ويا، 7 زخمي

اسلام آباد (اي پي پي) آمريڪي رياست ايداهو جي شهر ڪوئن ڊالز ۾ واقع ان آئوٽ

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

سينيٽ جي ڊپٽي چيئرمين ڪوئيٽا ۾ شهيد سيشن جج عبدالحڪيم ڪاڪڙ جي گهر وڃي تعزيت ڪئي

ڪوئيٽا (اي پي پي) سينيٽ جي ڊپٽي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سوات پوليس اسٽيشن ويجهو ٿيل بم ڌماڪي جو ڏيک

سنڌ ۾ برساتن دوران هاءِ الرٽ رهڻ جو حڪم، ڪابہ ڪوتاهي برداشت نہ ڪئي ويندي: وڏو وزير

مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ برساتن ۽ هنگامي صورتحال بابت اهم اجلاس منعقد ٿيو

متاثر علائقن ۾ ريسڪيو، امدادي سرگرمين ۽ پاڻي جي نيڪال کي وڌيڪ تيز ڪرڻ جو حڪم

صوبي جي سمورن شاخن، واهن، بندن ۽ آبي گذرگاهن جي لاڳيتي نگراني جاري رکڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ پي ڊي ايم اي آفيس ۾ برساتن ۽ هنگامي صورتحال بابت اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ صوبي ۾ جاري برساتن، امدادي سرگرمين ۽

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

نظام جي ناڪامي جو سبب سول ۽ عسڪري بيوروڪريسي کي غيرمعمولي اختيار ڏيڻ آهي: رضا رباني

پاڪستان هڪ وفاق طور وجود ۾ آيو، جتي چئني وفاقي وحدتن گڏيل طور ملڪ ۾ شموليت اختيار ڪئي

تاريخي حقيقتن جي بنياد تي قائم ٿيل صوبن کي رڳو انتظامي بنيادن تي ورهائي نٿو سگهجي

اسلام آباد (م د) سينيٽ جي اڳوڻي چيئرمين ميان رضا رباني چيو آهي تہ نون صوبن جي قيام ۽ حڪمراني جي نظام جي ناڪامي بابت بيان هڪ غيرضروري ۽ حساس بحث کي جنم ڏنو آهي. رضا رباني

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ايران سان جنگ ۾ 14 آمريڪي فوجي مارجڻ ۽ 400 کان وڌيڪ زخمي ٿيڻ جو انڪشاف

آمريڪي بچاءُ واري وزارت پينٽاگون طرفان ڪيترن مهينن تائين لڪائي رکيل ڳجها دستاويز منظر عام تي اچي ويا

جنگ جي شروعاتي هفتن ۾ 400 آمريڪي فوجي زخمي ٿيا، ڪيترن جي حالت انتهائي ڳڻتي جوڳي رهي

ڪويت جي پورٽ شعيبہ ۾ قائم آمريڪي آپريشنز سينٽر تي ايراني ڊرون حملي ۾ 6 آمريڪي فوجي مارجي ويا

ٽرمپ طرفان معاهدو ختم ڪرڻ جي فيصلي ڪانپوءِ تازي حملن ۾ 4 وڌيڪ فوجي مارجي ويا

واشنگٽن (م د) ايران سان جنگ ۾ 14 آمريڪي فوجي مارجڻ ۽ 400 کان وڌيڪ زخمي ٿيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. تازين دستاويزن ايران سان جنگ جي شروعاتي هفتن دوران آمريڪي فوج کي ٿيل جاني

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

68 هين
سالگرهہ مبارڪ

عبرت جي نمائندن لاءِ اطلاع

سنڌ ۾ ساجاهہ، سچائي ۽ صحتمند صحافت جي سفر ۾ اوهان سان هم قدم **عبرت گروپ** کي سال **2026ع ۾ 68 سال** مڪمل ٿي رهيا آهن، اهو سفر سچائي، پنهنجن سان ڪمٽمينٽ ۽ محبتن پريو رهيو آهي، جنهن ۾ اوهان جو ساٿ، همت افزائي ۽ هر حالت ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ واري محبت پريي روي جو پڻ وڏو هٿ آهي.
هر سال وانگر هن سال پڻ روزاني عبرت پنهنجي سالگرهہ ۽ ملڪ جي آزادي جي ڏهاڙي جي موقعي تي هڪ ست رنگو **شاندار ايڊيشن** شايع ڪري رهي آهي، جنهن ۾ ٻين گهڻين خوبصورتين سان گڏ اوهان جا پيغام، مبارڪباد ۽ تعارف تي ٻڌل اشتهار ان جي سونهن کي چار چنڊ لڳائيندا، ان ڏس ۾ اداري سان سهڪار ڪريو تہ جيئن اهو سدائين لاءِ سانڍڻ جهڙو ايڊيشن اجا سُر سرهاڻ پريو محسوس ٿئي.

نوٽ: عبرت ست جي ساٿين کي گذارش ٿي ڪجي تہ پنهنجا اشتهار جلد کان جلد اداري کي ڏياري موڪلين جيئن انهن کي بهتر جڳهہ ڏئي سگهجي.

رابطي لاءِ:
مئنيجر شعبہ اشتهار
03003020943 | 03393020943

ڪوئيٽا ويجهو ڪوئلي جي کاڻ ۾ ٿيل ڌماڪي ڪانپوءِ آپريشن مڪمل، 34 مزدورن جا لاش ڪڍيا ويا

سورينج ڪول فيلڊ ۾ ڪوئلي جي کاڻ ۾ ٿيل المناڪ ڌماڪي ڪانپوءِ شروع ڪيل ريسڪيو آپريشن لڳ ڀڳ 45ڪلاڪن ڪانپوءِ مڪمل ڪري فوتين جا لاش هٿ ڪيا ويا

فوتي مزدورن ۾ ٽن پاڙن سميت هڪ ئي خاندان جا 4 ڄڻا پڻ شامل، ريسڪيو ۽ ضلعي عملدارن سمورا لاش ضروري قانوني ڪارروائي ڪانپوءِ سندن اباڻن علائقن ڏانهن روانا ڪري ڇڏيا

کاڻ ۾ دٻجي فوت ٿيل 31 مزدورن جو تعلق ضلعي شانگلا ۽ 3 ڄڻن جو تعلق ضلعي صوابي سان هو، هو گذريل ڪيترن ئي عرصي کان ڪوئلي جي کاڻ ۾ ڪم ڪندا هئا

مائنز کاتي جي اختيارين پاران حادثي جي سببن جي جاچ لاءِ انڪوائري ڪميٽي پڻ قائم ڪئي وئي، جوڙيل ڪميٽي جاچ بعد جلد پنهنجي رپورٽ پيش ڪندي

ڪوئلي جي کاڻ ۾ ٿيل ڌماڪي ڪيترن ئي خاندانن کي سوڳوار بڻائي ڇڏيو، متاثر خاندانن پاران اهڙن حادثن جي روڪٿام لاءِ ترجيحي بنيادن تي اثرائتا حفاظتي قدم کڻڻ جو مطالبو

ڪوئيٽا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڪوئيٽا پرسان سورينج ڪول فيلڊ ۾ ڪوئلي جي کاڻ ۾ ٿيل المناڪ ڌماڪي ڪانپوءِ جاري ريسڪيو آپريشن لڳ ڀڳ 45 ڪلاڪن ڪانپوءِ مڪمل ڪيو ويو. ريسڪيو ٽيمن کاڻ مان وڌيڪ ٻن مزدورن جا لاش ڪڍي ضروري قانوني ڪارروائي ڪانپوءِ سندن اباڻن علائقن شانگلا ڏانهن روانا ڪري ڇڏيا. هن دل ڏاريندڙ حادثي ۾ هڪ ئي خاندان جا 4

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ڪوئيٽا: ڪوئلي جي کاڻ ۾ ٿيل ڌماڪي سبب فوت ٿيل مزدورن جا ساٿي روئي رهيا آهن

آزاد ڪشمير ۾ برساتن ۽ لينڊ سلائيڊنگ سبب 27 مظفرآباد ون ڪوٽلا جي پولنگ ملتوي

علائقي ۾ مختلف روڊ رستا بند هجڻ سبب پولنگ عملو ۽ چونڊ سامان وقت تي نہ پهچي سگهيو

انتظاميا جي ڪوشش باوجود روڊ رستا بحال نہ ٿي سگهيا، پولنگ جي نئين تاريخ جو اعلان بعد ۾ ڪيو ويندو

مظفرآباد (اي پي پي) اليڪشن ڪميشن آزاد ڪشمير قانون ساز اسيمبلي جي تڪ ايل اي-27 مظفرآباد ون ڪوٽلا ۾ پولنگ

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

چين سرنگون کوٽڻ لاءِ جديد ترين مشين جي باقاعده پيداوار شروع ڪري ڇڏي

مشين سخت جبلن ۽ ڏکين علائقن ۾ سرنگون کوٽڻ جي ٽيڪنالاجي ۾ هڪ اهم اڳڀرائي آهي

چائنا ريلوي سائنس اينڊ انڊسٽري گروپ پاران ان مشين کي ووهان ۾ شهر ناهيو پيو وڃي

بيجنگ (اي پي پي) چين سرنگون کوٽڻ لاءِ جديد ترين مشين شيانگ لونگ جي باقاعده پيداوار شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

حضرت داتا گنج بخش جي سالياني عرس جون تقريبون شروع، قافلا پهچي ويا

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ صوبائي اڳواڻن مزار تي چادر چاڙهي ميلي جو افتتاح ڪيو

ٽيمپاڪ اختيارين طرفان نائب وزيراعظم ۽ ٻين کي داتا دربار توسيعي رٿا جي بابت بريفنگ ڏني

لاهور (اي پي پي) حضرت سيد علي بن عثمان الهجويري المعروف حضرت داتا گنج بخش جي 983 هين سالياني عرس جي ڪر

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

سعودي ولي عهد ۽ ٽرمپ وچ ۾ ٽيليفونڪ رابطو، وچ اوڀر ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ تي زور

ولي عهد شهزادہ محمد بن سلمان ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ ڳالهين کي ترجيح ڏيڻ تي زور ڀريو

جنگ بندي تائين پهچڻ لاءِ ٿيندڙ سمورين ممڪن ڪوششن سان سفارتڪاري جي راهه هموار ٿيندي

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي ولي عهد شهزادہ محمد بن سلمان ۽ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ وچ ۾ فون تي ڳالهه ٻولهه

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

لاهور: نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار داتا گنج بخش (رح) جي مزار تي چادر چاڙهي سالياني عرس جي تقريبن جو افتتاح ڪندي

برساتن دوران مزارن ۽ درگاهن تي زائرين جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي: رياض شاهه شيرازي

درگاهن تي لڳايل واڪ ٿرو گيٽس سي سي ٽي وي ڪئميرائون بجلي جو سامان محفوظ رکيو وڃي

لاڳاپيل عملدارن برساتن دوران هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ انتظام برقرار رکن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي اوقاف، مذهبي معاملن، زڪوات ۽ عشر واري وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي صوبي ۾

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

برساتي نالن، شاخن، واهن ۽ پاڻي جي قدرتي وهڪرن جي مسلسل نگراني ڪئي وڃي: گيانچند ايسراڻي

اجلاس ۾ برساتي صورتحال، انتظامي تيارين ۽ رليف قدمن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي

سمورن ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن کي هاءِ الرٽ رهڻ، عوام کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير جي بحالي کاتي واري صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جي صدارت هيٺ صوبي ۾ جاري

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

نوجوانن لاءِ سنڌ يوٿ ڪارڊ جاري ڪرڻ جو عمل مڪمل ڪري ورتو آهي: محمد بخش مهر

پهرين مرحلي ۾ 30 ضلعن جي هڪ لک نوجوانن کي مختلف سهولتن ۽ موقعا فراهم ڪيا ويندا

بغير بياج جي قرض، مالي سهڪار ۽ عالمي معيار جي اسڪل ٽريننگ جهڙين سهولتن تي خاص رعايتون ملنديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) رانديين ۽ نوجوانن جي معاملن واري صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر چيو آهي تہ پاڪستان پيپلز

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٿاڻي تي پٿراءُ ڪرڻ ۽ هنگامن جي الزام هيٺ ٽي کدڙا فقير گرفتار

بوٽ بيسن ٿاڻي تي پٿراءُ، سرڪاري ملڪيت کي نقصان پهچائڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو

مشتعل کدڙا فقير وڏي انگ ۾ ٿاڻي اندر داخل ٿيا، گاريون ڏيندي گاڏين جا شيشا ٽوڙي ڇڏيا: الزام

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بوٽ بيسن ٿاڻي تي پٿراءُ ۽ سرڪاري ملڪيت کي نقصان پهچائڻ واري واقعي ۾ ڪن کدڙن فقيرن کي گرفتار ڪيو ويو. ڪراچي پوليس پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي تہ ڪجهه

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

عراق جي سرزمين تان شروع ٿيل ڪنهن بہ حملي جو جواب ڏنو ويندو، شام ۽ اردن جو چتاءُ

شام کي نشانو بڻائڻ واري ڪنهن بہ ڪارروائي لاءِ عراقي سرزمين جي استعمال کي روڪڻ لاءِ قدم کنيا ويندا

جيڪڏهن اردن جي سرزمين تي حملا ٿيا تہ اسان ايران نواز مليشيا کي نشانو بڻائينداسين

دمشق (اي پي پي) شام جي اختيارين عراق کي پنهنجي ملڪن وچ ۾ سرحدي پٽي ويجهو ايران نواز مليشيا جي چرپر جو پتو لڳڻ ڪانپوءِ آگاهه ڪيو آهي تہ عراق جي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ نوجوان مير رضا علي جي قتل کان اڳ واري سي سي ٽي وي وڊيو هٿ اچي وئي

نوجوان کي دراز مان هٿيار ڪڍي گاڏي ۾ رکيو ۽ هو ٻيهر باورچي خاني ڏانهن ويندي نظر آيو

مقتول جو لاش انتهائي خراب حالت ۾ مليو، ڪيس سيني ۾ گولي هڻي قتل ڪيو ويو هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گلستان جوهر مان نوجوان مير رضا علي خان جو لاش ملڻ واري واقعي ۾ قتل کان اڳ جي سي سي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ حادثن ۽ واقعن سبب 5 ڄڻا فوت، عورت سميت 9 ڄڻا زخمي

ڊاڪس ويجهو سمنڊ ۾ وهنجڻ دوران 18 سالن جو نوجوان ياسر ولد نصير ٻڏي فوت ٿي ويو

ماڙيپور دعا هوٽل جي ويجهو روڊ حادثي ۾ 15 سالن جو نوجوان حسنين ولد سهيل فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ايمرجنسي رسپانس ڪميٽي پاران برسات متاثر علائقن ۾ امدادي ڪارروايون تيز ڪرڻ جو فيصلو

اين ڊي ايم اي هيڊ ڪوارٽرز جي نيشنل ايمرجنسيز آپريشن سينٽر ۾ ڪميٽي جو 10هون اجلاس منعقد ٿيو

وفاقي وزير احسن اقبال ويڊيو لنڪ ذريعي اجلاس جي صدارت ڪئي، وفاقي ۽ صوبائي عملدارن جي شرڪت

تازين برساتن کان پوءِ پيدا ٿيل ٻوڏ واري صورتحال بابت وقت سر امدادي قدمن کان بہ آگاهه ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) ايمرجنسي رسپانس ڪميٽي جو 10هون اجلاس اين ڊي ايم اي هيڊ ڪوارٽرز جي نيشنل ايمرجنسيز آپريشن سينٽر (اين اي او سي) ۾ منعقد ٿيو وزيراعظم جي هدايتن تي اهو اجلاس روزاني جي بنيادن تي ٿي رهيو آهي ۽ رٿابندي ۽ سڌارن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال ويڊيو لنڪ ذريعي اجلاس جي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سياسي پارٽيون جمهوري عمل کي پرامن طريقي سان اڳيان وڌڻ ڏين: امير مقام

پارٽين کي هڪٻئي تي الزام لڳائڻ بدران عوامي اعتماد حاصل ڪرڻ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي

اسلام آباد (اي پي پي) ڪشمير گلگت

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پ پ چيئرمين پاران آزاد ڪشمير ۾ ٻئي مرحلي جي چونڊن ۾ پڻ ڌانڌلي جا الزام، نتيجا نٿا مڃون: بلاول ڀٽو زرداري

اليڪشن ڪميشن آزاد ڪشمير جي پهرين چونڊ مرحلي ۾ اسان جي شڪايتن تي ڪارروائي ڪرڻ ۾ ناڪام رهي

پاڪستان پيپلز پارٽي احتجاج ڪرڻ ۽ ٻيهر چونڊون ڪرائڻ جي مطالبي جو حق محفوظ رکي ٿي

ٻئي مرحلي جي چونڊن بابت ڪيترائي پيرا لکت ۾ شڪايتون موڪليون ويون پر ڪابہ ڪارروائي ناهي ٿي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي تہ اليڪشن ڪميشن آزاد ڪشمير جي پهرين چونڊ مرحلي ۾ اسان جي شڪايتن تي ڪارروائي ڪرڻ ۾ ناڪام

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

آزاد ڪشمير جي وزيراعظم پاران آزاد ڪشمير جي وقتي صدر تي حملي جي مذمت

چوڌري لطيف اڪبر تي حملو ڪشمير ۾ وقار ۽ اصولن ڀريل سياست تي هڪ چماٽ آهي: ممتاز راٺوڙ

حملي ۾ ملوث ڌرين خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي، چيف سيڪريٽري ۽ آءِ جي پوليس کي هدايت

اسلام آباد (اي پي پي) آزاد ڪشمير جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

هنگو ۾ ڪارروائي، خزينا باندا چيڪ پوسٽ حملي جو ماسٽر مائينڊ معاون، مارجي ويو

سيڪيورٽي فورسز انٽيليجنس بنياد تي ڇوڙي نرواب جي علائقي ۾ ڪامياب ڪارروائي ڪئي

اسلام آباد (م د) سيڪيورٽي فورسز هنگو ۾ انٽيليجنس بنياد تي ڪارروائي ڪندي خزينا باندا چيڪ پوسٽ تي حملي جي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: هڪ ناري پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪري رهي آهي

پيپلزپارٽي پاران آزاد ڪشمير جي چونڊن ۾ مبينا بيضابطگين جو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

اليڪشن ڪميشن کي موڪليل درخواستن ۾ مبينا ڌانڌلي، انتظامي غفلت ۽ چونڊ ضابطن جي ڀڃڪڙين جا الزام

مختلف پولنگ اسٽيشنن تي بيلٽ باڪس ٻاهر منتقل ڪري مبينا طور ڌانڌلي ٿيڻ جي شڪايت ڪئي وئي

پيپلزپارٽي جي پولنگ ايجنٽن کي پولنگ اسٽيشنن ۾ داخل ٿيڻ کان پڻ روڪيو ويو آهي: موقف

مظفرآباد (م د) پيپلزپارٽي آزاد ڪشمير جي مختلف چونڊ تڪن ۾ مبينا بي ضابطگين تي اليڪشن ڪميشن کان فوري مداخلت جو مطالبو ڪري ڇڏيو پارٽي طرفان اليڪشن ڪميشن کي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ايم ڪيو ايم جي ٻن ڌڙن ۾ تڪرار تيز، هيڪيٽي تي حملا، فائرنگ، ڪارڪن زخمي، ڇڪتاڻ

بهادرآباد مرڪز ۾ ٿيل اجلاس دوران ٻنهي ڌڙن ۾ ڳالهين دوران اختلاف وڌي جهيڙي تائين پهچي ويا

ٻنهي گروپن جي ڪارڪنن هڪٻئي مٿان الزام ڪندي ڪرسيون اڇلايون ۽ فائرنگ پڻ ڪئي وئي

هڪ ڌر جو ڪارڪن ذاڪر زخمي، ايم پي اي اعجاز الحق، منگلا شرما، سبين غوري سان بہ بدتميزي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي مرڪز بهادرآباد ۾ پارٽي جي ٻن ڌڙن وچ ۾ شروع ٿيل تڪرار وڌيڪ شدت اختيار ڪري ويو مختلف ذريعن موجب رابطا ڪميٽي جي اجلاس کان پوءِ اختلاف ڳالهين کان وڌي هٿاپائي ڪرسين هلڻ ۽ پوءِ فائرنگ تائين پهچي ويا. شروعاتي رپورٽن موجب رابطا ڪميٽي جي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

سڄي ملڪ ۾ هڪ هفتي دوران برساتن سبب 126 ڄڻا فوت، 404 زخمي ٿيڻ جي تصديق

اين ڊي ايم اي 26 جون کان پهرين آگسٽ تائين ٿيل جاني ۽ مالي نقصان جي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

خيبرپختونخوا ۾ 26 ٻارڙن سميت سڀ کان وڌيڪ 55 ڄڻا فوت ٿيا، پنجاب ۾ 47 ڄڻا فوت ٿيا

سنڌ ۾ ٻن ٻارڙن سميت 5 ڄڻا فوت ۽ 7 زخمي ٿيا، بلوچستان ۾ 8 ڄڻا فوت ۽ 15 زخمي ٿيا: رپورٽ

اسلام آباد (م د) نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (اين ڊي ايم اي) 26 جون کان پهرين آگسٽ تائين ملڪ ۾ چوماسي جي برساتن سبب ٿيل جاني ۽ مالي نقصان جي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: مختلف علائقن ۾ برسات بعد روڊ تي بيٺل پاڻي جو ڏيک، ٻئي طرف پاڻي ۾ ڦاٿل گاڏي کي ڪڍي پيو رهي

نون صوبن جي ڳالهه رڳو فساد ۽ صوبائي حقن لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿي: زين شاهه

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جي صدر آصف زرداري سان ملاقات ڪانپوءِ ڏنل بيان ڪٽڻي جوڳو آهي

پيپلز پارٽي جي سينيٽرز ثبات ۽ چيئرمين جي خاموشي ڪيترن ئي سوالن کي جنم ڏئي رهي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر ۽ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي وائس چيئرمين سيد زين شاهه پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي تہ پاڪستان هن وقت انتهائي نازڪ

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

وچ اوڀر جي ملڪن جي درخواست تي اسان ايران خلاف حملي جو منصوبو رد ڪري ڇڏيو آهي: آمريڪي صدر

آمريڪا اهڙي فوجي ڪارروائي لاءِ مڪمل طور تي تيار هو جيڪا ٻيءَ مهاڀاري جنگ ڪانپوءِ ڪڏهن بہ ناهي ڏٺي وئي

ايران سان هڪ معاهدي جي نڪتن تي اتفاق ٿي چڪو آهي، جنهن کان پوءِ ٿي تجويز ڪيل حملو رد ڪيو آهي

معاهدي ۾ آبنائي هرمز کي فوري، مڪمل ۽ غير مشروط طور تي کولڻ ۽ ايران جي ايٽمي خطري جو خاتمو شامل آهي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي تہ ايران ۽ وچ اوڀر جي ٻين ملڪن اسان کي درخواست ڪئي آهي تہ اسان حملو روڪي ڇڏيون، ڇو جو هڪ معاهدي جي نڪتن تي اتفاق ٿي چڪو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق آمريڪي صدر ٽروٿ سوشل تي جاري بيان ۾ چيو آهي تہ آمريڪا ايران خلاف اهڙي فوجي ڪارروائي لاءِ مڪمل طور تي تيار هو جنهن جي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: ووٽر پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪري رهيا آهن

پاڪ آمريڪا اقتصادي سهڪار ۾ نئين اڳڀرائي، آمريڪي وفد پاران ڪراچي ۾ سيڙپڪاري تي اتفاق

ايس آئي ايف سي جي معاونت سان اعليٰ سطحي آمريڪي ڪاروباري وفد شهر جو ٻن ڏينهن وارو دورو ڪيو

ڪيپيٽل مارڪيٽس، زراعت، ٽيڪسٽائل، توانائي، معدنيات، صحت ۽ ٻين شعبن ۾ سيڙپڪاري جا امڪان ظاهر

پاڪستان ۾ سيڙپڪاري جا موقعا، ڪاروباري اعتماد ۽ معاشي تعاون وڌيڪ سگهارو ٿي رهيو آهي: اڳواڻ

اسلام آباد (اي پي پي) خصوصي سيڙپڪاري سهولت ڪائونسل (ايس آئي ايف سي) جي معاونت سان اعليٰ سطحي آمريڪي ڪاروباري وفد ڪراچي جو ٻن ڏينهن جو دورو ڪيو. دوري جي ٻئي ڏينهن

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني عبرت

ڄڻا فوت ٿيا، جن ۾ 3سگها ڀائر به شامل آهن. ريسڪيو آپريشن مڪمل ٿيڻ کانپوءِ کاڻ کي سيل ڪيو ويو آهي. فوت ٿيل سمورن مزدورن جا مڙهه سندن آبائي علائقن ڏانهن اماڻيا ويا، جن مان 31 ڄڻن جو تعلق ضلعي شانگلا ۽ 3ڄڻن جو تعلق ضلعي صوابي سان هو. هو گذريل ڪيترن ئي عرصي کان ڪوئلي جي کاڻ ۾ ڪم ڪندا هئا مائنز کاتي جي اختيارين موجب حادثي جي سببن جي جاچ لاءِ قائم ڪيل انڪوائري ڪميٽي جلد پنهنجي رپورٽ پيش ڪندي سورينج جي ڪوئلي واري کاڻ ۾ ٿيل هن ڏکاري ڪيترن ئي خاندانن کي سوڳوار بڻائي ڇڏيو آهي. متاثر خاندانن حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته اهڙن حادثن جي روڪٿام لاءِ ترجيحي بنيادن تي اڳواٽ حفاظتي قدم کنيا وڃن جيئن مستقبل ۾ کاڻ مزدور اهڙن ناقابلِ تلافي سانحن کان محفوظ رهي سگهن

بقايا 2 روزاني عبرت

صدارت ڪئي جڏهن ته وفاقي ۽ صوبائي عملدارن ۽ لاڳاپيل ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي اين ڊي ايم اي جي ميڊيا ونگ موجب اين ڊي ايم اي جي چيئرمين ۽ اين اي او سي ٽيم سڄي ملڪ ۾ سانوڻي جي صورتحال جائزي ۽ مالي نقصانن امداد ۽ بحالي وارين سرگرمين تي ڪميٽي کي تفصيلي بريفنگ ڏني اين ڊي ايم اي چيئرمين ڪميٽي کي وڌيڪ ٻڌايو ته امڪاني برساتن سبب سمورن متاثر علائقن ۾ ڊپٽي ڪمشنرن کي صورتحال کان وقت سر آگاهه ڪيو ويو آهي ڪميٽي کي تازين برساتن کان پوءِ پيدا ٿيل ٻوڏ واري صورتحال ۽ لاڳاپيل وفاقي، صوبائي ۽ ضلعي ادارن جي وقت سر امدادي قدمن کان به آگاهه ڪيو ويو اين اي او سي آگاهه ڪيو ته ايندڙ ڏينهن ۾ اترين ۽ وچين علائقن جڏهن ته ڏکڻ ۽ اوڀر سنڌ جي ڪجهه هنڌن تي به برسات جا امڪان آهن اين ڊي ايم اي جي متاثر علائقن ۾ قومي ۽ عالمي ڀائيواري وارن ادارن جي تعاون سان جاري رليف سرگرمين تي به بريفنگ ڏني وئي. اين ڊي ايم اي ٽيم ڪميٽي کي ٻڌايو ته تازين سانوڻي جي برساتن دوران ٿيل فوتگيون گهڻي ڀاڱي ڪچن گهرن ڪرڻ ۽ تعميرات کي نقصان پهچڻ سبب ٿيون آهن اجلاس ۾ وفاقي وزارتن، صوبائي حڪومتن ۽ ضلعي انتظاميه جي امدادي، ريسڪيو ۽ بحالي جي ڪوششن جي تعريف ڪئي وئي ايمرجنسي ريسپانس ڪميٽي سمورن لاڳاپيل ادارن کي گڏيل رابطا، اڳواٽ تياري، امدادي ڪارروائين ۽ بحالي جي عمل ۾ وڌيڪ تيزي آڻڻ جي هدايت ڪئي آهي

بقايا 3 روزاني عبرت

بلتستان ۽ سيفران معاملن واري وفاقي وزير انجنيئر امير مقام سمورن پارٽين کان مطالبو ڪيو آهي ته هو جمهوري عمل کي پرامن طريقي سان اڳيان وڌڻ ڏين ۽ ووٽرن کي بيلٽ باڪس ذريعي نتيجن جو فيصلو ڪرڻ ڏين اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته سياسي پارٽين کي الزامن لڳائڻ بدران عوامي اعتماد حاصل ڪرڻ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي جيڪو پولنگ کان اڳ ئي چونڊ عمل کي ڪمزور ڪري سگهي ٿو هن چيو ته الزامن ذريعي چونڊ نتيجا تبديل نٿا ڪري سگهجن ۽ سياسي ڌرين کان مطالبو ڪيو ته هو عوام جي فيصلي کي قبول ڪن امير مقام چيو ته بنا ثبوتن جي الزام لڳائڻ سان اليڪشن جا نتيجا تبديل ناهن ٿيندا، ٻين تي الزام لڳائڻ بدران سياسي پارٽين کي عوام کان پڇڻ گهرجي ته انهن کي ووٽ ڇو نه مليو. عوام جو فيصلو وڏي دل سان قبول ڪرڻ گهرجي امير مقام چيو ته مسلم ليگ (ن) سياسي اختلافن باوجود گلگت بلتستان اليڪشن جي نتيجن کي قبول ڪيو هو ۽ اميد آهي ته ٻيون پارٽيون به ان جمهوري جذبي جو مظاهرو ڪنديون هن چيو ته شروعات ۾ هنن چئن تڪن تي اعتراض ڪيو هو ۽ هاڻي انهن دعوائن کي وري ٻن تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي شڪايتن جي جاچ لاءِ انڪوائري ڪميٽي اڳ ئي جوڙي وئي آهي پر انهن الزامن سبب اڃا تائين ڪي به ٺوس شيون سامهون ناهن آيون. هن چيو ته پي پي پي اڳواڻن سان ملاقاتون ٿيون هيون پر ڪي به متفق سياسي فريم ورڪ جون خلاف ورزيون نه ڪيون وڃن امير مقام الزام لڳايو ته اسان هٿ ٺوڪين بدلين ۽ انتظامي فيصلن جو مشاهدو ڪيو آهي جيڪو امتيازي لڳي ٿو. اهڙا قدم سياسي پارٽين لاءِ ناهموار ميدان پيدا ڪندا آهن هن چيو ته حل عام چونڊن ۾ آهي ماڻهن کي فيصلو ڪرڻ ڏيو ته هو ڪنهن کي اڳواڻي سونپڻ چاهين ٿا ۽ پوءِ سڀني کي اهو فيصلو قبول ڪرڻ گهرجي هن چيو ته آزاد ڪشمير جا ماڻهو هڪ ڀيرو ٻيهر پي ايم ايل (اين) جي قيادت تي اعتماد ڪندا، هن چيو ته جيڪڏهن ڪشمير جا ماڻهو حقيقي تبديلي ۽ پائيدار ترقي چاهين ٿا ته پوءِ اهو صرف سندن قائد ميان نواز شريف ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف جي قيادت ۾ ئي ممڪن آهي

بقايا 4 روزاني عبرت

رهي، جيڪڏهن وقت سر ڪارروائي ڪئي وڃي ها ته اڄ ٻي مرحلي جي چونڊن جي ساک بحال ٿي سگهي ها. گذريل ڏينهن ايڪس تي جاري ڪيل پيغام ۾ هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي انهن سمورن مرحلن ۾ جتي ڌانڌلي ٿي ۽ اليڪشن ڪميشن ڪارروائي ڪرڻ ۾ ناڪام رهي، احتجاج ڪرڻ ۽ ٻيهر چونڊون ڪرائڻ جي مطالبي جو حق محفوظ رکي ٿي هن چيو ته اڄ جي چونڊن جي حوالي سان ڪيترائي پيرا ڪٽ ۽ شڪايتون اليڪشن ڪميشن کي موڪليون ويون آهن هن اميد ظاهر ڪئي ته اليڪشن ڪميشن فوري ڪارروائي ڪندي گهٽ ۾ گهٽ ايندڙ مرحلي جي چونڊن ۾ شفافيت ۽ انصاف کي يقيني بڻايو ويندو

بقايا 5 روزاني عبرت

وزيراعظم فيصل ممتاز راٺوڙ آزاد ڪشمير جي وقتي صدر چوڌري لطيف اڪبر تي حملي جي مذمت ڪندي آزاد ڪشمير جي چيف سيڪريٽري ۽ آءِ جي پوليس کي هدايت ڪئي آهي ته حملي ۾ ملوث ڌرين خلاف فوري طور تي ڪارروائي ڪئي وڃي. جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم فيصل ممتاز راٺوڙ چونڊ عمل دوران سيڪيورٽي جي خراب صورتحال تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته وقتي صدر تي حملو ڪشمير ۾ وقار ۽ اصول پسندي جي سياست تي هڪ چماٽ آهي

بقايا 6 روزاني عبرت

ماسٽر مائينڊ خوارجي معاويه کي ماري ڇڏيو رپورٽ موجب اها ڪارروائي هنگو جي علائقي ڇپڙي ترياب ۾ ڪئي وئي معاويه فتنة الخوارج سان لاڳاپيل اهم ڪمانڊر هو ۽ سيڪيورٽي فورسز کي ڪيترن ئي دهشتگرد ڪارروائين ۾ گهربل هو سيڪيورٽي فورسز جي اختيارين موجب خزينا باندا چيڪ پوسٽ تي حملي ۾ ملوث سمورن دهشتگردن خلاف بنا فرق ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ ڪنهن کي به معافي نه ڏني ويندي. اختيارين موجب امير معاويه جو خاتمو دهشتگرد نيٽ ورڪ لاءِ وڏو ڌڪ آهي.

بقايا 7 روزاني عبرت

موڪليل درخواستن ۾ مبينا ڌانڌلي، انتظامي غفلت ۽ چونڊ ضابطن جي ڀڃڪڙين جي جاچ جو مطالبو ڪيو ويو آهي پيپلزپارٽي موجب تڪ ايل اي-28 جي 71 پولنگ اسٽيشنن تي عملي جي نه پهچڻ سبب ووٽنگ شروع نه ٿي سگهي. پارٽي متاثر پولنگ اسٽيشنن تي ووٽنگ جو وقت وڌائڻ جو مطالبو ڪيو آهي. تڪ ايل اي-30 جي بنار لنگاهه پولنگ اسٽيشن تي بيلٽ باڪس ٻاهر منتقل ڪري مبينا طور بيلٽ پيپر ڀرڻ جي شڪايت ڪئي وئي آهي تڪ ايل اي-31 ۾ رنگلا ڪنڪير روڊ بند هجڻ سبب 50 کان وڌيڪ گاڏين ۾ سوار ووٽر ڦاسي پيا، جنهن تي پيپلزپارٽي روڊ کولڻ ۽ پولنگ جو وقت وڌائڻ جو مطالبو ڪيو. تڪ ايل اي-32 جي ٽن پولنگ اسٽيشنن تي پولنگ ايجنٽن کي اندر وڃڻ جي اجازت نه ڏيڻ جي شڪايت پڻ ڪئي وئي جڏهن ته ايل اي-34 ۾ پيپلزپارٽي جي پولنگ ايجنٽن کي مبينا طور پولنگ اسٽيشنن ۾ داخل ٿيڻ کان روڪيو ويو.

بقايا 8 روزاني عبرت

رپورٽ موجب ان عرصي دوران ملڪ ۾ برساتن سان لاڳاپيل مختلف حادثن ۾ 126 ڄڻا فوت ۽ 404 زخمي ٿيا. خيبرپختونخوا ۾ سڀ کان وڌيڪ 55 ڄڻا فوت ٿيا، جن ۾ 26 ٻار شامل آهن پنجاب ۾ 47 ڄڻا فوت ٿيا، جن ۾ 19 ٻار شامل آهن. جڏهن ته 295 ڄڻا زخمي ٿيا، جن ۾ 68 ٻار پڻ شامل آهن سنڌ ۾ 5 ڄڻا فوت ۽ 7 زخمي ٿيا، فوت ٿيلن ۾ 2 ٻار پڻ شامل آهن. بلوچستان ۾ 8 ڄڻا فوت ۽ 15 زخمي ٿيا. اين ڊي ايم اي موجب پنجاب ۾ برسات متاثر ماڻهن لاءِ 75 رليف ڪيمپ قائم ڪيا ويا، جڏهن ته گرمي جي شدت کي منهن ڏيڻ لاءِ 333 هيٽ ويو ڪيمپ پڻ قائم ڪيا ويا، جتي 2,203 ماڻهن کي طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون. گذريل 24 ڪلاڪن دوران پنجاب ۾ 4 ريسڪيو آپريشن ڪري 9 ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو ويو، جڏهن ته خيبرپختونخوا ۾ 2 ۽ سنڌ ۾ 5 ماڻهن کي ريسڪيو ڪيو ويو.

بقايا 9 روزاني عبرت

سرزمين تان شروع ٿيل ڪنهن به حملي جو ڀرپور جواب ڏنو ويندو پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽ مطابق شام عراق جي اختيارين سان سڌي ريت رابطو ڪري اها وارننگ انهن تائين پهچائي ۽ مطالبو ڪيو ته شام کي نشانو بڻائڻ واري ڪنهن به ڪارروائي لاءِ عراق جي سرزمين جي استعمال کي روڪڻ لاءِ قدم کنيا وڃن. اردن جي سرڪاري ذريعن مطابق اردن جي حڪومت به عراق جي حڪومت کي اطلاع ڪري ڇڏيو آهي ته جيڪڏهن اردن جي سرزمين تي حملا ٿيا ته هو ايران نواز مليشيا کي نشانو بڻائيندي رپورٽ مطابق اردن جي اختيارين عراقي حڪومت کي مليشيا طرفان اردني سرزمين کي نشانو بڻائڻ جي منصوبن بابت معلومات کان آگاهه ڪيو

بقايا 10 روزاني عبرت

شدت، طاقت ۽ عسڪري صلاحيت ٻئين مهاڀاري جنگ کانپوءِ ڪڏهن به ناهي ڏٺي وئي. صدر ڊونلڊ ٽرمپ مطابق ان تجويز ڪيل معاهدي ۾ آبنائي هرمز کي فوري، مڪمل ۽ غير مشروط طور تي کولڻ ۽ ايران جي ايٽمي خطري جو خاتمو شامل آهي. هن وڌيڪ چيو ته ان درخواست جي بنياد تي دنيا جي بهتر مستقبل ۽ هڪ ڪامياب ۽ خوشحال ايران جي بقا کي نظر ۾ رکندي تيزي سان معاهدو طئي ٿيڻ جي شرط تي تجويز ڪيل حملو رد ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي آمريڪي صدر اهو به چيو ته ان عزم ۾ اسرائيل به اسان سان گڏ شامل آهي. هاڻي سڀ ڪم تي لڳي وڃن ۽ ان معاهدي کي مڪمل ڪن

بقايا 11 روزاني عبرت

وفد صوبائي وزيرن سان ملاقات ڪئي ۽ اهم سيڙپڪاري موقعن جو جائزو ورتو. ملاقات ۾ بن قاسم انڊسٽريل پارڪ، ڪراچي انڊسٽريل پارڪ ۽ ٻين رٿائن ۾ سيڙپڪاري تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. آمريڪي وفد کي سنڌ بزنس ون اسٽاپ شاپ، ڪيٽي بندر پورٽ، اين اي ڊي ٽيڪ پارڪ ۽ تجويز ڪيل سنڌ انٽرنيشنل فنانشل سينٽر متعلق پڻ بريفنگ ڏني وئي. پاڪستان بزنس ڪائونسل سان ملاقات ۾ ڪيپيٽل مارڪيٽس، زراعت، ٽيڪسٽائل، توانائي، معدنيات، صحت ۽ ٻين شعبن ۾ سيڙپڪاري جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. آمريڪي وفد پاڪستان جي بهتر سيڙپڪاري ماحول ۽ مختلف شعبن ۾ ڪاروباري موقعن ۾ دلچسپي ڏيکاري. ڪاروباري اڳواڻن سيڙپڪارن جي اعتماد، پاليسي تسلسل ۽ ڪاروبار کي آسان بنائڻ لاءِ ايس آءِ ايف سي جي ڪردار کي ساراهيندي چيو ته ايس آءِ ايف سي جي سهولتڪاري سان پاڪستان ۾ سيڙپڪاري جا موقعا، ڪاروباري اعتماد ۽ پاڪ آمريڪا معاشي تعاون وڌيڪ سگهارو ٿي رهيو آهي

بقايا 12 روزاني عبرت

ٿي آهي، جنهن جو مقصد خطي ۾ ٿيندڙ ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي آڻڻ هو پرڏيهي ميڊيا موجب ولي عهد شهزاده محمد بن سلمان ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ ڳالهين کي ترجيح ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڀريو ۽ جنگ بندي تائين پهچڻ لاءِ اهڙيون سموريون ممڪن ڪوششون ڪرڻ جي اهميت تي به زور ڀريو جن سان سفارتڪاري جي راهه هموار ٿئي

بقايا 13 روزاني عبرت

ڏينهن وارين تقريبن جي شروعات ٿي وئي نائب وزيراعظم محمد اسحاق ڊار آچر تي صبح جو پنجاب جي وزيراعليٰ جي صلاحڪار علي ڊار، هائوسنگ واري صوبائي وزير بلال ياسين، ناٿي واري صوبائي وزير ميان مجتبيٰ شجاع الرحمان، چيئرمين اسلامي نظرياتي ڪائونسل ڊاڪٽر راغب حسين نعيمي، سيڪريٽري اوقاف پنجاب ڊاڪٽر احسان ڀٽه سان گڏ چادر چاڙهڻ واري رسم ذريعي عرس تقريبن ۽ کير واري سبيل جو افتتاح ڪيو. جامع مسجد داتا دربار جي خطيب ان موقعي تي دعا پڻ ڪرائي. چادر چاڙهڻ واري رسم بعد سينيٽر اسحاق ڊار مزار تي کير جي سبيل ۽ لنگر جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي مواصلات ۽ تعميرات واري کاتي ۽ نيسپاڪ اختيارين طرفان نائب وزيراعظم ۽ ٻين شخصيتن کي داتا دربار توسيعي رٿا جي حوالي سان بريفنگ پڻ ڏني وئي. ان موقعي تي سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا.

بقايا 14 روزاني عبرت

پرڏيهي ميڊيا مطابق اها مشين چائنا ريلوي سائنس اينڊ انڊسٽري گروپ تيار ڪئي آهي ۽ ان کي چين جي صوبي هوبي جي شهر ووهان ۾ لاهيو پيو وڃي اها مشين سخت جبلن ۽ ڏکين علائقن ۾ سرنگون تعمير ڪرڻ جي ٽيڪنالاجي ۾ هڪ اهم اڳڀرائي آهي ۽ ان جي ڪارڪردگي چين ۾ ان وقت سرنگون کوٽڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ مشينن کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ بهتر آهي اها چين جي بهترين بورنگ اينڊ بلاسٽنگ مشين آهي ان جي سامهون واري حصو 4.55 ميٽر وزن 400 ٽن ۽ ڊيگهه 70 ميٽر آهي

بقايا 15 روزاني عبرت

ملتوي ڪري ڇڏي اليڪشن ڪميشن پاران جاري بيان مطابق برساتن ۽ لينڊ سلائيڊنگ سبب ايل اي-27 ۾ پولنگ نه ٿي سگهي، مختلف روڊ رستا بند هجڻ سبب پولنگ عملو ۽ چونڊ سامان وقت تي نه پهچي سگهيو تڪ ۾ پولنگ جي نئين تاريخ جو اعلان بعد ۾ ڪيو ويندو ضلعي انتظاميا جي ڪوشش باوجود روڊ رستا مڪمل بحال نه ٿي سگهيا اليڪشن ڪميشن ووٽرز کي سهڪار جي اپيل ڪندي زحمت تي معذرت جو اظهار ڪيو ٻين سمورن تڪن ۾ پولنگ شيڊول مطابق جاري رهيو

بقايا 16 روزاني عبرت

بمبار ڪبل ٿاڻي اندر داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي پر پوليس اهلڪار کيس اندر داخل ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو جنهن بعد بمبار ٿاڻي جي گيٽ تي پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو هن چيو ته ٿاڻي پرسان پوليس لائين ۽ حساس عمارتون پڻ موجود آهن. شروعاتي طور چار پوليس اهلڪار سخت زخمي ٿيا، جڏهن ته ٻن شهرين جي زخمي ٿيڻ جي پڻ ڄاڻ ملي آهي ريسڪيو 1122 جي ترجمان بلال احمد فيضي موجب ڌماڪي جي اطلاع ملندي ئي ريسڪيو ٽيمون زخمين کي اسپتال منتقل ڪرڻ لاءِ واقعي واري هنڌ پهچي ويون طبي ٽيمون ۽ ايمبولينسون پڻ فوري طور روانيون ڪيون ويون. ريسڪيو 1122 موجب ڪبل ۾ ٿيل مبينا ڌماڪي ۾ هيل تائين 9 ڄڻا مارجي ويا آهن جڏهن ته 15 کان وڌيڪ زخمين کي ڪبل ۽ سيدو شريف جي مختلف اسپتالن ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي امدادي ڪارروايون جاري آهن وفاقي گهرو وزير محسن نقوي، خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي، اڳوڻي وڏي وزير علي امين گنڊاپور ۽ ٻين عملدارن ڪبل ٿاڻي ٻاهران ٿيل ڌماڪي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي محسن نقوي چيو ته بهادر پوليس اهلڪارن پنهنجي جانين جي قرباني ڏئي آپگهاتي بمبار کي ٿاڻي اندر داخل ٿيڻ کان روڪيو هن چيو ته ٻين جون زندگيون بچائڻ لاءِ جان قربان ڪندڙ پوليس اهلڪارن فرض شناسي جو اعليٰ مثال قائم ڪيو آهي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته امن دشمن عنصر پوليس کي نشانو بڻائي پنهنجي بزدلاڻين ڪارروائين سان قوم جا حوصلا پست نٿا ڪري سگهن هن لاڳاپيل اختيارين کي زخمين کي فوري ۽ بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي. اڳوڻي وڏي وزير علي امين گنڊاپور پڻ قيمتي جانين جي ضايع ٿيڻ تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي زخمين کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي ٻئي طرف سيڪيورٽي فورسز خيبرپختونخوا جي ضلعن باجوڙ ۽ خيبر ۾ مختلف ڪارروائين دوران فتنة الخوارج سان تعلق رکندڙ 10 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو اها ڪارروائي "آپريشن گرج" تحت ڪئي وئي باجوڙ جي علائقي شاڪرو ۾ مسجدن ۾ ترسيل ٻن دهشتگردن، جڏهن ته خيبر جي دريءَ خيل ۽ بنان وارن علائقن ۾ 8 دهشتگردن کي ماريو ويو سيڪيورٽي فورسز موجب اهي ڪارروايون پڪي انٽيليجنس ڄاڻ جي بنياد تي ڪيون ويون، جن جو مقصد علائقي کي دهشتگرد عنصرن کان پاڪ ڪرڻ ۽ امن ۽ استحڪام کي يقيني بڻائڻ آهي. سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروايون جاري رکڻ واري عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي ڪارروائي جي وڊيو پڻ جاري ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ فورسز کي دهشتگردن خلاف ڪارروائي ڪندي ڏيکاريو ويو آهي

بقايا 17 روزاني عبرت

ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي. ٻنهي پرڏيهي وزيرن وچ اوڀر ۾ جاري صورتحال سميت جهاز راني کي درپيش چئلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ سفارتي ڪوششن تي ڳالهيون ڪيون ميڊيا رپورٽن موجب شهزاده فيصل بن فرحان ڪويت جي پرڏيهي وزير شيخ جراح جابر الاحمد آل صباح سان علائقي ۾ پيدا ٿيل تازي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ گذريل ڳالهين جو سلسلو جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو ته جيئن سفارتي ڪوششن جي حوالي سان اڳڀرائي جو جائزو جاري رکي سگهجي شهزاده فيصل بن فرحان ترڪيه جي هم منصب هاڪان فيدان سان پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي. ٻنهي ملڪن جي پرڏيهي وزيرن علائقائي صورتحال جو جائزو وٺڻ کان پوءِ سفارتي ڪوششن تي زور ڀريو ته جيئن ڇڪتاڻ کي وڌيڪ ڦهلجڻ کان روڪي سگهجي

بقايا 18 روزاني عبرت

34 ڇمون ون ۽ تڪ ايل اي 42- ڪشمير ويلي ٽري لاءِ پولنگ جو عمل پرامن ماحول ۾ جاري رهيو جتي ووٽرز پنهنجي ووٽ جو حق آزاداڻي طور استعمال ڪري رهيا آهن ان موقعي تي پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي سينئر اڳواڻ اڳوڻي مملڪتي وزير ۽ اڳوڻي ايم اين اي حاجي محمد اڪرم انصاري ۽ ايم اين اي بئريسٽر راجا دانيال احمد ڪوٽوالي روڊ تي واقع گورنمينٽ ايم سي هاءِ اسڪول ۾ قائم پولنگ اسٽيشن جو دورو ڪيو هنن چونڊن جي انتظامن جو جائزو ورتو ۽ پولنگ جي پرامن ۽ منظم بندوبست تي اطمينان جو اظهار ڪيو دوري دوران ٻنهي اڳواڻن تڪ ايل اي -34 ڇمون ون ۽ تڪ ايل اي -42 ڪشمير ويلي ٽري لاءِ قائم مردن ۽ عورتن جي پولنگ اسٽيشنن جو معائنو ڪيو ۽ پولنگ جي عمل، سيڪيورٽي انتظامن، ووٽرز جي سهولت ۽ مجموعي چونڊ ماحول جو جائزو ورتو هنن پرزائيڊنگ آفيسرن پولنگ عملي ۽ لاڳاپيل انتظامي عملدارن سان به ملاقاتون ڪيون ۽ پولنگ جي انتظامن ۽ چونڊ عمل جي اڳڀرائي بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. هنن چونڊ عمل تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته آزاد، شفاف، منصفاڻي ۽ پرامن چونڊون جمهوري نظام جي مضبوطي ۽ عوامي اعتماد کي هٿي ڏيڻ لاءِ اهم آهن هنن چونڊ عملي، ضلعي انتظاميه ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران ڪيل انتظامن جي تعريف ڪندي اميد ظاهر ڪئي ته پولنگ جو عمل ان ئي نظم ۽ ضبط سان مڪمل ٿيندو ۽ چونڊ نتيجا عوامي راءِ جي حقيقي ترجماني ڪندا. ٻنهي اڳواڻن ڪارڪنن ۽ شهرين سان گڏجي چونڊ ڪيمپ پهتا جتي هنن پارٽي ڪارڪنن سان ملاقات ڪئي ۽ چونڊ سرگرمين جو جائزو ورتو ۽ ڪارڪنن تي زور ڀريو ته هو چونڊ ضابطي اخلاق جي مڪمل پاسداري ڪندي پرامن ۽ جمهوري ماحول کي برقرار رکڻ ۾ پنهنجو هاڪاري ڪردار ادا ڪن

بقايا 19 روزاني عبرت

مطالبو ڪيو آهي پيپلزپارٽي موجب چونڊ عمل دوران قائم مقام صدر ۽ پارٽي اميدوار چوڌري لطيف اڪبر تي جسماني حملو ڪيو ويو جيڪو نه رڳو چونڊ عمل پر رياست جي آئيني وقار تي پڻ حملو آهي پارٽي موجب نامزد جوابدارن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو عمل جاري آهي ۽ سندن گرفتاري لاءِ ڪارروائي ڪئي پئي وڃي ٻئي طرف چوڌري لطيف اڪبر تي حملي کانپوءِ سندس چونڊ تڪ ايل اي-31 ۾ پيپلزپارٽي جو ڪارڪن مشتاق شاهه به قاتلاڻي حملي ۾ مارجي ويو بلاول ڀٽو زرداري مشتاق شاهه جي قتل جي مذمت ڪندي سندس وارثن سان ڏک ۽ همدردي جو اظهار ڪيو بلاول الزام لڳايو ته مسلم ليگ (ن) ووٽ تي ڌاڙو هڻڻ لاءِ طاقت جو استعمال ڪري رهي آهي هن چوڌري لطيف اڪبر تي حملي ۾ ملوث ماڻهن کي فوري گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آزاد ڪشمير جي وزيراعظم فيصل ممتاز راٺوڙ به واقعي جو نوٽيس وٺندي چيف سيڪريٽري ۽ آءِ جي پوليس کي جوابدارن خلاف فوري ڪارروائي جي هدايت ڪئي.

بقايا 20 روزاني عبرت

ملڪن جا خودمختيار ويلٿ فنڊ عالمي ماليات جي شعبي ۾ انتهائي اهم حيثيت اختيار ڪري چڪا آهن. انهن جي اثاثن جو مجموعي ڳاڻيٽو 16 ٽريلين ڊالر تائين وڌي چڪو آهي جڏهن ته 2008ع ۾ خودمختيار ويلٿ فنڊز جي اثاثن جي ماليت 3 ٽريلين ڊالر هئي. آءِ ايم ايف چيو آهي ته خودمختيار ويلٿ فنڊز پبلڪ هيلٿ ۾ بهتري ۽ ترقي سان گڏ گڏ ايندڙ نسلن لاءِ به اهميت اختيار ڪري چڪا آهن ويلٿ فنڊز جي ڳاڻيٽي ۾ مسلسل اضافي سبب انهن جو ڪردار حڪومتي بجيٽس کان عالمي بجيٽن ۽ بنيادي ڍانچي جي ترقي سان گڏوگڏ سماجي ۽ صنعتي شعبن تائين وڌي چڪو آهي تيزي سان تبديل ٿيندڙ جيو پوليٽيڪل صورتحال کي نظر ۾ رکندي خودمختيار ويلٿ فنڊز کي وڌيڪ لچڪ دار بڻائڻ جي ضرورت آهي. آءِ ايم ايف چيو آهي ته ويلٿ فنڊز جي حوالي سان جامع قانون سازي ذريعي ڪو به ملڪ پنهنجي دولت کي محفوظ ڪرڻ سان گڏ گڏ قومي ۽ اقتصادي ترقي جا هدف حاصل ڪرڻ کي يقيني بڻائي سگهي ٿو آءِ ايم ايف مطابق ويلٿ فنڊز جي حوالي سان موجود قانونن ۾ خاميون ۽ احتساب جي عدم موجودگي سبب انهن جي ڪارڪردگي متاثر ٿئي ٿي

بقايا 21 روزاني عبرت

نالي ريسٽورنٽ ۾ اڻڄاتل هٿياربندن جي فائرنگ جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا مارجي ويا ۽ 7 زخمي ٿي پيا جن مان ڪجهه جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق مارجي ويلن ۾ حملو ڪندڙ به شامل آهي مقامي پوليس چيف ٻڌايو ته هن وقت تائين حملو ڪندڙ جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي جڏهن ته ان بابت وڌيڪ معلومات لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن رپورٽ مطابق فائرنگ جو اهو واقعو هڪ مصروف شاپنگ ايريا ۾ واقع فاسٽ فوڊ ريسٽورنٽ ۾ پيش آيو ۽ واقعي وقت اتي وڏي تعداد ۾ ماڻهو موجود هئا.

بقايا 22 روزاني عبرت

شهيد ٿيل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج عبدالحڪيم ڪاڪو جي گهر وڃي سندس پٽ ۽ ٻين ڪٽنب ڀاتين سان تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو هن شهيد عبدالحڪيم ڪاڪو کي سندس عدالتي خدمتن تي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته اسان شهيد جي خاندان جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون ۽ ڏک جي ان گهڙي ۾ متاثر خاندان کي اڪيلو نه ڇڏينداسين سينيٽ جي ڊپٽي چيئرمين سيدال خان ناصر ڪجهه وقت شهيد جي ڪٽنب ڀاتين سان گذاريو ڊپٽي چيئرمين سينيٽ سيدال خان ناصر فائرنگ سبب فوت ٿيل مقامي هوٽل جي مالڪ هاشم نورزئي جي گهر وڃي سندس پٽن ۽ ٻين ڪٽنب ڀاتين سان تعزيت ۽ فاتحه خواني ڪئي هن مرحومن جي مغفرت ۽ وارثن لاءِ صبر جي دعا ڪئي

بقايا 23 روزاني عبرت

نقصان ۽ زخمين جي حقيقي انگن اکرن تان پردو هٽائي ڇڏيو آهي آمريڪي بچاءُ واري وزارت (پينٽاگون) طرفان ڪيترن مهينن تائين لڪائي رکيل ڳجهن دستاويزن جي سامهون اچڻ کانپوءِ ايران سان جنگ جي شروعاتي ڏينهن ۾ آمريڪي فوج کي ٿيل جاني نقصان جي اصل صورتحال ظاهر ٿي وئي آهي جاري ڪيل انگن اکرن موجب جنگ جي شروعاتي هفتن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 400 آمريڪي فوجي نقصان جو شڪار ٿيا، جن مان ڪيترن جي حالت انتهائي ڳڻتي جوڳي رهي. زخمين ۾ سڀ کان وڌيڪ انگ انهن فوجين جو هو جيڪي مغز تي شديد زخمن جو شڪار ٿيا، جن جو انگ گهٽ ۾ گهٽ 170 ڄاڻايو ويو آهي آمريڪي بري فوج کي سڀ کان وڌيڪ نقصان پهتو جنهن جي 270 کان وڌيڪ اهلڪار متاثر ٿيا، جن ۾ 64 آفيسر 2 جنرل ۽ لڳ ڀڳ 30 سيڪڙو ريزرو فورس جا اهلڪار شامل هئا جنگ جو سڀ کان خطرناڪ واقعو پهرين مارچ تي پيش آيو جڏهن ڪويت جي پورٽ شعيبه ۾ قائم آمريڪي آپريشنز سينٽر تي هڪ ايراني ڊرون ڪامياب حملو ڪيو جنهن ۾ 6 آمريڪي فوجي مارجي ويا. رپورٽن موجب حملي کان اڳ آمريڪي جنرلن کي ان هنڌ جي غير محفوظ هجڻ بابت انٽيليجنس رپورٽون ڏنيون ويون هيون پر انهن خبردارين کي مڪمل طور نظرانداز ڪيو ويو آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ (سينٽڪام) تي محدود ۽ اڌوري معلومات جاري ڪرڻ تي سخت تنقيد ڪئي پئي وڃي جنگ جي ٻن انتهائي خونريز ڏينهن مطلب 3 مارچ تي 29 ۽ 18 مارچ تي 70 جاني نقصان بابت سينٽڪام ڪڏهن به تفصيلي ڄاڻ عوام آڏو پيش نه ڪئي، بلڪ صرف مهينوار گڏيل انگ اکر جاري ڪيا ويندا رهيا 8

بقايا 26 روزاني عبرت

علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 5 ڄڻا فوت جڏهن ته عورت سميت 9 ڄڻا زخمي ٿي پيا. ماڙيپور ٿاڻي جي حد هاڪس بي ڪئنال بيچ سمنڊ ۾ وهنجڻ دوران 18 سالن جو نوجوان ياسر ولد نصير ٻڏي فوت ٿي ويو فوتي جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ ايڌي ايمبولينس جي ذريعي سول اسپتال جي ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو آهي ڪلري ٿاڻي جي حد ماڙيپور دعا هوٽل جي ويجهو روڊ حادثي ۾ 15 سالن جو نوجوان حسنين ولد سهيل فوت ٿي ويو ۽ شايان ولد احمد زخمي ٿيو بن قاسم ٿاڻي جي حد اسٽيل ملز چورنگي جي ويجهو نالي مان نامعلوم شخص جو لاش مليو آهي شاهه لطيف ٽائون جي علائقي صالح محمد گوٺ يو بي ايل بئنڪ جي ويجهو گهر جي اندر بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ جي نتيجي ۾ محمد رحيم ولد فيض محمد فوت ٿي ويو ڪوڪراپار ٿاڻي جي حد ڪوڪرا پار محمدي گوٺ جي محمدي مسجد جي ويجهو گهر مان ڦندو ٻڌل عمران ولد جعفر جو لاش مليو منگهوپير ٿاڻي جي حد اورنگي ٽائون ڌابيجي کي سي ايف اسڪول جي ويجهو گهر ۾ ساڙڻ جي ڪوشش جي دوران سخت زخمي حالت ۾ 65 سالن جي شخص محمد اسلم ولد وارث محمد ظهور کي ايڌي ايمبولينس جي ذريعي سول اسپتال جي برنس وارڊ ۾ منتقل ڪيو ويو آهي نيپئير جي اولڊ ڪمار واڙا ويجهو جامع ڪريمي مسجد جي ويجهو گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ گل پرين زال عمر رحمان زخمي ٿي. بوٽ بيسن ٿاڻي جي حد شيري جناح ڪالوني شاهه جي چوڪ ويجهو ميزان بئنڪ لڳ جهيڙي جي دوران شاهه مير زخمي ٿيو ناظم آباد نمبر 4 ويجهو انڌي گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ ناصر زخمي ٿيو جمشيد ڪوارٽر نمبر 2 جهانگير آباد مسجد جي ويجهو نامعلوم طرف کان ايندڙ گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ اظهار ولد عابد زخمي ٿيو شاهه لطيف ٽائون سيڪٽر 21 سي ساٿي چوڪ جي ويجهو جهيڙي جي دوران فائرنگ ۾ ڌاڙيلن سميت 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين جي سڃاڻپ محمد اقبال ولد نور محمد ۽ ڌاڙيل محمد وسيم ولد عبدالغني جي نالي سان ٿي آهي قصبا اسلاميا ڪالوني نمبر 2 بلال مسجد جي ويجهو فائرنگ ۾ محمود ولد فضل خان ، امام سعيد ولد گلزار زخمي ٿي پيا.

جولاءِ تي ڊونلڊ ٽرمپ طرفان معاهدو ختم ڪرڻ جي فيصلي کانپوءِ تازي حملن ۾ آمريڪي فوج جا وڌيڪ 200 کان وڌيڪ اهلڪار زخمي ۽ 4 وڌيڪ فوجي مارجي ويا. 29 جولاءِ 2026 تائين جاري ڪيل سرڪاري خلاصي موجب جنگي ۽ غير جنگي واقعن ۾ گڏيل طور 14 آمريڪي فوجي مارجي ويا، جڏهن ته مختلف شعبن سان لاڳاپيل 417 اهلڪار زخمي ٿيا.

بقايا 24 روزاني عبرت

ڪمري ۾ ڪرسيون هليون جنهن دوران رابطا ڪميٽي جو ميمبر ڊاڪٽر زخمي ٿيو جڏهن ته ايم پي اي اعجاز الحق سميت ٻين اڳواڻن سان به هٿاپائي ٿيڻ جون رپورٽون سامهون آيون منگلا شرما ۽ سبين غوري سان به بدتميزي ٿيڻ جون خبرون آهن ذريعن موجب جهيڙي کان پوءِ بهادرآباد مرڪز جي اندر ۽ ٻاهر صورتحال وڌيڪ خراب ٿي وئي ۽ ڌرين پاران هڪ ٻئي تي فائرنگ ٿيڻ جون اطلاعون مليون شروعاتي اطلاعن موجب ڪيترائي ماڻهو سخت زخمي ٿيا آهن جڏهن ته هيل تائين ڪنهن جي فوت ٿيڻ يا زخمي ٿيڻ بابت سرڪاري طور تصديق نه ٿي سگهي آهي رپورٽن موجب شديد آمهون سامهون فائرنگ سبب بهادرآباد ۽ ڀرپاسي وارو علائقو جنگ جي ميدان جو منظر پيش ڪرڻ لڳو جنهن ڪري علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو فائرنگ جي شدت سبب پوليس کي به ڪجهه وقت لاءِ پوئتي هٽڻو پيو صورتحال تي ضابطو آڻڻ لاءِ پوليس ۽ رينجرز جا تازا دم دستا بهادرآباد مرڪز ڏانهن طلب ڪيا ويا آهن جڏهن ته علائقي ۾ سيڪيورٽي سخت ڪئي وئي آهي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ سيد امين الحق خانگي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي چيو ته تصادم دوران پارٽي جي چونڊيل نمائندن ۽ رابطا ڪميٽي جي ڪجهه ميمبرن کي به چوٽون پهتيون آهن هن چيو ته ڪارڪنن کي بهادرآباد سان لڳندڙ پارڪ ۾ گڏ ٿيڻ جون هدايتون ڏنيون ويون آهن ۽ تشدد ۾ ملوث ماڻهن خلاف تنظيمي ۽ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي ٻئي طرف ڊاڪٽر فاروق ستار خانگي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي تصديق ڪئي ته پارٽي اجلاس کان پوءِ اختلاف پيدا ٿيا، جيڪي بعد ۾ هٿاپائي ۾ تبديل ٿي ويا. رپورٽن موجب واقعي دوران ٻن ميڊيا ڪيمرامينن تي به تشدد ڪيو ويو ۽ سندن ڪيمرا ٽوڙيا ويا. وڏي انگ ۾ ڪارڪن پڻ بهادرآباد مرڪز پهچڻ شروع ٿي ويا، جنهن سبب علائقي ۾ ڇڪتاڻ برقرار آهي فائرنگ ۽ زخمين ۽ ٻين واقعن بابت سامهون آيل گهڻيون ڄاڻون ابتدائي ۽ مختلف ذريعن تي ٻڌل آهن انهن جي لاڳاپيل ادارن طرفان اڃا مڪمل سرڪاري تصديق سامهون ناهي آئي

بقايا 25 روزاني عبرت

سياسي، آئيني ۽ معاشي دور مان گذري رهيو آهي جتي ملڪ جي بنيادي مسئلن جو حل ڳولڻ بدران هڪ ڀيرو ٻيهر نون آئيني ۽ انتظامي تجربن جون ڳالهيون ڪيون پيون وڃن هن چيو ته خاص طور نون انتظامي يونٽن يا نون صوبن جي قيام بابت هلندڙ بحث قومي يڪجهتي، وفاقي هم آهنگي ۽ صوبائي حقن لاءِ انتهائي نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿي هن چيو ته وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جي صدر آصف علي زرداري سان ملاقات کانپوءِ ڏنل بيان، جنهن ۾ موجوده نظام جي ناڪامي ۽ نون انتظامي يونٽن يا نون صوبن جي قيام جي ڳالهه ڪئي وئي، انتهائي ڳڻتي جوڳي آهي ۽ سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ بيچيني پيدا ڪري رهي آهي سيد زين شاهه چيو ته ان معاملي تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر قيادت، خاص طور صدر آصف علي زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي خاموشي ڪيترن ئي سوالن کي جنم ڏئي رهي آهي هن چيو ته اها خاموشي اهو تاثر مضبوط ڪري رهي آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي هڪ ڀيرو ٻيهر اهڙي منصوبي جو حصو بڻجي رهي آهي، جيڪو وفاقي وحدت، آئين ۽ صوبائي خودمختياري جي اصولن جي ابتڙ آهي هن مطالبو ڪيو ته آصف علي زرداري ۽ بلاول ڀٽو زرداري فوري طور پنهنجو واضح موقف قوم آڏو پيش ڪن ۽ سنڌ اسيمبلي، قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چونڊيل نمائندن کي هدايت ڪن ته هو نون صوبن يا انتظامي يونٽن بابت هر تجويز کي چٽي نموني رد ڪندي سنڌ جي وحدت، تاريخي حيثيت ۽ آئيني حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجو واضح موقف اختيار ڪن جيئن سنڌ ۾ پيدا ٿيل بيچيني ۽ خدشن جو خاتمو ٿي سگهي سيد زين شاهه وڌيڪ چيو ته هڪ پاسي ڪشمير بلوچستان، خيبر پختونخوا ۾ رياست کي سنگين سيڪيورٽي ۽ انتظامي چئلينجن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي اهڙين حالتن ۾ وفاقي گهرو وزير پاران نون انتظامي يونٽن يا نون صوبن بابت بيان ڏيڻ ملڪي سالميت، وفاقي استحڪام ۽ قومي يڪجهتي جي مفاد خلاف آهي هن چيو ته پاڪستان جي تاريخ شاهد آهي ته ملڪ ۾ صدارتي نظام، پارلياماني نظام ۽ مختلف سياسي ۽ انتظامي تجربا بار بار ڪيا ويا، پر قومي مفادن بدران ذاتي، گروهي ۽ سياسي مفادن کي ترجيح ڏيڻ سبب اهي سڀئي تجربا ناڪام ثابت ٿيا هن چيو ته باصلاحيت، ايماندار ۽ تجربيڪار ماڻهن کي نظرانداز ڪري نااهل ماڻهن کي اقتدار ڏيڻ جي نتيجي ۾ ملڪ سياسي، معاشي ۽ انتظامي بحرانن ۾ ڦاسي ويو آهي سيد زين شاهه چيو ته سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي نون صوبن جي قيام بابت هلندڙ سموري بحث کي مڪمل طور رد ڪري ٿي پاڪستان جي مسئلن جو حل صوبن کي وڌيڪ ورهائڻ ۾ نه، پر آئين تي مڪمل عملدرآمد، وفاق کي حقيقي معنيٰ ۾ مضبوط بڻائڻ ۽ صوبن کي سندن آئيني، سياسي، انتظامي ۽ مالي خودمختياري ڏيڻ ۾ آهي هن چيو ته ڪنهن به صوبي جي جاگرافيائي، تاريخي ۽ قومي حيثيت کي تبديل ڪرڻ جي هر ڪوشش ملڪ ۾ وڌيڪ انتشار پيدا ڪندي. هن وڌيڪ چيو ته 1940ع واري قرارداد لاهور جي روح موجب وفاق ۾ شامل سڀني صوبن کي مڪمل خودمختياري، پنهنجي وسيلن تي اختيار ۽ سياسي حقن جو مڪمل تحفظ ملڻ گهرجي، جڏهن ته 1973ع جي آئين ۾ ڏنل صوبائي حقن تي مڪمل عملدرآمد ئي پاڪستان جي استحڪام ۽ بقا جي ضمانت آهي سيد زين شاهه چيو ته سنڌ جي زمينن تي قبضا، سنڌ جي دريائن ۽ پاڻي تي ڌاڙا، تيل، گئس، ڪوئلي ۽ ٻين قدرتي وسيلن جي ڦرلٽ، وفاقي ادارن جي غير ضروري مداخلت ۽ سنڌ جي وسيلن تي قبضي واري هر پاليسي سنڌ جي عوام لاءِ ناقابل قبول آهي. هن چيو ته اهڙا قدم وفاق کي مضبوط ڪرڻ بدران ڪمزور ڪن ٿا هن زور ڏنو ته ملڪ جي معاشي ۽ سياسي بحرانن جو حل نوان صوبا ٺاهڻ يا نوان تجربا ڪرڻ ۾ نه پر قانون جي حڪمراني، آئين جي بالادستي، جمهوري قدرن، صوبائي خودمختياري، وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ۽ عوامي راءِ جي احترام ۾ لڪل آهي. سيد زين شاهه واضح ڪيو ته سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي سنڌ جي وحدت، تاريخي حيثيت، جاگرافيائي سالميت ۽ قومي سڃاڻپ تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو قبول نه ڪندي ۽ سنڌ جي آئيني، قومي ۽ معاشي حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجي جمهوري، سياسي ۽ آئيني جدوجهد هر حال ۾ جاري رکندي.

بقايا 27 روزاني عبرت

ٽي وي ويڊيو سامهون اچي وئي آهي سي سي ٽي وي ويڊيو ۾ مير رضا علي خان کي دراز مان هٿيار ڪڍندي ۽ پوءِ اهو هٿيار گاڏي ۾ رکندي ڏسي سگهجي ٿو ان کانپوءِ هو ٻيهر باورچي خاني (ڪچن) ڏانهن ويندو نظر اچي ٿو سامهون آيل ويڊيو موجب صبح جو 4 لڳي 38 منٽن تي مير رضا علي خان کي واقعي واري هنڌ کان ڪجهه مفاصلي تي اڪيلو ويندي پڻ ڏٺو ويو آهي ياد رهي ته مير رضا علي خان 28 جولاءِ تي پاڪستان ايمپلائيز هائوسنگ سوسائٽي (پي اي سي ايڇ ايس) مان گم ٿي ويو هو. جڏهن ته ٻن ڏينهن بعد سندس لاش گلستان جوهر مان هٿ آيو هو پوليس موجب هو صبح 4 لڳي 9 منٽن تي آن لائن ٽيڪسي ذريعي گهر مان روانو ٿيو هو پوليس جو چوڻ آهي ته مقتول جو لاش انتهائي خراب حالت ۾ مليو جڏهن ته کيس سيني ۾ گولي هڻي قتل ڪيو ويو هو لاش ملڻ کان هڪ ڏينهن اڳ سندس سمورا سوشل ميڊيا اڪائونٽ به بند ڪيا ويا هئا. جاچ اختيارين مقتول جو فون رڪارڊ ۽ رابطن ۾ رهندڙ ماڻهن جي تفصيل حاصل ڪرڻ لاءِ ٽيلي ڪام ڪمپني سان رابطو ڪيو آهي جڏهن ته جنهن ٽيڪسي ۾ هو سفر ڪري رهيو هو ان جي ڊرائيور کي پڻ جاچ ۾ شامل ڪيو ويو آهي ڊرائيور پنهنجي بيان ۾ ٻڌايو ته هن مير رضا علي خان کي گلستان جوهر ۾ سنڌس ڪچن (رستوران) تي لاٿو هو مقتول جي والد موجب مير رضا علي خان جو 30 آگسٽ تي گلشن اقبال جي بيت المڪرم مسجد ۾ نڪاح ٿيڻو هو ۽ هو پنهنجي نئين زندگي جي شروعات بابت تمام گهڻو خوش هو

بقايا 28 روزاني عبرت

ڏينهن اڳ بوٽ بيسن ٿاڻي تي پيش آيل گهيراءُ، هنگامي آرائي ۽ سرڪاري ملڪيت کي نقصان پهچائڻ واري واقعي جو ڪيس سرڪار جي مدعيت ۾ داخل ڪيو ويو آهي جنهن سلسلي ۾ ٽن ڪوڙن فقيرن کي گرفتار ڪيو ويو آهي بيان موجب مشتعل ڪوڙا فقير وڏي انگ ۾ ٿاڻي اندر داخل ٿيا، گاريون ڏيندي بيٺل گاڏين جا شيشا ٽوڙي ڇڏيا. پوليس اهلڪارن کين سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته هنن سيف سٽي روم جا دروازا، ڪيمرائون ۽ پوليس موبائل جا شيشا پڻ ٽوڙي ڇڏيا. پوليس موجب ايف آءِ آر ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته روڪڻ باوجود مشتعل ڪوڙن فقيرن ٿاڻي ۾ موجود سائلين سان پڻ هٿ چراند ۽ مارڪٽ ڪئي ڪيس ۾ اٺ ڪوڙن فقيرن کي نامزد ڪيو ويو آهي بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته اسسٽنٽ ڪمشنر جي هدايت تي گداگري ايڪٽ تحت ڪجهه پيشو فقيرن کي حراست ۾ ورتو ويو هو ان دوران هڪ ڪوڙي فقير جي نڪ مان رت نڪتو جنهن کي ڪجهه ڪوڙن فقيرن پوليس تشدد جو رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. پوليس موجب واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 29 روزاني عبرت

پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي خاص هدايتن تي سنڌ حڪومت نوجوانن جي ڀلائي لاءِ سنڌ يوٿ ڪارڊ جي جاري ڪرڻ جو عمل مڪمل ڪري ورتو آهي. جڏهن ته ان جو باقاعده افتتاح چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هلندڙ مهيني آگسٽ جي آخري هفتي ۾ ڪندو هن ٻڌايو ته سنڌ يوٿ ڪارڊ ذريعي پهرئين مرحلي ۾ صوبي جي 30 ضلعن سان تعلق رکندڙ 15 کان 29 سالن جي عمر وارن هڪ لک نوجوانن کي مختلف سهولتون ۽ موقعا فراهم ڪيا ويندا، ته جيئن کين تعليم روزگار، هنر مندي ۽ خودمختياريءَ جا بهتر موقعا ملي سگهن. صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر ٻڌايو ته يونيورسٽين ۾ اعليٰ تعليم لاءِ تعليمي اسڪالرشپون ۽ ملڪ توڙي ٻاهرين ملڪ تعليم جا موقعا ميسر ٿي سگهن ۽ بغير وياج جي قرض، مالي سهڪار ۽ عالمي معيار جي اسڪلز ٽريننگ، مقامي ٽرانسپورٽ، ٽرين ۽ ٻين سفري سهولتن تي خاص رعايتون ۽ مختلف سرڪاري ۽ نجي خدمتن تائين ترجيحي پهچ فراهم ڪئي ويندي. سردار محمد بخش خان مهر ٻڌايو ته سنڌ يوٿ ڪارڊ جي رجسٽريشن مڪمل طور تي آن لائين ۽ انتهائي آسان هوندي ته جيئن صوبي جي هر ضلعي جا نوجوان آسانيءَ سان ان سهولت مان فائدو حاصل ڪري سگهن. صوبائي وزير چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ جو وژن آهي ته سنڌ يوٿ ڪارڊ ذريعي انهن سمورن نوجوانن تائين پهچ وڃي، جن تائين ماضيءَ ۾ سرڪاري سهولتون نه پهچي سگهيون هيون ۽ کين ترقيءَ جا هڪجهڙا موقعا فراهم ڪيا وڃن. هن واضح ڪيو ته سنڌ يوٿ ڪارڊ صرف انهن ئي نوجوانن کي جاري ڪيو ويندو جن وٽ سنڌ جو ڊوميسائيل هوندو ترجمان موجب سنڌ يوٿ ڪارڊ جيز بئنڪ (Jazz Bank)ذريعي جاري ڪيو ويندو، جڏهن ته رجسٽريشن جو طريقو ۽ ٻي تفصيل جلد عوام آڏو پيش ڪئي ويندي

بقايا 30 روزاني عبرت

مون سون برساتن ۽ امدادي قدمن جو جائزو وٺڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنرن سان اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ سيڪريٽري بحالي رفيق مصطفيٰ شيخ، ڊائريڪٽر جنرل پي ڊي ايم اي سنڌ سيد سلمان شاهه، ڊائريڪٽر جنرل ريسڪيو 1122 سنڌ واجد صبغت الله مهر ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي، جڏهن ته حيدرآباد، شهيد بينظير آباد، ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، ميرپورخاص، بدين ۽ ٽنڊو محمد خان جي ڊپٽي ڪمشنرن وڊيو لنڪ ذريعي پنهنجي پنهنجي ضلعن جي برساتي صورتحال، انتظامي تيارين ۽ رليف قدمن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. اجلاس کي آگاهه ڪيو ويو ته اڄ صبح 8 وڳي کان 11 وڳي تائين ڪوٽ غلام محمد ۾ 109 ملي ميٽر، ميرپورخاص ۽ حسين بخش مري ۾ 96 ملي ميٽر، ڏاهلي ۾ 67 ملي ميٽر ۽ ڪلوئي ۾ 60 ملي ميٽر برسات رڪارڊ ڪئي وئي ان موقعي تي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي پي ڊي ايم اي، ريسڪيو 1122 ۽ سمورن ڊپٽي ڪمشنرن کي هاءِ الرٽ رهڻ جي هدايت ڪندي چيو ته ضلعي انتظاميا هر وقت ميدان ۾ موجود رهي، هيٺانهن علائقن ۾ پاڻي بيهڻ جي صورت ۾ فوري نيڪال کي يقيني بڻايو وڃي ۽ عوام کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪئي وڃي. هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته سڀني ڊپٽي ڪمشنر پنهنجي پنهنجي ضلعن جي برساتي نالن، شاخن، واهن ۽ پاڻي جي قدرتي وهڪرن جي مسلسل نگراني ڪن ته جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال کي بروقت منهن ڏئي سگهجي. ڊائريڪٽر جنرل پي ڊي ايم اي سنڌ سيد سلمان شاهه اجلاس کي ٻڌايو ته ڊپٽي ڪمشنرن جي درخواستن تي ڊي واٽرنگ پمپن جي فراهمي جو عمل جاري آهي هن چيو ته حيدرآباد لاءِ 5، عمرڪوٽ لاءِ 3، ميرپورخاص لاءِ 2، ٽنڊو محمد خان لاءِ 2 ۽ ڊيپلو لاءِ 2 ڊي واٽرنگ پمپ موڪليا ويا آهن، جڏهن ته ڪراچي جي هيٺانهن علائقن ۽ انڊرپاسن لاءِ پڻ 10 ڊي واٽرنگ پمپ روانا ڪيا ويا آهن. هن چيو ته صوبي جي سمورن ڊپٽي ڪمشنرن ۽ لاڳاپيل ادارن سان لاڳيتو رابطو برقرار آهي جڏهن ته پي ڊي ايم اي جو عملو ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ مڪمل طور تي تيار ۽ الرٽ آهي اجلاس جي پڄاڻي تي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي هدايت ڪئي ته برساتن جي موجوده صورتحال دوران سمورا لاڳاپيل ادارا مڪمل هم آهنگي سان ڪم ڪن، عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي اولين ترجيح ڏني وڃي ۽ ضرورت پوڻ تي فوري امدادي ڪارروائي يقيني بڻائي وڃي.

بقايا 31 روزاني عبرت

تازين برساتن کي نظر ۾ رکندي سمورن مزارن ۽ درگاهن تي زائرين جي جان ۽ مال جي تحفظ، سيڪيورٽي نظام جي فعاليت ۽ سرڪاري ملڪيتن جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ جامع حفاظتي قدمن جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن صوبائي وزير سيڪريٽري اوقاف اختر حسين بگٽي کي هدايت ڪئي ته سمورين مزارن ۽ درگاهن تي لڳايل واڪ ٿرو گيٽس، سي سي ٽي وي ڪئميرائون، بجلي جو سامان، جنريٽرز، ڪنٽرول پينلز ۽ ٻيو اليڪٽرڪ سامان انهن سڀني کي برسات ۽ نمي جي امڪاني اثرن کان محفوظ رکڻ لاءِ ترت ۽ اثرائتا قدم کنيا وڃن ته جيئن سيڪيورٽي نظام بغير ڪنهن رڪاوٽ جي فعال رهي ۽ زائرين کي ڪنهن به تڪليف کي منهن نه ڏيڻو پوي اوقاف کاتي واري صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري اوقاف جي هدايتن تي عمل ڪندي چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف حيدرآباد مختيار علي ابڙو پاران ايڊمنسٽريٽرس اوقاف، مختلف مزارن ۽ درگاهن جي مئنيجرن عملدارن ۽ لاڳاپيل عملي کي خاص حڪمنامو جاري ڪيو ويو آهي. انهن حڪمن تحت واڪ ٿرو گيٽس، اليڪٽرانڪ سامان ۽ ٻين حساس تنصيبات جي مسلسل نگراني، وقت سر مرمت، حفاظتي ڪور، ٽيڪنيڪل چڪاس ۽ موثر سار سنڀال کي يقيني بڻايو ويندو چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف حيدرآباد پنهنجي حڪمنامي ۾ واضح ڪيو آهي ته ڪنهن به ٽيڪنيڪل خرابي، برقي مسئلي يا هنگامي صورتحال جي جلد اطلاع کاتي کي ڏنو وڃي ته جيئن وقت تي ڪارروائي ڪندي حفاظتي انتظامن کي هر صورت ۾ برقرار رکي سگهجي سيد رياض حسين شاهه شيرازي چيو ته زائرين جي حفاظت حڪومت سنڌ ۽ اوقاف کاتي جي پهرين ترجيح آهي هن تمام لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته برساتن دوران مڪمل الرٽ رهن، هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ انتظام برقرار رکن ۽ هر مزار تي حفاظتي قدمن جي موثر نگراني يقيني بڻائن ته جيئن زائرين کي محفوظ، منظم ۽ سهولتن سان آراسته ماحول فراهم ڪري سگهجي

بقايا 32 روزاني عبرت

نيڪال آب جي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سمورن ڊپٽي ڪمشنرن پي ڊي ايم اي، مڪاني کاتي ۽ ضلعي انتظاميا کي هاءِ الرٽ رهڻ جي هدايت ڪندي چيو ته شهرين جي جاني ۽ مالي تحفظ حڪومت جي اولين ترجيح آهي ۽ ڪنهن به قسم جي غفلت هرگز برداشت نه ڪئي ويندي هن برسات کان متاثر علائقن ۾ ريسڪيو امدادي سرگرمين ۽ پاڻي جي نيڪال کي وڌيڪ تيز ڪرڻ جو حڪم پڻ ڏنو اجلاس دوران وڏي وزير کي بريفنگ ڏني وئي ته ايندڙ ڏينهن ۾ حيدرآباد ۽ ميرپورخاص ڊويزن ۾ 20 کان 60 ملي ميٽر تائين وڌيڪ برسات جو امڪان آهي، جڏهن ته ڪراچي ۾ تيز برسات جا امڪان گهٽ آهن، البت ڪجهه علائقن ۾ هلڪي برسات يا ڦونڊا باندي ٿي سگهي ٿي. وڏي وزير سڀني آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجن ضلعن ۾ موجود رهي صورتحال جي سڌي نگراني ڪن. هن عمرڪوٽ جي غير حاضر ٽائون آفيسر کي فوري طور معطل ڪرڻ جو حڪم پڻ جاري ڪيو ۽ متاثر خاندانن کي ترت امداد فراهم ڪرڻ سان گڏ نقصانن جو تفصيلي ڪاٿو تيار ڪرڻ جي هدايت ڪئي. بحالي بابت صلاحڪار گيانچند ايسراڻي وڏي وزير کي ٻڌايو ته گذريل 24 ڪلاڪن دوران عمرڪوٽ ۾ سڀ کان وڌيڪ 169 ملي ميٽر، ڪنري ۾ 149 ملي ميٽر، ڪلوئي ۾ 140 ملي ميٽر، ڏيپلي ۾ 135 ملي ميٽر، ڪوٽ غلام محمد ۾ 133 ملي ميٽر، لطيف آباد ۾ 114 ملي ميٽر، مٺي ۾ 106 ملي ميٽر، ڏاهلي ۾ 104 ملي ميٽر، حيدرآباد ڀهراڙي ۾ 93 ملي ميٽر ۽ حيدرآباد شهر ۾ 89 ملي ميٽر برسات رڪارڊ ڪئي وئي آهي پي ڊي ايم اي جي رپورٽ موجب صوبي ۾ برساتن سبب 8 ڄڻا فوت ۽ 8 زخمي ٿيا آهن ٿرپارڪر ۾ 6 ڄڻا فوت ۽ 6 زخمي ٿيا، جن مان 3 ڄڻا وڄ ڪرڻ، هڪ ٻڏي وڃڻ ۽ ٻه کڏن ۾ ڪرڻ سبب فوت ٿيا عمرڪوٽ ۾ هڪ شخص ٻڏي فوت ٿيو ۽ 2 ڄڻا زخمي ٿيا، جڏهن ته بدين ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب هڪ شخص فوت ٿيو وڏي وزير جاني نقصان تي ڏک جو اظهار ڪندي متاثر خاندانن کي فوري امداد ڏيڻ جي هدايت ڪئي اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته بدين جي سيراڻي علائقي ۾ ميرواهه چينل ۾ ٻه ڳارا پئجي ويا هئا، جنهن سبب لڳ ڀڳ 200 گهرن ۾ پاڻي داخل ٿيو جڏهن ته آبپاشي کاتي ٻنهي ڳارن کي هنگامي بنيادن تي بند ڪري صورتحال کي ضابطي ۾ آڻي ڇڏيو آهي. وڏي وزير شاخن، واهن، بندن ۽ آبي گذرگاهن جي لاڳيتي نگراني جاري رکڻ جي هدايت ڪئي ڪراچي بابت بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته امڪاني برساتن کي نظر ۾ رکندي شهر جي مختلف هنڌن تي 10 هيوي ڊيوٽي ڊي واٽرنگ پمپ نصب ڪيا ويا آهن جن ۾ نيپا چورنگي، ڊرگ روڊ انڊر پاس، قائد آباد، فلاح نائن نيٽي جيٽي، پي ڪي انڊر پاس، سب ميرين انڊر پاس، سنڌ اسيمبلي، ناظم آباد انڊر پاس ۽ فور ڪي چورنگي شامل آهن. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه حيدرآباد، عمرڪوٽ، ميرپورخاص، ٿرپارڪر ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ اضافي ڊي واٽرنگ پمپ فراهم ڪرڻ، سڀني ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن کي فيلڊ ۾ موجود رهڻ ۽ روزاني بنيادن تي رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪندي واضح ڪيو ته برساتن دوران عوام کي اڪيلو نه ڇڏيو ويندو ۽ سڀئي ادارا مڪمل طور تي متحرڪ رهندا.

بقايا 33 روزاني عبرت

چيو ته جيڪڏهن حڪمراني جو نظام ناڪام ٿيو آهي ته ان جو سبب ملڪ ۾ رڳو چار صوبن جو وجود ناهي پر سول ۽ عسڪري بيوروڪريسي جي سياسي ڪردار ۽ فيصلا سازي ۾ غيرمعمولي اختيار ڏيڻ، اختيارن کي اسلام آباد ۾ مرڪوز ڪري وفاق کي ڪمزور ڪرڻ، آمرن کي آئين ۾ مرضي جون ترميمون ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ، مختلف حڪومتي نظامن سان مسلسل تجربا ڪرڻ، اهم پاليسي فيصلا پارليامينٽ کان ٻاهر ڪرڻ، آزاد، منصفاڻي ۽ شفاف چونڊون نه ٿيڻ ڏيڻ، آئين جي ڀڃڪڙي ۽ صوبائي خودمختياري کان انڪار جهڙا ڪيترائي سبب آهن هن چيو ته اهي سڀ عنصر رڳو برفاني جبل جي چوٽي آهن. جڏهن ته اصل مسئلو ان کان وڌيڪ گهرا ۽ وسيع آهن رضا رباني چيو ته پاڪستان هڪ وفاقي طور وجود ۾ آيو جتي چئني وفاقي وحدتن گڏيل طور پاڪستان ۾ شموليت اختيار ڪئي پاڪستان گهڻ نسلي گهڻ لساني ۽ گهڻ ثقافتي ملڪ آهي ۽ ان جي وحدت ان جي گهڻ رخي سڃاڻپ ۾ آهي تنهن ڪري تاريخي حقيقتن جي بنياد تي قائم ٿيل صوبن کي رڳو انتظامي بنيادن تي ورهائي نٿو سگهجي هن خبردار ڪيو ته موجوده حالتن ۾ اهڙي بحث ملڪ اندر اڳ ئي موجود ورهاست ۽ اختلافن کي وڌيڪ گهرو ڪري سگهي ٿي ۽ بلوچستان، خيبرپختونخوا ۽ ٻين وفاقي وحدتن ۾ هٿياربند تحريڪن کي هٿي ملي سگهي ٿي سندس چوڻ هو ته مسئلي جو حل وفاقي وحدتن کي ورهائڻ ۾ نه پر 1973ع جي آئين جي بالادستي، قانون جي حڪمراني، صوبائي خودمختياري تي مڪمل عمل، اختيارن جي هيٺين سطح تائين ورهاست ۽ آئين جي آرٽيڪل 140-اي تحت سياسي، انتظامي ۽ مالي اختيار چونڊيل مڪاني نمائندن ڏانهن منتقل ڪرڻ ۾ آهي. رضا رباني خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ان رخ ۾ اڳڀرائي ڪئي وئي ته وفاق لاءِ سخت بحران پيدا ٿي سگهي ٿو انتهاپسند قومپرست قوتون مضبوط ٿي سگهن ٿيون اندروني لساني ۽ نسلي اختلاف وڌي سگهن ٿا ۽ قدرتي وسيلن جي ٻيهر ورڇ بابت نوان مطالبا ۽ تڪرار جنم وٺي سگهن ٿا.

سمر انٽرنشپ جي شاگردن پاران ملڪ دشمن پروپيگنڊه جو اثرائتي انداز ۾ مقابلو ڪرڻ جو عزم

ڊي جي آءِ ايس پي آر سمر انٽرنشپ 2026ع ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين سان هڪ خصوصي ويهڪ ڪئي

فتنه الهندستان ۽ فتنه الخوارج بابت حقيقتن تي ٻڌل موقف مونجهارن کي ختم ڪري ڇڏيو آهي: شاگرد

مس انفارميشن، ڊس انفارميشن، پروپيگنڊه ۽ غير تصديق ٿيل خبرن کان بچاءَ جي بابت موثر رهنمائي ملي آهي

راولپنڊي (اي پي پي) ڊي جي آءِ ايس پي آر سمر انٽرنشپ 2026ع ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين سان هڪ خصوصي ويهڪ دوران قومي سلامتي، دهشتگردي ۽ سوشل ميڊيا جي ذميداراڻي استعمال تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي. آءِ ايس پي آر سمر انٽرنشپ 2026ع ۾ سڄي ملڪ جي 21 مختلف اسٽيشنز تي 6 هزار کان وڌيڪ شاگرد شرڪت ڪري رهيا آهن. ڊي جي آءِ ايس پي آر خصوصي سيشن دوران شاگردن جي سوالن جا دليلن سان تفصيلي جواب ڏنا. آءِ ايس پي آر سمر انٽرنشپ 2026ع ۾ شريڪ شاگردن ۽ شاگردياڻين جو چوڻ هو ته مس انفارميشن، ڊس انفارميشن، پروپيگنڊه ۽ غير تصديق ٿيل خبرن کان بچاءَ جي حوالي سان موثر رهنمائي فراهم ڪئي وئي. ڊي جي آءِ ايس پي آر جي جامع معلوماتي ڳالهه ٻولهه قومي سلامتي متعلق ڪيترين ئي غلط فهمين ۽ مونجهارن کي دور ڪيو شرڪت ڪندڙن چيو ته آزاد ڪشمير جي صورتحال، ڀارتي پروپيگنڊه ۽ پاڪستان جي موقف تي تفصيلي بريفنگ زميني حقيقتن کي سمجهڻ ۾ مدد ڏني فتنه الهندستان ۽ فتنه الخوارج متعلق ڊي جي آءِ ايس پي آر جي حقيقتن تي ٻڌل موقف سمورن مونجهارن کي ختم ڪري ڇڏيو سمر انٽرنشپ 2026ع ۾ شرڪت ڪندڙن درست معلومات کي هٿي ڏيڻ ۽ ملڪ دشمن پروپيگنڊه جو اثرائتي انداز ۾ مقابلو ڪرڻ جي عزم جو پڻ اظهار ڪيو

برطرف ملازمن جي اڳوڻي سروس پينشن لاءِ شمار ٿيندي، بيڪ بينيفٽس سان نه ڳنڍڻ گهرجي: سپريم ڪورٽ

پينشن هڪ مستقل قانوني ۽ آئيني حق آهي، ان کي بيڪ بينيفٽس سان نٿو ملائي سگهجي: عدالت

حڪومت يا ڪو کاتو قانون کان سواءِ ڪنهن ملازم کي پينشن يا ٻين سهولتن کان محروم نٿو ڪري سگهي

عالمي اصول به بيڪ ويجز ۽ پينشن کي ٻن الڳ قانوني حقن طور تسليم ڪري ٿو: ريمارڪس

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ قرار ڏنو آهي ته پينشن هڪ مستقل قانوني ۽ آئيني حق آهي، ان کي بيڪ بينيفٽس سان نٿو ملائي سگهجي، جڏهن ته برطرف ملازمن جي اڳوڻي سروس کي پينشن لاءِ نظر انداز به نٿو ڪري سگهجي. سپريم ڪورٽ جي جسٽس محمد علي مظهر ۽ جسٽس مسرت هلالي تي ٻڌل بئنچ خيبر پختونخوا حڪومت ۽ برطرف ٿيالاجي استادن پاران داخل سول پٽيشنز تي تفصيلي فيصلو ٻڌائيندي قرار ڏنو ته خيبر پختونخوا سيڪڊ ايمپلائيز (اپائنٽمينٽ) ايڪٽ 2012 تحت بحال ٿيل ملازم سينيارٽي، ترقي ۽ بيڪ بينيفٽس جا حقدار ناهن، جڏهن ته قانون ۾ اڳوڻي سروس کي پينشن لاءِ شمار ڪرڻ تي ڪا واضح پابندي موجود ناهي عدالت فيصلي ۾ چيو ته "بيڪ بينيفٽس" مان مراد برطرفي دوران پگهارن، الائونسز ۽ ٻيون مالي بقاياجات آهن، جڏهن ته پينشن هڪ الڳ قانوني حق آهي جيڪو رٽائرمينٽ تي حاصل ٿيندو آهي ان لاءِ ٻنهي کي هڪ ئي زمري ۾ نٿو رکي سگهجي فيصلي ۾ چيو ويو ته پينشن پوڙهائپ ۾ مالي تحفظ فراهم ڪرڻ جو ذريعو آهي ۽ حڪومت يا ڪو کاتو واضح قانوني اختيار کان سواءِ ڪنهن ملازم کي پينشن يا پينشنري سهولتن کان محروم نٿو ڪري سگهي. عدالت وڌيڪ قرار ڏنو ته 2012ع جو قانون برطرف ملازمن سان ٿيندڙ ناانصافي جي ازالي لاءِ ٺاهيو ويو هو ان لاءِ ان جي تشريح به ان مقصد موجب ٿيڻ گهرجي ته جيئن متاثر ملازمن کي موثر رليف ملي سگهي. سپريم ڪورٽ پنهنجي فيصلي ۾ واضح ڪيو ته ايڪٽ 2012ع ۾ "پروٽيڪٽيڊ پيرڊ" جي ڪا به جامع تعريف موجود ناهي. ان لاءِ ان اصطلاح جي تشريح قانون جي مقصد، انصاف ۽ پينشن سان لاڳاپيل قانوني اصولن جي روشني ۾ ڪئي ويندي. عدالت پنهنجي اڳوڻن فيصلن کان علاوه پاڪستان، ڀارت ۽ برطانيه جي عدالتي نظام جو حوالو ڏيندي چيو ته عالمي اصول به بيڪ ويجز ۽ پينشن کي ٻن الڳ قانوني حقن طور تسليم ڪري ٿو ان لاءِ پينشن جي حق کي رڳو بيڪ بينيفٽس جي بنياد تي ختم نٿو ڪري سگهجي.

سنڌ جي ورهاست واري هر مطالبي ۽ هر سازش کي رد ڪريون ٿا: سردار عبدالرحيم

جعلي مينڊيٽ جي سهاري اقتدار ۾ آيل حڪمران تڪراري معاملن کي هٿي ڏئي رهيا آهن

نون صوبن جي راڳ جو مقصد ناڪام ۽ خراب ڪارڪردگي تان عوام جو ڌيان هٽائڻ آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل، سنڌ جي ورهاست جي ڪنهن به منصوبي کي اڳ به ٻه ٽوڪ انداز ۾ رد ڪندي آئي آهي ۽ اڄ به سنڌ جي ورهاست بابت هر مطالبي ۽ هر سازش کي مڪمل طور تي رد ڪري ٿي هن چيو ته ملڪ هن وقت سخت معاشي بحران، مهانگائي، بيروزگاري، وسيلن جي کوٽ، توانائي جي مسئلن ۽ کربين رپين جي قرضن جي بار هيٺ دٻيل آهي، پر افسوس جو جعلي مينڊيٽ جي سهاري اقتدار ۾ آيل حڪمران عوام کي رليف ڏيڻ، معيشت کي مستحڪم ڪرڻ ۽ سٺي حڪمراني قائم ڪرڻ بدران نون صوبن جي قيام جهڙن تڪراري ۽ غير ضروري معاملن کي هٿي ڏئي رهيا آهن سردار عبدالرحيم چيو ته اهڙين نازڪ حالتن ۾ قوم کي متحد رکڻ، قومي يڪجهتي کي هٿي ڏيڻ ۽ عوام جا مسئلا حل ڪرڻ بدران صوبن جي ورهاست جي ڳالهه ڪرڻ انتهائي غير ذميوارانو ۽ غير دانشمندانو عمل آهي، جنهن جو مقصد حڪمرانن جي ناڪام پاليسين ۽ خراب ڪارڪردگي تان عوام جو ڌيان هٽائڻ آهي. هن چيو ته اهڙن بيانن سان ملڪ ۾ نفرت، ورهاست ۽ انتشار کي هٿي ملي سگهي ٿي جيڪا ڪنهن به صورت ۾ قومي مفاد ۾ ناهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ پاڪستان جي معاشي شهه رڳ آهي ۽ ان جي وحدت تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو قبول نه ڪيو ويندو. سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ جي ورهاست ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندا پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ، سنڌ جي عوام جي جذبن جي ترجمان آهي ۽ سنڌ جي ورهاست جي هر منصوبي خلاف سياسي، آئيني ۽ جمهوري جدوجهد جاري رکندي. سردار عبدالرحيم چيو ته ملڪ اڳ ئي شديد معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي، صنعتون بند ٿي رهيون آهن، سيڙپڪاري گهٽجي رهي آهي، نوجوان بيروزگار آهن، هاري ۽ مزدور پريشان آهن، جڏهن ته مهانگائي عام ماڻهوءَ جي زندگي ڏکي بڻائي ڇڏي آهي اهڙين حالتن ۾ نون صوبن جي قيام بابت بحث شروع ڪرڻ عوام جي زخمن تي لوڻ ٻرڪڻ جي برابر آهي. هن چيو ته حڪمران عوام کي ورغلائڻ بدران مهانگائي تي ضابطو آڻڻ، روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ، امن امان بهتر بڻائڻ، معيشت جي بحالي ۽ عوامي ڀلائي جي منصوبن تي ڌيان ڏين. قوم هاڻي کوکلن نعرن بدران عملي ڪارڪردگي ڏسڻ چاهي ٿي. سردار عبدالرحيم واضح ڪيو ته پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ، سنڌ جي وحدت، پاڪستان جي سالميت ۽ قومي يڪجهتي تي مڪمل يقين رکي ٿي ۽ سنڌ جي ورهاست يا ان خلاف ڪنهن به سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندي. هن چيو ته سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ جي تحفظ لاءِ متحد آهن ۽ هر جمهوري ۽ آئيني فورم تي سنڌ جي حقن ۽ وحدت جو دفاع جاري رکندا.

ايڇ آءِ وي جي ڦهلاءَ معاملي تي سيسي 37 آفيسرن ۽ ملازمن کي حتمي نوٽيس جاري

نوٽيسن ۾ مبينا سنگين غفلت، فرضن ۾ لاپرواهي ۽ موثر نگراني نه ڪرڻ جا الزام لڳايا ويا

سمورن آفيسرن ۽ ملازمن کي 14 ڏينهن اندر پنهنجو لکت ۾ جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ايمپلائيز سوشل سيڪيورٽي انسٽيٽيوشن (سيسي) جي انتظام هيٺ هلندڙ وليڪا اسپتال ۾ ايڇ آءِ وي جي ڦهلاءَ واري معاملي تي سيسي 37 آفيسرن ۽ ملازمن کي حتمي شوڪاز نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن سيسي جي ڪمشنر هادي بخش ڪلهوڙو موجب اها ڪارروائي جامع جاچ ڪميٽي جي رپورٽ جي روشني ۾ ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ اڳوڻا ۽ موجوده آفيسر ڊاڪٽر نرسون ۽ ٻيو طبي عملو شامل آهي نوٽيس حاصل ڪندڙن ۾ 10 اسٽاف نرسون 7 نرس ايڊز 5 ليڊي ريزيڊنٽ ميڊيڪل آفيسر 2 ڪنسلٽنٽ ٻارن جا ماهر 2 آڊٽ آفيسر ۽ 2 اڳوڻا ڊپٽي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ شامل آهن ان کانسواءِ اڳوڻي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ، اڳوڻي ميڊيڪل سپروائيزر، ميٽرن، ڊپٽي ميڊيڪل آفيسر، ليڊي ميڊيڪل آفيسر ۽ ٻين آفيسرن ۽ ملازمن کي پڻ شوڪاز نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن حتمي شوڪاز نوٽيسن ۾ لاڳاپيل عملدارن تي مبينا سنگين غفلت، فرضن ۾ لاپرواهي ۽ موثر نگراني نه ڪرڻ جا الزام لڳايا ويا آهن. سيسي ڪمشنر موجب سڀني نوٽيس حاصل ڪندڙن کي ذاتي ٻڌڻي جو حق پڻ ڏنو ويو آهي نوٽيس حاصل ڪندڙن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو 14 ڏينهن اندر پنهنجو لکت ۾ جواب جمع ڪرائين. ٻي صورت ۾ سندن خلاف هڪ طرفي ڪارروائي ڪئي ويندي

ڪراچي ۾ پريا ڪماري ايڪشن ڪميٽي جو احتجاجي مارچ، مظاهرو

وڪيلن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن هاءِ ڪورٽ کان پريس ڪلب تائين مارچ ڪيو ويو

پيپلز پارٽي جمهوريت جي دعوي ڪندي آهي ۽ شهرين کي پرامن احتجاج ڪرڻ نه پيو ڏنو وڃي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پريا ڪماري ايڪشن ڪميٽي، وڪيلن ۽ ٻين سياسي سماجي شخصيتن پاران هاءِ ڪورٽ کان پريس ڪلب طرف مارچ ڪيو ويو پريس ڪلب جا رستا بند هجڻ ڪري احتجاج ڪندڙ پريس ڪلب ويندڙ رستي تي ئي احتجاج ڪندي نعريبازي ڪئي. ڪراچي بار جي سيڪريٽري ارشد شر چيو ته سنڌ حڪومت بوکلاهٽ جو شڪار آهي پر امن شهرين کي احتجاج جو حق به نه پئي ڏئي هن چيو ته 5 سالن کان سنڌ ۾ پريا ڪماري سميت ٻيا ڪيترائي ٻار گم ٿيل آهن سنڌ حڪومت امن قائم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي احتجاج جي اڳواڻي ڪراچي بار جي صدر عامر نواز ڪئي جڏهن ته پريا ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻ لياقت جلباڻي، سهڻي پارس، ممتاز عباسي ۽ ٻيا ڪيترا ماڻهون شريڪ ٿيا وڪيلن خطاب ڪندي چيو ته محسن نقوي ۽ ڊي جي آءِ ايس پي آر جي بيانن جي سخت مذمت ڪريون ٿا اڳواڻن چيو ته پيپلز پارٽي پنهنجي تقريرن ۾ جمهوريت جي دعوي ڪندي آهي ۽ پر اڄ شهرين کي پرامن احتجاج ڪرڻ نه پيو ڏنو وڃي ڪراچي بار جي جوائنٽ سيڪريٽري رياض ڪروائي چيو ته ڪراچي بار جا وڪيل سنڌ جي هر مظلوم سان گڏ بيٺا آهن هن چيو ته اسان چاهيون ته ڪنٽينر لڳائي پريس ڪلب جا رستا بند ڪري هو سمجهن ٿا ته اسان ڊڄي وينداسين پر اسان اڃا مضبوطي سان حڪومت جي ظالم روين جي خلاف آواز اٿارينداسين

ڪراچي ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب معصوم ٻارڙو دٻجي فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪورنگي جي ويجهو ابراهيم حيدري جي علائقي چشما گوٺ ۾ نوراني مسجد جي ويجهو گهر جي ڇت ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ ملبي هيٺان اچي 4 سالن جو معصوم ٻارڙو ماجد ولد روشن فوت ٿي ويو آهي

ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ملڪ جي مختلف درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن اڄ ڏينهن جاري تفصيلن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد 2 لک 19 هزار 700 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ هڪ لک 62 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ 45 هزار 200 ڪيوسڪ آهي. خيرآباد پل تي پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ 2 لک 4 هزار 400 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جي آمد 46 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 7 هزار ڪيوسڪ آهي. جڏهن ته چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جي آمد 90 هزار 500 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 74 هزار 800 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو بئراجن جي انگن اکرن مطابق گڊو بئراج ۾ پاڻي جي آمد 2 لک 70 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 2 لک 37 هزار 100 ڪيوسڪ سکر بئراج ۾ پاڻي جي آمد 3 لک 53 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 2 لک 99 هزار 200 ڪيوسڪ، ڪوٽڙي بئراج ۾ پاڻي جي آمد 3 لک 53 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 75 هزار 500 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن جي انگن اکرن مطابق ڊيمن ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1541 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.063 ملين ايڪڙ فٽ، منگلا ۾ گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 1198.10 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 4.118 ملين ايڪڙ فٽ جڏهن ته چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 648.50 فٽ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 0.285 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو.

راڻيپور ۾ ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي هٿياربندن نوجوان کي گوليون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو

راڻيپور (ع) راڻيپور شهر ۾ بدامني روڪجي نه سگهي، جتي نامعلوم هٿياربندن ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي نوجوان محمد اويس کي گوليون هڻي زخمي ڪري فرار ٿي ويا نوجوان راڻيپور ۾ پنهنجي گهر ٻاهران بيٺل هو ته نوجوان کي نامعلوم هٿياربندن ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي نوجوان پاران کين سان مزاحمت ڪرڻ تي جوابدارن مٿس سڌي فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ نوجوان سخت زخمي ٿي پيو کيس فوري طور مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن موجب زخمي کي طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي واقعي کان پوءِ جوابدار آساني سان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، جڏهن ته اطلاع باوجود پوليس دير سان پهتي جنهن سبب شهرين ۾ سخت خوف ۽ ڪاوڙ جي لهر ڇانئجي وئي متاثر خاندان سنڌ جي اعليٰ پوليس اختيارين خاص طور تي آءِ جي ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو وڃي ۽ زخمي نوجوان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ راڻيپور ۾ وڌندڙ بدامني تي ضابطو آڻي شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

معمولي برسات، وڏو عذاب: لوڊشيڊنگ ۽ ٽلائن ۾ تبديل ٿيندڙ شهر
صفحو 4

محمود شام
هن نظام کي ته ڪِرڻو ئي هو
صفحو 4

سُرگهاتو کي قومي سُرقرار ڏئي سنڌ اسيمبليءَ ۾ قانون پاس ڪيو وڃي!
ذوالفقار خاڪي
صفحو 4

غلام حسين لغاري
سرڪاري سرپرستيءَ ۾ ٿيندڙ اوليائن ۽ بزرگن جا ميلا!
صفحو 4

سيف جا 2500 اسڪول مالي تباهي جو شڪار،11 لک کان وڌيڪ شاگردن جو مستقبل تباهه

سنڌ حڪومت جي ماتحت هلندڙ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جا اسڪول مالي بحران سبب تباهي جي ڪناري تي پهچي ويا

سنڌ حڪومت طرفان گذريل ڇهن سالن کان اسڪولن اندر پڙهندڙ شاگردن لاءِ سبسڊي ۾ هڪ روپيو به اضافو نه ڪيو ويو،پاليسي ۽ معاهدي تحت هر سال سبسڊي ۾ واڌ ٿيڻ لازمي آهي

ڪچي کان ٻئي درجي تائين في ٻار صرف 800 روپيا، ٽئين کان پنجين تائين هڪ هزار، ڇهين کان اٺين تائين 1,500 ۽ نائين ڏهين لاءِ 2,000 روپيا ڏنا وڃن ٿا

فنڊ مان استادن، هيڊ ٽيچر، پٽيوالي، اسٽيشنري، فرنيچر، بجلي، سولر سسٽم، پيئڻ جي پاڻي، عمارت جي مرمت ۽ ٻين سمورن خرچن جي ادائيگي ڪرڻي پوي ٿي

ٻين تعليمي منصوبن ۽ ادارن تي هزارين روپيا في شاگرد تي خرچ ڪيا وڃن ٿا، جڏهن ته سيف جي اسڪولن کي سالن کان نظرانداز ڪيو ويو آهي؛اسڪول پارٽنر

هڪ ٻار جي تعليم جو خرچ هلائڻ ناممڪن ٿي ويو آهي، 10 يا 12 هزار روپين جي پگهار تي استاد پنهنجي گهر جو راشن، ٻارن جي تعليم، بجلي جا بل ۽ روزاني خرچ ڪيئن پورو ڪندو

سيٺارجا سنڌ جو وڏو وزير مراد علي شاهه وزير تعليم سردار شاهه ايم سيف گهنور لغاري ۽ اڳوڻو ايم ڊي قاضي ڪبير جو فائل فوٽو

سيٺارجا(رپورٽ:سجاد علي ڪيهر)سنڌ حڪومت جي ماتحت هلندڙ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (SEF)جا 2,500 کان وڌيڪ اسڪول مالي بحران جي ور چڙهيل آهن، جن ۾ تعليم حاصل ڪندڙ 11 لک کان وڌيڪ غريب ۽ پٺتي پيل ٻارن جو مستقبل داءَ تي لڳي ويو آهي سيف وٽ لڳ ڀڳ 15 ارب روپين جو ساليانو بجيٽ موجود ۽ سنڌ حڪومت طرفان گذريل ڇهن سالن کان اسڪولن اندر پڙهندڙ شاگردن لاءِ سبسڊي ۾ هڪ روپيو به اضافو نه ڪيو ويو آهي، جنهن سبب ڪيترائي اسڪول بند ٿيڻ جي ڪناري تي پهچي ويا آهن اسڪول پارٽنرن جي مضبوط ذريعن وٽان اهيو معلوم ٿيو آهي ته سيف جي پاليسي ۽ معاهدن موجب هر سال ٻار لاءِ مقرر سبسڊي ۾ واڌ ٿيڻ لازمي آهي، پر عملي طور ان تي عمل نه ٿو ڪيو وڃي هنن چيو ته 2009ع ۾ في شاگرد 300 روپيا مقرر ڪيا ويا، جڏهن ته 2016-17ع ۾ ان وقت جي ايم ڊي ميڊم ناهيد درانيءَ اسڪولن جي عمارتن کي ماڊل بڻائڻ، بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ تعليمي معيار بهتر ڪرڻ لاءِ في شاگرد 700 روپيا مقرر ڪيا. بعد ۾ ايم ڊي قاضي ڪبير جي دور ۾ صرف 100 روپيا واڌ ڪري 800 رپيا ڪيا مقرر ويا هئا جيڪي اڄ تائين برقرار آهن، جڏهن ته ان عرصي دوران ملڪ ۾ مهانگائي ڪيترائي ڀيرا وڌي چڪي آهي هن وقت سنڌ حڪومت ۽ سيف جي تعاون سان هلندڙ اسڪولن اندر ڪچي کان ٻئي درجي تائين في ٻار صرف 800 روپيا، ٽئين کان پنجين تائين هڪ هزار، ڇهين کان اٺين تائين 1,500 ۽ نائين ڏهين لاءِ 2,000 روپيا ڏنا وڃن ٿا، جن مان استادن، هيڊ ٽيچر، پٽيوالي، اسٽيشنري، فرنيچر، بجلي، سولر سسٽم، پيئڻ جي پاڻي، عمارت جي مرمت ۽ ٻين سمورن خرچن جي ادائيگي ڪرڻي پوي ٿي، جيڪا موجوده حالتن ۾ ناممڪن بڻجي چڪي آهي.هن وڌيڪ چيو ته سيف سان معاهدي موجب اسڪول جي عمارت، فرنيچر، ڪرسيون، سولر سسٽم، صاف پاڻي ۽ ٻيون سڀ بنيادي سهولتون اسڪول پارٽنر پنهنجي خرچ تي مهيا ڪندو آهي، جڏهن ته سيف صرف في شاگرد جي مقرر ٿيل رقم ادا ڪندي آهي. سيف سان معاهدي ۾ استادن لاءِ 10 کان 12 هزار روپين جي پگهار چاچايل آهي، پر موجوده مهانگائي سبب اسڪول مالڪ مجبور آهن ته 15 کان 20 هزار روپيا پگهارون ڏئي رهيا آهن، جنهن ڪري ڪيترائي اسڪول سخت مالي بحران ۾ ڦاسي ويا آهن.اسڪول پارٽنرن الزام لڳايو ته سنڌ حڪومت سيف سان مائٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪري رهي آهي. ٻين تعليمي منصوبن ۽ ادارن تي هزارين روپيا في شاگرد تي خرچ ڪيا وڃن ٿا، جڏهن ته سيف جي اسڪولن کي سالن کان نظرانداز ڪيو ويو آهي. هنن چيو ته جيڪڏهن حڪومت واقعي تعليم کي اوليت ڏئي ٿي ته پوءِ 11 لک شاگردن سان اهڙو امتيازي سلوڪ ڇو ڪيو پيو وڃي عبرت سان اسڪول پارٽنر ڳالهائيندي چيو ته موجوده مهانگائي ۾ 800 روپين ۾ هڪ ٻار جي تعليم جو خرچ هلائڻ ناممڪن ٿي ويو آهي. 10 يا 12 هزار روپين جي پگهار تي استاد پنهنجي گهر جو راشن، ٻارن جي تعليم، بجلي جا بل ۽ روزاني خرچ ڪيئن پورو ڪندو ۽ استاد معاشي طور پريشان هوندو ته پوءِ تعليم جو معيار ڪيئن بهتر ٿيندو متاثر اسڪول پارٽنرن ۽ شاگردن سنڌ جي وڏي وزير، وزير تعليم ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور ٻارن جي سبسڊي ۾ نمايان واڌ ڪري، استادن جي پگهارن جو نئون پيڪيج متعارف ڪرايو وڃي ۽ سيف سان لاڳاپيل اسڪولن کي بچائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن. ٻي صورت ۾ هزارين استاد بيروزگار ۽ لکين شاگرد معياري تعليم کان محروم ٿي ويندا

خيرپور پرسان کجور جي پڙ کي باهه،متاثر ڳوٺاڻي پاران 5 لک روپين جي نقصان جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پرسان ڳوٺ محمد صديق شنباڻي ۾ جوابدارن هڪ ڳوٺاڻي جي کجور جي پڙ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو جنهن سبب متاثر ڳوٺاڻي طرفان لکين روپين جو مالي نقصان ٿيڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. متاثر ڳوٺاڻي محمد سڪيل شنباڻي صحافين سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته جوابدارن سندس کجور جي پڙ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ باردانو ۽ کجور سان ڀريل 35 بورين سڙي خاڪ ٿي ويون هن چيو ته واقعي سبب کيس لڳ ڀڳ 5 لک روپين جو مالي نقصان پهتو آهي. محمد سڪيل شنباڻي وڌيڪ ٻڌايو ته هن واقعي بابت لاڳاپيل ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي آهي، پر ان کانپوءِ جوابدار کيس مسلسل موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن سندس چوڻ هو ته جوابدار بااثر ۽ سياسي پٺڀرائي رکندڙ آهن جڏهن ته هو هڪ غريب ۽ مسڪين ماڻهو آهي، جنهن ڪري پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري رهيو آهي متاثر اختيارين ضلعي انتظاميه ۽ پوليس جي اعليٰ عملدارن کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي جوابدارن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي، کيس تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ ٿيل مالي نقصان جو ازالو پڻ ڪرايو وڃي ته جيئن کيس انصاف ملي سگهي

اوباڙو ۾ ايڪسائيز ڪاٽي جي ويئر هائوس ۾ اوچتو باهه ڀڙڪي پئي،ڪيترين ئي گاڏيون سڙي ويون

باهه جي نتيجي ۾ منشيات جي مختلف ڪيسن ۾ ضبط ڪيل ڪيترين ئي گاڏين کي باهه وڪوڙي وئي، گهڻي جدوجهد کان پوءِ باهه تي ضابطو آندو ويو

ويئر هائوس ۾ بيٺل ضبط ٿيل گاڏين مان اڳواٽ قيمتي پرزا ۽ ٻيو سامان ڪڍي وڪرو ڪيو ويندو آهي، پوءِ باهه لڳڻ جو واقعو پيش اچي ٿو:ذريعا

واقعي جي اعليٰ سطحي، شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي، باهه لڳڻ جا اصل سبب معلوم ڪيا وڃن:شهري

اوباڙو ايڪسائيز ڪاٽي جي ويئر هائوس کي لڳل باهه جو ڏيک

اوباڙو (رپورٽ:غلام قمبر بوهڙ)اوباڙو جي ملڪ ڪالوني ۾ قائم ايڪسائيز ڪاٽي جي ويئر هائوس ۾ اوچتو باهه ڀڙڪي پئي، جنهن جي نتيجي ۾ منشيات جي مختلف ڪيسن ۾ ضبط ڪيل ڪيترين ئي گاڏين کي باهه وڪوڙي وئي اطلاع ملندي ئي فائر برگيڊ ۽ لاڳاپيل ادارن جون ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون ۽ گهڻي جدوجهد کان پوءِ باهه تي ضابطو آندو جڏهن ته ڪيترين ئي گاڏين کي سخت نقصان پهتو ذريعن موجب هي واقعو شڪ کان خالي ناهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ويئر هائوس ۾ بيٺل ضبط ٿيل گاڏين مان اڳواٽ قيمتي پرزا ۽ ٻيو سامان ڪڍي وڪرو ڪيو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ ڪجهه عرصي کان پوءِ باهه لڳڻ جو واقعو پيش اچي ٿو ذريعن دعويٰ ڪئي آهي ته اهڙي قسم جا واقعا ماضي ۾ به سامهون اچي چڪا آهن جنهن سبب ڪيترائي سوال جنم وٺي رهيا آهن. شهرين ۽ سماجي حلقن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ضبط ٿيل سرڪاري تحويل ۾ موجود گاڏيون به محفوظ ناهن ته پوءِ لاڳاپيل ادارن جي ڪارڪردگي تي سنجيده سوال اٿن ٿا. هنن مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي اعليٰ سطحي، شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي، باهه لڳڻ جا اصل سبب معلوم ڪيا وڃن ۽ جيڪڏهن ڪنهن به سرڪاري عملدار جي غفلت يا ملوث هجڻ جا ثبوت ملن ته قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. واضح رهي ته هن وقت تائين ايڪسائيز ڪاٽي طرفان باهه لڳڻ جي سببن بابت ڪو به باضابطه بيان جاري ناهي ڪيو ويو

سنڌ مان گم ۽ اغوا ٿيل ٻارن جي بازيابي لاءِ سائيڪل تي 400 ڪلوميٽر سفر ڪري نوجوان راڻيپور پهتو

پريا ڪماري، اجالا سولنگي، فضيلا سرڪي سميت ٻارن جي بازيابي لاءِ سائيڪل مارچ ڪندڙ نويد علي پنڊ راڻيپور پهتو

28 کان مٿي ٻارڙا سنڌ مان اغوا ٿيل آهي، ان جي ڪري آءُ احتجاجي طور ڪراچي مان پيندل سائيڪل تي نڪتو آهيان:نويد علي پنڊ

عوام کي جاڳائڻ لاءِ نڪتو آهيان، اسان جا ٻار اغوا ٿي ويا آهن، اٿو هڪ ٿي ڪري ٻاهر نڪرو هي حڪمران صرف آرامي آهن

اڄ پريا اغوا آهي سڀاڻي اسان جا ٻار به اغوا ٿي ويندا پوءِ ڇا ڪنداسين ان ڪري هڪ ٿي ڪري ٻاهر کي نڪرڻو پوندو هي ويهڻ جو وقت ناهي

راڻيپور سنڌ مان گم ۽ اغوا ٿيل ٻارن جي بازيابي لاءِ سائيڪل تي 400 ڪلوميٽر سفر ڪري راڻيپور پهتل نوجوان

راڻيپور(رپورٽ:عبدالخالق گلال)ڪراچي کان پيندل سائيڪل تي سنڌ مان گم ۽ اغوا ٿيل ٻارڙن پريا ڪماري، اجالا سولنگي، فضيلا سرڪي سميت ٻارن جي بازيابي لاءِ سائيڪل تي 400 ڪلوميٽر جو سفر ڪري نويد علي پنڊ راڻيپور پهتو جتي ڪيس جو عرفان حيدر چاچڙ صحافي رضا راڄپر شڪيل احمد شيخ صحافي فياض راڄپر ۽ ٻين ڪيس ان موقعي تي نوجوان نويد علي پنڊ ڳالهائيندي چيو ته اسان جا معصوم پريا ڪماري، اجالا سولنگي سميت 28 کان مٿي ٻارڙا سنڌ مان اغوا ٿيل آهي ان جي ڪري آءُ احتجاجي طور ڪراچي مان پيندل سائيڪل تي نڪتو آهيان هن وڌيڪ چيو ته افسوس آهي جو پريا ڪماري کي اغوا ٿئي پنج سال ٿي ويا آهن پر ان کي بازياب نه ڪرايو وڃي، عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ نڪتو آهيان عوام کي جاڳائڻ لاءِ نڪتو آهيان اسان جا ٻار اغوا ٿي ويا آهن، اٿو هڪ ٿي ڪري ٻاهر نڪرو هي حڪمران صرف آرامي آهن. مان ڪراچي کان سکر تائين پيندل سائيڪل تي سفر ڪيو آهي هر شهر واسين کي ڪي پنهنجو منشور شعور ۽ انهن کي اڄاگر ڪرڻ لاءِ هر شهر جي نوجوانن سان ملندو آيو آهيان اڄ پريا اغوا آهي سڀاڻي اسان جا ٻار به اغوا ٿي ويندا پوءِ ڇا ڪنداسين ان ڪري هڪ ٿي ڪري ٻاهر کي نڪرڻو پوندو هي ويهڻ جو وقت ناهي

ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ 20 ڪلاڪن کان تيز هوا سان گڏ برسات

ڪيترائي علائقا برساتي هيٺ اچڻ ڪري درجنين ڪچا گهر ڏهي ويا

برسات پوڻ ڪري ڪپهه ۽ سارين، سبزين جي فصل کي ڪاپاري ڌڪ

پاڻي نيڪالي لاءِ انتظاميه کي اپاءَ نه ورتا،عوام ۾ ڪاوڙ جي لهر ڇانئيل

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر)ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ لڳاتار 20 ڪلاڪن کان تيز هوا سان گڏ پوندڙ برسات جو سلسلو جاري شهري ۽ ٻهراڙين جا ڪيترائي علائقا مڪمل برساتي هيٺ اچڻ ڪري درجنين ڪچا گهر ڏهي پٽ پئجي ويا برسات پوڻ ڪري ڪپهه ۽ سارين، سبزين جي فصل کي ڪاپاري ڌڪ آبادگار سخت پريشان برساتي پاڻي بيهڻ ڪري شهري ۽ ٻهراڙين جا روڊ رستا برساتي پاڻي هيٺ اچي ويا آهن ضلعي انتظاميا توڙي ميونسپل ۽ ٽائون انتظاميه برساتي پاڻي جي نيڪالي جو ڪوبه بندوبست نه ڪري سگهيا جنهن ڪري ضلعي ٽنڊو محمد خان جي ,تعلقي ٽنڊو غلام حيدر جي آس پاس جا ڪيترائي ڳوٺ برساتي پاڻي هيٺ اچي ويا آهن برساتي پاڻي نيڪالي لاءِ ٽائون انتظاميه ڪي اپاءَ نه ورتا آهن عوام ۾ ڪاوڙ جي لهر ڇانئيل آهي علائقي واسين جو چوڻ هو ته ٽائون انتظاميه کي ڪروڙن جي وڏي بجيٽ هوندي به عوام کي ڪابه سهولت مهيسر نه آهي ۽ ڪيترن ئي ڳوٺن جا روڊ به نه ٺهي سگهيا آهن جنهن ڪري برساتي پاڻي جي هيٺ اچي ويا آهن ۽ نه وري ٽائون ڪاميٽي ٽنڊو غلام حيدر پاران ڪابه سهولت عوام لاءِ نه آهي هنن چيو ته برساتي پاڻي بيهڻ ڪري عوام جي اچ وڃ مڪمل طرح سان بند ٿي ويئي آهي ۽ ڳوٺاڻا سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن هنن چيو ته مختلف ڳوٺن ۾ رهندڙ بزرگن ۽ بيمار ماڻهن کي اسپتال پهچائڻ لاءِ پريشان آهيون ٻي طرف ٽنڊو محمد خان شهر جون به اهم ڪاروباري بازارون جنهن ۾ چانڊني چوڪ، سبزي منڊي، شاهي بازار سميت مختلف درجنين علائقا جنهن ۾ ڀرائي محلو ، اسٽيشن روڊ، سيرت النبي چوڪ، مشترڪا ڪالوني، اڃا تائين مڪمل برساتي پاڻي هيٺ آهن ماڻهو گهرن تائين محدود ٿي ويا آهن، ٻي طرف علائقي جي عوام ڌانهيندي چيو ته اسان جا چونڊيل نمائندا ڌڪ ۾ اچڻ لاءِ تيار نه آهن اساجي ڪوبه نعو ٻڌي ٻهراڙين جي ڳوٺن ۾ وڏو برساتي پاڻي جمع آهي حڪومت پاران عوام جي سهولت لاءِ ٽائون ۽ ميونسپل ڪاميٽن ۾ به فنڊ به وڌايا ويا آهن پر عوام کي ڪوبه لاڀ حاصل نه آهي حڪومت سنڌ نوٽس وٺي عوام جي سار لهي

ٽنڊو محمد خان مسلسل برسات سبب روڊ تي بيٺل پاڻي جو ڏيک

حيدرآباد ۾ ٻيلا بچايو ڪميٽي جي سڏ تي اولڊ ڪئمپس کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي

ريلي ۾ وڏي تعداد ۾ عورتن ۽ شهرين شرڪت ڪئي،مظاهرين پاران هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي ٻيلا بچايو سنڌ بچايو جا نعرا

سنڌ جا ٻيلا سنڌ سرڪار ڪٽائي رهي آهي،جيڪڏهن اڄ ٻيلا نه بچايا نه ايندڙ نسل کي گرمائش ۽ ٻوڏ کان بچائڻ وارو ڪو به ڪونه هوندو:زين دائود پوٽو

سنڌ جي زمين مخصوص ماڻهن جي حوالي ڪرڻ سنڌ جي هارين ۽ مزدورن سان دشمني آهي، جنهن سان ننڍو هاري تباهه ٿي ويندو:نثار لغاري

ماحول بچائڻ اسان جي قومي ذميواري آهي،جيڪي وڻ اسان جا وڏا پوکي ويا انهن کي اڄ وڍيو پيو وڃي،ٻيلا بچايو ڪميٽي آخري حد تائين وڙهندي:ناصر پنهور

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)ٻيلا بچايو ڪميٽي جي سڏ تي هلندڙ برسات دوران ڪالهه سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس کان حيدرآباد پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. ريلي جي اڳواڻي زين داءُد پوٽو نثار لغاري، ناصر پنهور ۽ زاهد مرتضيٰ ڏاريجو،ڪامريڊ اقبال خان سوڍو سماجي اڳواڻن ڪئي ريلي ۾ وڏي تعداد ۾ عورتن ۽ شهرين شرڪت ڪئي،مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي "ٻيلا بچايو سنڌ بچايو جا نعرا هڻي رهيا هئا ان موقعي تي زين داءُد پوٽو چيو ته سنڌ جا ٻيلا سنڌ سرڪار سڌي طرح ڪٽائي رهي آهي حڪومت قدرتي وسيلن کي وڪڻي رهي آهي. جيڪڏهن اڄ ٻيلا نه بچايا ته ايندڙ نسل کي گرمائش ۽ ٻوڏ کان بچائڻ وارو ڪو به ڪونه هوندو،هن چيو ته ريلي ۾ عورتن جي وڏي تعداد ۾ شرڪت ثابت ڪري ٿي ته هي تحريڪ هاڻي هر گهر جي آواز بڻجي چڪي آهي.نثار لغاري ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي زمين مخصوص ماڻهن جي حوالي ڪرڻ سنڌ جي هارين ۽ مزدورن سان دشمني آهي جنهن سان ننڍو هاري تباهه ٿي ويندو. اسان جو مطالبو آهي ته فوري طور ٻيلن جي ڪٽائي بند ڪئي وڃي ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.ماحولياتي ماهر ناصر پنهور ڳالهائيندي چيو ته ماحول بچائڻ اسان جي قومي ذميواري آهي جيڪي وڻ اسان جا وڏا پوکي ويا انهن کي اڄ وڍيو پيو وڃي. ٻيلا بچايو ڪميٽي هن جنگ کي آخري حد تائين وڙهندي اسان پرامن آهيون پر پنهنجي حقن تان پوئتي نه هٽنداسين.ايرڊ زون آرگنائيزيشن جي مرڪزي اڳواڻ زاهد مرتضيٰ ڏاريجو جوچوڻ هو ته حڪومت هڪ پاسي گرين پاڪستان جي ڳالهه ڪري ٿي ۽ ٻئي پاسي ٻيلا ڪٽرائي رهي آهي هي ٻٽو معيار نامنظور آهي سنڌ جي عوام هاڻي جاڳي چڪو آهي هر ڳوٺ، هر شهر ۾ هن تحريڪ کي پهچايو ويندو سنڌين نيشنل ڪانگريس جي سارنگ جويو خطاب ڪندي چيو ته سرمائيداري نظام فطرت کي تباهه ڪري رهيو آهي ٻيلا اسان جو ورثو آهن. عورتن جي هن احتجاج ۾ شموليت اسان کي وڌيڪ طاقت ڏني آهي ڪامريڊ شاهينا لغاري،سهڻي جويو،سنڌو رنگريز حاڪم چانڊيو، رمضان ٻرڙو،رحمت الله سولنگي،پير محمد نوناري،عمير انصاري،عطامحمد نوناري ۽ ٻين به شرڪت ڪري ٻيلا بچائڻ جي جدوجهد جاري رکڻ جو عزم ڪيو.آخر ۾ ٻيلا بچايو ڪميٽي جي اڳواڻن حڪومت کي چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن مطالبا نه مڃيا ويا ته سموري سنڌ ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

خيرپور پوليس جي وڏي ڪارروائي،7 لک رپيا نقد رقم ۽ سون جا زيور هٿ،هڪ جوابدار گرفتار

پوليس ڪارروائي ڪندي ڪجهه ڏينهن اڳ شهري کان ڦر ٿيل 7 لک رپيا نقد رقم ۽ سون جا زيور هٿ ڪري هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو

گرفتار جوابدار غلام حيدر سولنگي کان وڌيڪ جاچ جاري آهي، جڏهن ته هٿ آيل رقم ۽ سون جا زيور اصل مالڪن حوالي ڪيا ويا آهن:پوليس

ڊي ايس پي گمبٽ صغير احمد ميمڻ جي نگراني ۾ ايس ايڇ او شاهه لطيف ۽ ايس ايڇ او گمبٽ گڏيل ڪارروائي ڪئي

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پوليس جي وڏي ڪارروائي 7 لک رپيا نقد رقم ۽ سون جا زيور هٿ، هڪ جوابدار گرفتار ڪري ورتو رقم ۽ سون اصل مالڪ حوالي خيرپور پوليس وڏي ڪارروائي ڪندي ڪجهه ڏينهن اڳ شهري کان ڦر ٿيل 7 لک رپيا نقد رقم ۽ سون جا زيور هٿ ڪري هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي اها ڳالهه ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي پنهنجي جاري ڪيل پڌرائي ۾ ٻڌائي هن چيو ته پوليس جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان ڪامياب ڪارروائي ڪندي ڪجهه ڏينهن اڳ شهري کان ڦر ٿيل 7 لک رپيا نقد رقم ۽ سون جا زيور هٿ ڪري ورتا، جڏهن ته هڪ جوابدار غلام حيدر سولنگي کي گرفتار ڪيو ويو آهي .ايس ايس پي موجب ڊي ايس پي گمبٽ صغير احمد ميمڻ جي نگراني ۾ ايس ايڇ او شاهه لطيف ۽ ايس ايڇ او گمبٽ گڏيل ڪارروائي ڪئي هن وڌيڪ ٻڌايو ته گرفتار جوابدار غلام حيدر سولنگي ڪجهه ڏينهن اڳ شاهه لطيف ٿاڻي جي حدن ۾ هڪ عورت کان 7 لک رپيا نقد رقم ۽ سون جا زيور ڦر ڪري فرار ٿي ويو هو.پوليس موجب گرفتار جوابدار کان وڌيڪ جاچ جاري آهي جڏهن ته هٿ آيل رقم ۽ سون جا زيور اصل مالڪن حوالي ڪيا ويا آهن.ايس ايس پي امير سعود مگسي ڪامياب ڪارروائي تي پوليس فورس کي شاباسي ڏيندي سندن ڪارڪردگي کي ساراهيو

ڊگهڙي ۾ مختلف موبائل نيٽ ورڪ جي خراب سروسز خلاف شهرين جو احتجاج

ڊگهڙي(ن ع)ڊگهڙي ۾مختلف موبائل نيٽ ورڪ جي خراب سروسز خلاف شهرين جو احتجاج، بهتر سهولتن جو مطالبو ڊگهڙي شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ مختلف موبائل نيٽ ورڪ جي خراب ڪارڪردگي سبب صارفين سخت پريشان آهن شهرين موجب مختلف ڪمپنين جا سگنل بار بار غائب ٿي وڃن ٿا، ڪالون ڊراپ ٿي وڃن ٿيون ۽ انٽرنيٽ جي رفتار انتهائي سست ٿي وئي آهي.صارفين جو چوڻ آهي ته مهانگا انٽرنيٽ ۽ ڪال پيڪيجز خريد ڪرڻ باوجود کين معياري سهولتون نٿيون ملن انٽرنيٽ جي سست رفتاري سبب واٽس ايپ، سوشل ميڊيا ۽ ٻين آن لائن سروسز جي استعمال ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن جنهن ڪري شاگرد، ڪاروباري طبقو ۽ آن لائن ڪم ڪندڙ خاص طور متاثر ٿي رهيا آهن.علائقي واسين جو چوڻ آهي ته سگنلن جي ڪمزوري ۽ ڊيٽا سروس جي خراب صورتحال سبب روزاني رابطن جو نظام به متاثر ٿيو آهي هڪ پاسي موبائل ڪمپنيون پيڪيجز جا اگهه وڌائي رهيون آهن جڏهن ته ٻئي پاسي سروس جو معيار ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندو پيو وڃي

سکر ۾ هانيا اڪيڊمي پاران ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ لاءِ موڪ ٽيسٽ ورتي وئي

شهر توڙي آس پاس جي ڪيترن ئي شاگردن توڙي شاگردياڻين حصو ورتو

قاضي جاويد سنائي هانيا اڪيڊمي جو دورو ڪري ٽيسٽ جو جائزو ورتو

سکر (س ا)هانيا اڪيڊمي سکر پاران ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ جي تياريءَ جي سلسلي ۾ موڪ ٽيسٽ ورتي وئي جيڪا 16 آگسٽ تي قائد عوام يونيورسٽيءَ ۾ ميڊيڪل جي داخلا لاءِ ٿيندڙ ٽيسٽ لاءِ بهتر تياري ثابت ٿيندي ٽيسٽ ۾ سکر شهر توڙي آس پاس جي ڪيترن ئي شاگردن توڙي شاگردياڻين حصو ورتو جڏهن ته سکر پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح ۽ همدرد سپورٽ پروگرام جي چيئرمين قاضي جاويد سنائي هانيا اڪيڊمي جو دورو ڪري ٽيسٽ جو جائزو ورتو ۽ شاگردن کان انتظامن بابت ويچار ورتا جن هانيا انتظاميه پاران ڪيل انتظامن کي ساراهيو هوڏانهن هانيا اڪيڊمي جي چيف ايگزيڪيٽو پروفيسر غلام حسين جلباڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي ڪوشش آهي اڄ جو نوجوان ۽ نياڻي تعليم جي ميدان ۾ اڳتي وڌن ڇاڪاڻ جو وقت اي آئي جو دور هلي رهيو آهي ۽ ايندڙ وقت اڃا وڌيڪ ايڊوانس هوندو ان ڪري ان جي تياري ڪرڻ گهرجي هن اهو پڻ چيو ته 16 آگسٽ تي قائد عوام يونيورسٽي شهيد بينظيرآباد ۾ ميڊيڪل ۾ داخلا لاءِ ڊويزن سطح تي ٽيسٽ ٿي رهي آهي ان جي تياري لاءِ اسان هيءَ ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ وٺي رهيا آهيون اميد آهي ته هانيا اڪيڊمي جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون 16 آگسٽ واري ٽيسٽ ضرور پاس ڪنديون

سکر هانيا اڪيڊمي پاران ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ لاءِ موڪ ٽيسٽ ورتي وئي

خيرپور ۾ عدالتي ڪاروائين جو بائيڪاٽ،وڪيلن پاران احتجاجي مظاهرو

وڪيل نسيم سيال ۽ فيملي سان ڊاڪٽرياڻين پاران غيرمناسب عمل خلاف نعريبازي

انساني حقن جي لتاڙ ڪرڻ وارو سلوڪ افسوس جوڳو ڪم آهي:حسن ناريجو

خيرپور(ڊ ر)سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي خيرپور جي وڪيل نسيم احمد سيال ۽ ان جي فيملي سان نجي اسپتال جي ڊاڪٽرن، ڊاڪٽرياڻين پاران اختيار ڪيل غيرمناسب عمل خلاف خيرپور ۾ عدالتي ڪاروائين جو بائيڪاٽ ، وڪيلن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري جي اڳواڻي حسن ناريجو ، نسيم احمد سيال ، شعيب نياز خاصخيلي ، غضنفر عباس جتوئي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا هنن چيو ته حاضري تي ايندڙ ماڻهن کي نيون تاريخون ڏئي واپس روانو ڪيو ويو اسپتال جي ڊاڪٽرن پاران نسيم سيال جي فيملي کي حراسان ڪرڻ موت مار ڌمڪيون ڏيڻ جي شديد مذمت ڪريون ٿا. هنن چيو ته ڊاڪٽرن ڊاڪٽرياڻين جي اهڙي غيرقانوني انساني حقن جي لتاڙ ڪرڻ وارو سلوڪ افسوس جوڳو ڪم آهي وڪيل سان ايڏي وڏي ناجائزي ڪئي وئي آهي ته عام ماڻهن سان ڇا حشر هوندو وڪيلن پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئشن ۽ صحت جي ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪري ته جلد معاملي جو نوٽيس وٺي اسپتال جو لائسنس رد ڪري ڊاڪٽرن ڊاڪٽرياڻين خلاف سخت کان سخت ڪاروائي ڪئي وڃي

خيرپور پوليس جي ڪامياب ڪاروائي،هڪ ڌاڙيل زخمي حالت ۾ گرفتار

فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ڌاڙيل نادر شنباڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو

ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. سندن گرفتاري لاءِ سرچ آپريشن جاري

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پوليس وڏا مهيسر ٿاڻي جي حد ۾ ڌاڙيلن جي ٽولي سان مقابلو ڪري هڪ ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو اها ڳالهه ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي ٻڌائيندي چيو ته پوليس کي اطلاع مليو هئي ته وڏا مهيسر لنڪ روڊ تي ڌاڙيل واردات جي ارادي سان موجود آهن اطلاع ملندي ئي پوليس پهتي، جنهن دوران ڌاڙيلن سان مقابلو ٿيو فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڌاڙيل نادر علي شنباڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا سندن گرفتاري لاءِ سرچ آپريشن جاري آهي.ايس ايس پي موجب گرفتار زخمي ڌاڙيل چوري، ڦرلٽ، پوليس مقابلن ۽ ٻين سنگين ڏوهن جي ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل هو سندس قبضي مان هڪ پسٽل ۽ گوليون پڻ هٿ ڪيون ويون آهن هن خلاف مختلف ٿاڻن تي 15 کان وڌيڪ ڪيس داخل آهن زخمي ڌاڙيل کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي پوليس موجب گرفتار جوابدار کان وڌيڪ جاچ جاري آهي

ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر پاران چوماسي برسات سبب سرڪاري ڪاتن لاءِ هاءِ الرٽ جاري

مٺي(ڊ ر)ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي چوماسي جي هلندڙ برسات کي نظر ۾ رکندي ضلعي جي سمورن سرڪاري کاتن لاءِ هاءِ الرٽ جاري ڪندي کين هدايت ڪئي آهي ته اهي اڳواٽ اجازت وٺڻ کان سواءِ پنهنجو هيڊ ڪوارٽر نه ڇڏين ۽ فيلڊ ۾ موجود رهي پنهنجي پنهنجي کاتي جي جيڪا سندن ذميواري آهي اها پوري ڪن. هن پنهنجي جاري ڪيل پڌرائي ۾ سمورن سرڪاري کاتن جي عملدارن کي چتاءُ ڏنو آهي ته برسات دوران ڪنهن به امڪاني اڻٽرندڙ صورتحال ۾ ڪنهن به کاتي جي ڪمي ڪا ڪوتاهي نظر ايندي ته ان خلاف سخت ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي.هن ضلعي جي سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن,صحت کاتي، پي پي ايڇ آءِ سميت 1122 جي عملدارن کي هدايت ڪئي آهي ته اهي هر وقت فيلڊ ۾ موجود رهن ۽ عوام سان ويجهي رابطي ۾ رهن ته جيئن ڪنهن به مسئلو هجي ته ان کي فوري طور منهن ڏيئي سگهجي، هن ٽي ايم اوز ۽ سي ايم اوز کي هدايت ڪئي آهي برسات جي پاڻي جي ڊرت نيڪال لاءِ اڳواٽ قدم کڻن

تيل جي وڌندڙ قيمتن سبب عام زندگي مفلوج ٿي وئي آهي:عبدالستار ڪيريو

وفاقي حڪومت پيٽرول جي قيمتن تي ڪنٽرول ڪري عوام کي رليف ڏئي

پ پ اڳواڻ پاران انڊس پبلڪ سوشل فورم 17 سالگره جي تقريب ۾ خطاب

سکر (س ا)انڊس پبلڪ سوشل فورم سٽي سکر جي سٽي ڪائونسل جي اجلاس کي خطاب ڪندي پ پ پ جي مرڪزي اڳواڻ سردارعبدالستار ڪيريو چيو ته وڌندڙ تيل جي قيمتن سبب عام زندگي مفلوج ٿي وئي آهي وفاقي حڪومت پيٽرول جي قيمتن تي ڪنٽرول ڪري عوام کي رليف ڏئي ، هن چيو ته دنيا جي جنگ جو اثر عالمي معشيت تي پيو آهي مهانگائي حد کان وڌي وئي آهي هن وڌيڪ چيو ته تنظيم جي 17 سالگره ۽ پاڪستان جي آزادي جو ڏينهن هر يونٽ ۾ ملهايو ويندو پاڪستان اسان جو ملڪ آهي سنڌ کي ڪير به ٽوڙي نٿو سگهي ، هن چيو ته پ پ پ دور ۾ سدائين عوام جا ڪم ٿين ٿا بي روزگار نوجوانن کي نوڪريون ڏيارڻ لا پارٽي قيادت سان ڳالهايو آهي هن چيو ته سنڌ جي نوجوان ۾ تعليمي ٽيلنٽ آهي ملڪ جي ترقي ۾ نوجوانن جو وڏو ڪردار آهي سٽي ڪائونسل تقريب کي ضلع صدر محمد بچل ڪيريو نثاراحمد ڪيريو شوڪت ڪيريو .عبدالمجيد عباسي شاهنواز ماڇوٺو ايڊوڪيٽ نويد سومرو محمدالدين مغل زاهد جمالي نعيم شيخ .سڪندر سولنگي محمد هاشم ڪيريو .ڊاڪٽر غلاممصطفيٰ ڪيريو آفتاب ڪيريو ۽ ٻين خطاب ڪيو ، اجلاس ۾ فوجي شريف ، علي غلام ، اڪبر علي ، حڪيم الاهي ، منصور عباسي حسن چانڊيو سميت يوٽ صدرن پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو تقريب ۾انڊس پبلڪ سوشل فورم 17 سالگره جو ڪيڪ سردارعبدالستارڪيريو عهديدارن گڏجي ڪٽيو

سکر انڊس پبلڪ سوشل فورم 17 سالگره تقريب ۾ ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

جشن ميلادالنبي ڪائونسل تعلقه سکر پاران الڳ الڳ اجلاس منعقد ڪيا ويا

سکر (س ا)جشن ميلادالنبي ڪائونسل تعلقه سکر پاران يوسي فتح پور ۽ يوسي محراپور جي اٺن ڳوٺن جي يونٽن ۾ ميلاد پاڪ جي ٻارهين ربيع الاول جي جلوس جي تياري جي سلسلي ۾ مفتي فيض محمد سڪندري جي صدارت هيٺ الڳ الڳ اجلاس منعقد ڪيا ويا جنهن ۾ جشن ميلادالنبي ڪونسل جا ميمبر پڻ شريڪ ٿيا جن ۾ مولانا نظير احمد جمالي . مولانا عمردراز اخترالقادري . مولانا محمد الدين چانڊيو . مولانا عبدالستار المدني مولانا لياقت علي ڪيريو شامل هئا جن ڳوٺن جي وزٽ ڪئي وئي انهن ۾ ڳوٺ مراد علي خان چانڊيو . فتح خان چانڊيو ڳوٺ مصري خان ڪوسو. فيض آباد پمپ . ڳوٺ ڊلو سوري . صيفي فقير .. ڳوٺ دنگ شريف .. ڳوٺ مڏ اسٽاپ ۽ ڳوٺ محرابپور شامل هئا هر جاءِ تي وڏي تعداد ۾ عاشقان رسول شريڪ ٿيا جتي انتظام سنڀاليندڙ مولوي عاشق حسين بگهيو . حافظ شمس الدين مگسي . حافظ اعجاز احمد سڪندري، فقير نواب جوڻيجو . فقير اسماعيل ڪيريو .حافظ ظهير احمد مگسي . قاري وسيم عطاري . محمد حنيف چانڊيو حافظ ذوالفقار چانڊيو ۽ ٻيا ڪافي تعداد ۾ ڳوٺن جا معزز شريڪ هئا

محرابپور واسي شهري پاران پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج

محرابپور(ت-ر)محرابپور واسي شهري پاران پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج انصاف ڀري جاچ جو مطالبو ان ڏس ۾ محرابپور جي مير پاڙي واسي ڪاروباري شهري محمد سرور ملڪ محرابپور پوليس جي زيادتين جڙتو ڪيس ۽ ڌمڪائڻ خلاف احتجاج ڪندي ڌانهيو آهي محرابپور پوليس ڪجهه ڏهاڙا اڳ مونکي ۽ منهنجي پٽ وحيد ملڪ کي ڊيوٽي انڪاءِ جي هڪ جڙتو ڪوڙي ڪيس ۾ بيگناهه نامزد ڪري پريشان ڪري ڇڏيو آهي هن وڌيڪ چيو ته واقعي خلاف اعليٰ احڪام کي شڪايتون پڻ اماڻي ڇڏيون آهن ۽ شڪايتي رجسٽر لاءِ ٿاڻي تي پهتس ته منشي رجسٽر ڏيڻ انڪار ڪندي ٿاڻي کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هن چيو ته پوليس بيگناهه تنگ ڪري وڌيڪ نقصان رسائڻ لاءِ ڌمڪائڻ رهي آهي هن گهرو وزير ضياء لنجار آئي جي سنڌ ايس ايس پي نوشهروفيروز کي اپيل ڪئي ته واقعي جو نوٽيس وٺي ٿيل زيادتين جو ازالو ڪري ملوث ڪارين ردن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي

رزاق منگي اسان لاءِ رڻ ٻاري ڏنو آهي،ڌمڪيون ڏئي حراسان پيو ڪري:سعيد منگي

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع)ڳوٺ ڏيوڻ واسي سعيد احمد منگي پريس ڪلب ۾ اچي ڌانهيو ته ڳوٺ جو نشئي رزاق منگي اسان لاءِ رڻ ٻاري ڏنو آهي ڪهاڙي کڻي هر هڪ کي گاريون ڏئي ۽ موت مار ڌمڪيون ڏئي حراسان پيو ڪري، مان سندس ڀاءُ محمد حسن منگي کي ڌانهن ڏني جنهن ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي. نشئي رزاق بغير ٻڌائڻ جي پردي جو تقدس پائمال ڪندي منهنجي گهر ۾ ڪهاڙي سميت گهڙي پيو ۽ مونکي موت مار ڌمڪيون ڏئي چيائين ت منهنجي ڌانهن ڀاءُ کي ڏني اٿئي مان ڪنهن کان ب ڪونه ٿو ڊڄان. اڳتي ڌانهن ڏني اٿئي ته ڏينهن جا تارا ڏسندين. هن وڌيڪ ٻڌايو ته مونکي نشئي جو ڀاءُ حسن منگي به ڌمڪيون ڏئي ٿو ته منهنجي ڀاءُ رزاق کي تون ڇو وڌ گهٽ ڳالهايو آهي. توکي ڏسي وٺنداسين. جڏهن ته هنن ٻنهي ڀائرن جو گهر منهنجي گهر جي سامهون آهي جنهن مهل سامهون پئي ٿا گاريون ڏيڻ کان نٿا مڙن . اسان جو هنن هروڀرو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي. مان اهڙي درخواست ڪوٽڙي ڪبير پوليس چونڪي تي به ڏني آهي پر پوليس به هيئنر تائين تدارڪ نه ڪيو آهي

ڪوٽڙي ڪبير سعيد منگي بااثر خلاف ڌانهين رهيو آهي

خيرپور پاپوليشن کاتي ۾ عورتن جا آرڊر روڪڻ خلاف احتجاج

آرڊر جاري ڪرڻ جي عيوض مبينا طور رشوت طلب ڪئي پئي وڃي؛عورت اميدوار

اسان تعليم ۽ قابليت جي بنياد تي نوڪري لاءِ اهل آهيون،مرحلا مڪمل ڪيا آهن

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۾ پاپوليشن کاتي جي 15 خالي جاين جا آرڊر جاري نه ٿيڻ خلاف متاثر عورتن پاران احتجاج ڪيو ويو. احتجاج ڪندڙ عورتن پريس ڪلب پهچي صحافين آڏو ڌانهيندي الزام هنيو ته کاتي ۾ خالي جاين جا آرڊر جاري ڪرڻ جي عيوض مبينا طور رشوت طلب ڪئي پئي وڃي عورتن جو چوڻ هو ته پاپوليشن کاتي سان لاڳاپيل آفيسرن مبينا طور نوڪرين جا آرڊر جاري ڪرڻ لاءِ رشوت گهري رهيا آهن جڏهن ته جيڪي عورتون مبينا رشوت ڏيڻ کان انڪار ڪن ٿيون انهن جا آرڊر روڪيا وڃن ٿا ۽ کين نوڪري جا حق نه ڏنا پيا وڃن هنن چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ ڊپٽي ڪمشنر وٽ انٽر ويو ٿيا هئا ان ۾ ميرٽ تي پاس ٿي ويا آهيو ۾ ميرٽ جي لتاڙ ڪئي پئي وڃي احتجاج ڪندڙ عورتن چيو ته اسان تعليم ۽ قابليت جي بنياد تي نوڪري لاءِ اهل آهيون ۽ خالي جاين لاءِ مقرر ڪيل سمورا مرحلا مڪمل ڪري چڪا آهيون پر ان باوجود آرڊر جاري ڪرڻ ۾ دير ڪئي پئي وڃي جي ته رشوت ڏيڻ اسان جهڙين غريب عورتن لاءِ ممڪن ناهي تنهن ڪري اسان کي نوڪري جي حق کان محروم ڪيو پيو وڃي عورتن سنڌ حڪومت، پاپوليشن کاتي جي اعليٰ اختيارين، ڊپٽي ڪمشنر خيرپور ۽ اينٽي ڪرپشن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي ۽ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. جڏهن ته 15 خالي جاين جا آرڊر بنا ڪنهن سفارش ۽ رشوت جي صرف ميرٽ جي بنياد تي جاري ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي. عورتن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ۽ آرڊر جاري نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌائي ضلعي توڙي صوبائي سطح تي احتجاج ڪيو ويندو هنن ڪمشنر سکر کان مطالبو ميرٽ جي بنياد تي آرڊر جاري ڪري ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

ڊپٽي ڪمشنر آفيس خيرپور جي دربار هال ۾ هڪ اهم اجلاس

برساتن ۽ امڪاني ٻوڏ واري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ جائزو ورتو ويو

جامع رسڪ اسيسمينٽ ۽ ڪنٽيجنسي پلان تيار ڪيو ويو آهي:الطاف احمد چاچڙ

خيرپور(ڊ ر)ڊپٽي ڪمشنر خيرپور ۽ چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي الطاف احمد چاچڙ جي صدارت هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس خيرپور جي دربار هال ۾هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو،جنهن ۾ضلعي اندر مون سون جي برساتن ۽ امڪاني ٻوڏ واري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيل انتظامن،رسڪ اسيسمينٽ ۽ ڪنٽيجنسي پلان جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر-I رياض احمد شيخ، چيف ميونسپل آفيسر غلام قادر ٿيٻو ڊسٽرڪٽ ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي، صحت کاتي ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته سال 2022 ع جي تباهه ڪندڙ ٻوڏ مان حاصل ٿيل تجربن جي روشني ۾ ضلعي خيرپور لاءِ هڪ جامع رسڪ اسيسمينٽ ۽ ڪنٽيجنسي پلان تيار ڪيو ويو آهي ته جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ بروقت ۽ اثرائتا قدم کڻي سگهجن بريفنگ دوران ٻڌايو ويو ته سال 2022ع جي مون سون دوران ضلعي خيرپور ۾ غيرمعمولي برساتون ٿيون جنهن سبب 73 هزار کان وڌيڪ ماڻهو بي گهر ٿيا جڏهن ته زرعي زمينن، بيٺل فصلن خاص طور تي ڪجين جي باغن ۽ مال مويشن کي سخت نقصان پهتو تعلقي فيض گنج خيرپور ۽ ميرواهه ۾ سڀ کان وڌيڪ برسات رڪارڊ ڪئي وئي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته متاثرن جي امداد لاءِ ضلعي اندر 269 رليف ڪئمپون قائم ڪرڻ جي گنجائش موجود آهي جڏهن ته سال 2022 ع جي ٻوڏ دوران انهن ئي ڪئمپن ۾ 73 هزار 294 متاثر ماڻهن کي رهائش ۽ ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون ويون هيون اجلاس ۾ صحت جي سهولتن جو پڻ جائزو ورتو ويو بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ضلعي خيرپور ۾ 204 سرڪاري صحت مرڪز فعال آهن جن ۾ خيرپور ميڊيڪل ڪاليج گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (GIMS)، ضلعي ۽ تعلقا اسپتالون ۽ 169 بنيادي صحت مرڪز (BHUs)شامل آهن انهن ادارن ۾ مجموعي طور 1,413 بسترا 597 ڊاڪٽر ۽ 62 ايمبولينسون موجود آهن اجلاس ۾ ضلعي جي اهم حفاظتي بندن، هيڊاهين ۽ حساس علائقن خاص طور تعلقي خيرپور ۽ سوڀوديرو جي ڪيترين ئي يونين ڪائونسلن جو پڻ جائزو ورتو ويو ان کان علاوه شهري علائقن مان برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ 15 پمپنگ اسٽيشنن جي گنجائش ۽ ڪارڪردگي بابت پڻ بريفنگ ڏني وئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته هو مون سون جي موسم دوران مڪمل الرٽ رهن، سموري مشينري، عملي ۽ هنگامي وسيلن کي هر وقت تيار رکن ۽ پاڻ ۾ رابطي کي وڌيڪ اثرائتو بڻائين ته جيئن ڪنهن به امڪاني قدرتي آفت جي صورت ۾ بروقت امدادي ڪارروايون يقيني بڻائي سگهجن هن چيو ته عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ ضلعي انتظاميا جي اولين ترجيح آهي ۽ سڀئي ادارا گڏيل حڪمت عملي تحت پنهنجون ذميواريون نڀائين

دوڙ ۾ جسقم پاران غلام عباس واسواڻو جي خون سان انصاف لاءِ احتجاجي مظاهرو

شهر ۾ منشيات جو سرعام وڪرو ٿيڻ خلاف ڪارڪنن پاران سخت نعريبازي

دوڙ شهر ۾ منشيات فروشن ڪيترائي گهر برباد ڪري ڇڏيا آهن: اڪبر خان مري

دوڙ (ن ع)دوڙ شهر ۾ منشيات جو سرعام وڪرو ٿيڻ ۽ منشيات فروش پاران سرعام خنجر هڻي قتل ڪيل مقتول غلام عباس واسواڻو جي خون سان انصاف لاءِ جسقم بشير خان پاران علمدار چوڪ دوڙ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب دوڙ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ ڪارڪنن پاران سخت نعريبازي ڪندي تي مرڪزي اڳواڻ اڪبر خان مري منير احمد پرڳڙي محمد علي ڪوسو طاهر علي زرداري علي شان وگڻ راشد بروهي سعيد خاصخيلي منتظر وگڻ رحيم بروهي ۽ ٻين چيو ته هڪ هفتو اڳ دوڙ شهر جي علي آباد ڪالوني جي امام بارگاهه ۾ اندر آئيس واپرائڻ کان روڪڻ تي منشيات فروشن سرعام خنجر هڻي نوجوان غلام عباس واسواڻو کي قتل ڪري ڇڏيو دوڙ شهر ۾ منشيات فروشن ڪيترائي گهر برباد ڪري ڇڏيا آهن دوڙ شهر ۾ آئيس شراب چرس آفيم زيد ايڪيهه سميت ٻيو منشيات سرعام وڪرو ٿي رهيو آهي پوليس منشيات فروشن کان منٿليون وٺڻ ۾ مصروف آهي هنن مطالبو ڪيو ته منشيات فروشن ۽ انهن جي سپورٽ ڪندڙ دوڙ پوليس خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ مقتول غلام عباس واسواڻو جي قتل سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

Save Daur
جسقم شهيد بشيرخان سٽي دوڙ
دوڙ جسقم پاران غلام عباس واسواڻو جي خون سان انصاف لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

مسوپرڳڙي ۾ ساوڻ جي برساتن جو سلسلو وقفي وقفي سان جاري

علائقن ۾ روڊ رستا ۽ هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا

مسلسل برسات کان پوءِ موسم خوشگوار بڻجي وئي،گرميءَ جو زور ٽٽي پيو

مسوپرڳڙي(ن ع)مسوپرڳڙي واري علائقي ۾ ساوڻ جي برساتن جو سلسلو وقفي وقفي سان جاري آهي جڏهن ته اڄ ٻن ڪلاڪن تائين لڳاتار وسندڙ تيز برسات سبب مسوپرڳڙي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ روڊ رستا ۽ هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا، جنهن ڪري شهرين کي اچ وڃ ۾ سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو برسات سبب بجليءَ جو نظام مڪمل طور درهم برهم ٿي ويو جڏهن ته موبائل نيٽورڪ پڻ بندش جو شڪار ٿيڻ ڪري رهواسين کي رابطن ۾ مشڪلاتون پيش آيون.ٻئي طرف، مسلسل برسات کان پوءِ موسم خوشگوار بڻجي وئي، جنهن سان گرميءَ جو زور ٽٽي پيو ۽ شهرين سڪون جو ساهه کنيو علائقي واسين موجب ساوڻ جي برساتن فصلن لاءِ فائديمند آهن پر نيڪال جي ناقص انتظامن سبب برساتي پاڻي بيهجي وڃڻ ڪري روزاني زندگي متاثر ٿي رهي آهي

مسوپرڳڙي وقفي وقفي سان برسات سبب روڊ تي بيٺل برساتي پاڻي جو ڏيک

ڪوٽ غلام محمد ۾ برسات،موسم خوشگوار،هيٺاهين علائقن ۾ پاڻي بيهجي ويو

اٻين جي باغن کي نقصان پهچڻ ۽ مختلف هنڌن تي وڻ ڪري پوڻ جا اطلاع

تعلقه اسپتال جي زبون حال ڪوارٽر مان چاپوڙا ڪري پيا،هيلٿ ملازم زخمي

ڪوٽ غلام محمد(ت ر)وقفي وقفي سان برسات، موسم خوشگوار هيٺاهين علائقن ۾ پاڻي بيهجي ويو بجلي جو نظام درهم برهم،ڪوٽ غلام محمد ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ وقفي وقفي سان برسات جو سلسلو جاري آهي، جنهن سبب موسم خوشگوار ٿي وئي آهي جڏهن ته برسات سبب هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا آهن ڪوٽ غلام محمد، ڪوٽ ميرس، ڍونڍ ميل ڊينگاڻ روڊ، ڪاچيلو اسٽيشن ڊينگاڻ پرڳڙي، فيدر شاخ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ برسات پوڻ سان بجلي جو نظام پڻ درهم برهم ٿي ويو آهي تيز هوائن سان گڏ برسات سبب اٻين جي باغن کي نقصان پهچڻ ۽ مختلف هنڌن تي وڻ ڪري پوڻ جا اطلاع پڻ مليا آهن،ٻئي طرف، تعلقه اسپتال ڪوٽ غلام محمد جي زبون حال ڪوارٽر جي ڇت مان سيمينٽ جا چاپوڙا ڌماڪي سان ڪري پيا، جنهن جي نتيجي ۾ ڪوارٽر ۾ موجود سينئر هيلٿ ملازم زخمي ٿي پيوجڏهن ته ڳوٺ عبدالله ٻهن ديهه 334 ۾ نانگ جي ڏنگ سبب پوهيت سوڌو ڀيل جي گهر واري عورت کي طبي امداد لاءِ تعلقه اسپتال ڪوٽ غلام محمد منتقل ڪيو ويو.مسلسل برساتن سبب ڪچا رستا سخت متاثر ٿيڻ ڪري ڪيترن ئي ڳوٺن جو شهر سان رابطو پڻ متاثر ٿيو آهي جڏهن ته برسات سبب چوپائي مال جي زندگي پڻ متاثر ٿيڻ جا اطلاع آهن

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
روزاني عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

سومر 03 آگسٽ 2026ع

معمولي برسات، وڏو عذاب، لوڊشيڊنگ ۽ تلائن ۾ تبديل ٿيندڙ شهر

چوڻ لاءِ ته اسين هڪ ائٽمي طاقت رکندڙ رياست آهيون پر معمولي برسات اسان جي پوري زندگيءَ کي درهم برهم ڪري ڇڏي ٿي. شهرن جون گهٽيون، رستا ۽ بازارون تلائن جو منظر پيش ڪرڻ لڳن ٿيون. جڏهن ته ٻئي پاسي بجلي جي طويل لوڊشيڊنگ ماڻهن جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي ٿي. اهو سوال اڄ هر شهري جي ذهن ۾ آهي ته آخر هر سال ساڳيو منظر ڇو ورجايو وڃي ٿو؟ سنڌ جي وڏن شهرن کان وٺي ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن تائين نيڪال آب جو نظام تقريباً ناڪام نظر اچي ٿو جيئن ئي برسات پوي ٿي پاڻي رستن تي بيهجي وڃي ٿو ڪيترن ئي علائقن ۾ پاڻي ڏينهن جا ڏينهن نٿو لهي جنهن سبب آمدرفت متاثر ٿئي ٿي، ڪاروبار بند ٿي وڃن ٿا، شاگرد اسڪولن ۽ ڪاليجن تائين پهچي نٿا سگهن ۽ مريضن کي اسپتالن تائين پهچڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچن ٿيون. اهو منظر رڳو ڪنهن هڪ شهر تائين محدود ناهي پر حيدرآباد، ڪراچي، سکر، ميرپورخاص، لاڙڪاڻو ۽ ٻين ڪيترن ئي شهرن ۾ هر سال اهڙين ئي ڏسڻ ۾ اچي ٿو انهيءَ صورتحال جو وڏو سبب ناقص شهري منصوبابندي، نالن جي صفائي ۾ غفلت ۽ لاڳاپيل ادارن جي بي ڌياني آهي. برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ جيڪي نالا ۽ ڊرينيج سسٽم موجود آهن انهن جي وقت سر صفائي نه ٿيڻ سبب پاڻي بيهجي وڃي ٿو ڪيترن هنڌن تي نالن تي غيرقانوني اڏاوتون به پاڻي جي وهڪري ۾ رڪاوٽ بڻيل آهن. افسوس جي ڳالهه اها آهي ته هر سال برساتن کان اڳ تيارين جون وڏيون وڏيون دعوائون ڪيون وڃن ٿيون، پر پهرين برسات ئي انهن دعوائن جي حقيقت ظاهر ڪري ڇڏي ٿي. ٻئي طرف برسات دوران بجلي جي ڊگهي لوڊشيڊنگ ماڻهن جي تڪليفن ۾ ٻيڻو اضافو ڪري ٿي. برسات شروع ٿيندي ئي اڪثر علائقن جي بجلي ڪلاڪن، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته ڏينهن تائين بند رهي ٿي. بجلي ورهائيندڙ ادارا حفاظتي سببن جو جواز پيش ڪن ٿا، پر عوام جو سوال اهو آهي ته جيڪڏهن جديد نظام ۽ مناسب سار سنڀال موجود هجي ها ته معمولي برسات کان پوءِ ايتري ڊگهي بندش جي ضرورت ڇو پيش اچي؟ سخت گرمي نمي ۽ مڇرن جي آزار ۾ بجلي نه هجڻ ماڻهن جي زندگي کي بيحد مشڪل بڻائي ڇڏي ٿو. لوڊشيڊنگ جا اثر رڳو گهرن تائين محدود ناهن اسپتالن ننڍن ڪاروبارن، صنعتن، پاڻي جي فراهمي ۽ مواصلاتي نظام تي به ان جا منفي اثر پون ٿا. ڪيترن ئي علائقن ۾ بجلي نه هجڻ سبب پاڻي جي فراهمي به بند ٿي وڃي ٿي، جنهن ڪري ماڻهو پيئڻ جي صاف پاڻي لاءِ پريشان ٿين ٿا. اهڙي صورتحال ۾ شهري ٻنهي طرفن کان متاثر ٿين ٿا هڪ طرف گهٽين ۾ بيٺل پاڻي ۽ ٻئي طرف بجلي جي اٿهوند. برسات کان پوءِ بيٺل پاڻي صحت لاءِ پڻ وڏو خطرو آهي. اهڙو پاڻي مڇرن جي واڌ ويجهه جو سبب بڻجي ٿو جنهن سان مليريا، ڊينگي ۽ ٻين بيمارين جو خطرو وڌي وڃي ٿو گندي پاڻي مان بدبو جراثيم ۽ آلودگي پکڙجي ٿي، جيڪا ٻارن، بزرگن ۽ بيمار ماڻهن لاءِ وڌيڪ نقصانڪار ثابت ٿئي ٿي. صحت کاتي کي هر سال اهڙي صورتحال سان منهن ڏيڻو پوي ٿو پر جيڪڏهن بنيادي شهري سهولتن کي بهتر بڻايو وڃي ته انهن خطرن کي گهڻو گهٽائي سگهجي ٿو ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت، مڪاني ادارا، واپڊا ۽ بجلي ورهائيندڙ ڪمپنيون رڳو هنگامي بيان ڏيڻ بدران عملي قدم کڻن. برساتن کان اڳ نالن جي مڪمل صفائي جديد ڊرينيج نظام جي تعمير، پمپنگ اسٽيشنن جي ڪارڪردگي ۾ بهتري، غيرقانوني قبضا ختم ڪرڻ ۽ بجلي جي نظام کي موسمي حالتن مطابق مضبوط بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ساڳئي وقت احتساب جو اهڙو نظام به هجڻ گهرجي جنهن تحت غفلت ڪندڙ عملدارن کان جوابدهي ڪئي وڃي.

برسات نعمت آهي، ان کي عوام لاءِ زحمت نه بڻايو وڃي. سنڌ جي شهرن کي اهڙي بنيادي ڍانچي جي ضرورت آهي. جيڪو موسمي چئلينجن کي منهن ڏئي سگهي. حڪومت کي هاڻي روايتي بيانن بدران مستقل ۽ پائيدار حل اختيار ڪرڻا پوندا. ڇو ته هر سال ساڳئي نااهلي کي قسمت سمجهي قبول ڪرڻ نه عوام جي مجبوري آهي ۽ نه ئي جديد دور جي تقاضا.

اڄوڪو ڏينهن ...... 03 آگسٽ

محمد بخش دائودپوٽو

اڄ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي مشهور صداڪار محمد بخش دائودپوٽي جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 3 آگسٽ 1949ع تي ڪاهي روڊ حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس والد پير ڏني دائودپوٽي جو تعلق نصرپور جي مشهور دائودپوٽا خاندان سان هو. محمد بخش ابتدائي تعليم حيدرآباد جي قاضي عبدالقيوم پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي، جڏهن ته مئٽرڪ جو امتحان نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيائين. هن ٻارهين ڪلاس جو امتحان مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيو. بي اي سچل سرمست آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان ۽ ايم اي (معاشيات) جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. ان کان علاوه بي ايڊ، ايم ايڊ ۽ ڪمپيوٽر سائنس ۾ ڊپلوما پڻ ڪيائين. هن 1967ع کان بحيثيت صداڪار ۽ ڊراما آرٽسٽ طور ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ عمر جي آخري حصي تائين انهيءَ ريڊيو اسٽيشن سان لاڳاپيل رهيو. هن ريڊيو جي مشهور پروگرام فتح خان جي ڪچهريءَ ۾ ڪيترائي سال ڪمدار جو ڪردار ادا ڪيو. ريڊيو کان علاوه بيورو آف ڪريڪيولم ۾ اسپيشل ٻارن جي استاد طور به ڪم ڪيائين. هن گورنمينٽ سروس سينٽر آف بلائينڊ حيدرآباد ۾ پڻ نوڪري ڪئي. هن 2020ع ۾ وفات ڪئي.

جنيد احمد سومرو

اڄ مشهور سياستدان جنيد احمد سومري جي جنم جو ڏينهن آهي. هو 3 آگسٽ 1954ع تي شڪارپور ۾ ڄائو. هو شهيد الهه بخش سومري جو پوٽو هو. هو ٻارهين ڪلاس تائين شڪارپور ۾ پڙهيو ۽ بعد ۾ دائود انجنيئرنگ ڪاليج (هاڻوڪي يونيورسٽي) ڪراچيءَ مان اليڪٽرانڪ انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪيائين. شاگرديءَ واري زماني ۾ قوم پرست لڏي جو ساٿاري رهيو. 1985ع وارين غير جماعتي چونڊن ۾ صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر بڻيو. 1990ع ۾ سنڌ نيشنل فرنٽ ۾ ۽ بعد ۾ پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو گروپ ۾ شامل ٿيو. اڳتي هلي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو. هن 9 آگسٽ 2009ع تي وفات ڪئي.

ساگر ڌراج

اڄ مشهور اديب ۽ پبلشر ساگر ڌراج جي جنم جو ڏينهن آهي. هن 3 آگسٽ 1962ع تي ٽنڊي آدم ۾ پنهنجي حياتيءَ جي سفر جي ابتدا ڪئي. گريجوئيشن تائين سموري تعليم ٽنڊي آدم مان حاصل ڪيائين. جڏهن ته ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. هن اسڪول واري زماني کان لکڻ شروع ڪيو هن جون لکيل ڪهاڻيون، مضمون، ڪالم ۽ ڊائريءَ جا ورق مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندا رهيا آهن. هو سنڌي ادبي سنگت ٽنڊي آدم جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو آهي هن پنهنجي ساٿي اديبن سان ملي ٽنڊي آدم ۾ "پدم پبليڪيشن" جو بنياد رکي ڪيترائي ڪتاب ڇپرايا آهن ان کان علاوه "سانگيڙا پبليڪيشن" ۽ "ڪنول پبليڪيشن" ٽنڊو آدم سان لاڳاپيل رهيو آهي. هن "سڏ" رسالو پڻ جاري ڪيو. هو مختلف سماجي ۽ ادبي تنظيمن ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺندو رهيو آهي. جن ۾ استاد منظور علي خان يادگار ڪميٽي، شيخ اياز مزار ڪميٽي، سنڌ فورم، سوشل واچ ۽ ويلفيئر ڊولپمينٽ شامل آهن. هو ايف ايم 91 ٽنڊو آدم جي پروگرامن ۾ به شرڪت ڪندو رهيو آهي.

مختيار اٽڙ

ڪيمچند شرما

اڄ ڪوهستان جي مشهور ليکڪ ڪيمچند شرما جي جنم جو ڏينهن آهي. هي ناليوارو اديب 3 آگسٽ 1953ع ۾ ٿاڻي بولا خان تعلقي جي ڳوٺ مول شريف ۾ جهمترام شرما جي گهر ۾ پيدا ٿيو. هو هڪ بهترين ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ شاعر هو. وڏيرڪي نظام خلاف لکڻ تي ڪيس هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسايو ويو ۽ ڪيس هڪ مهيني لاءِ قيد جي سزا ڀوڳڻي پئي. هن جي لکيل ڪتابن ۾ "ووڊڪا جي ڊڀ" (نثري نظم)، "وڏيرڪو فيصلو" (ڪهاڻيون) ۽ "ممتا" (ناول) شامل آهن. هن 29 مئي 2021ع تي هي جهان ڇڏيو.

الهداد زرداري

اڄ مشهور راڳيءَ الهداد زرداريءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن ناليواري راڳيءَ جو جنم موري ويجهو ڳوٺ مڪرياريءَ ۾ پورهيت ٻاغ علي زرداريءَ جي گهر ۾ ٿيو. هن مٺو ميراسي ۽ استاد ڦوٽي زرداريءَ کان راڳ ۽ چيڙيءَ جي سکيا ورتي ۽ 12 ورهين جي ننڍي ڄمار کان ڳائڻ شروع ڪيو. هن سنڌيءَ سان گڏ سرائڪي، بلوچي ۽ پنجابي ڪلام ڳايا. هن جي آواز ۾ ڪيترائي ڪلام ريڊيو پاڪستان حيدرآباد، ڪراچي ۽ بهاولپور تي رڪارڊ ٿيا. سندس فن جي مڃتا طور کيس ڪيترن ئي ايوارڊن سان نوازيو ويو. جن ۾ ڀٽائي ايوارڊ، ذوالفقار علي ڀٽو ايوارڊ، ميان نصير ايوارڊ ۽ مصري شاهه ايوارڊ شامل آهن. تاريخ 3 آگسٽ 2019ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو.

هن نظام کي ته ڪِرڻو ئي هو



محمود شام

اسان خميس ڏينهن الله تعاليٰ آڏو عاجزي سان دعائون گهريون هيون. انهيءَ ئي شام اهو محسوس ٿيو ته اهي دعائون قبول ٿي ويون آهن. جنهن نظام بابت اسان شڪايتون ڪندا رهيا آهيون ۽ جنهن ملڪ جي اڪثريت کي بي وس بڻائي ڇڏيو آهي، ان بابت وفاقي گهرو وزير محسن نقوي کليل لفظن ۾ اعلان ڪيو ته موجوده نظام ڪري پيو آهي. هن چيو ته پاڪستان تحريڪ انصاف سميت سڀئي سياسي جماعتون گڏ ٿين ۽ اسٽيڪ هولڊرز گڏ ويهي ملڪ جي مستقبل بابت فيصلو ڪن.

اڄ ته 30 جولاءِ 2026ع تي 47 ورهين جي محسن نقوي جي انتهائي حيران ڪندڙ بيان جا اهم نقطا ڏسون: جنهن نظام ۾ اسين رهون ٿا، اهو تباهه ٿي چڪو آهي. نوان انتظامي يونٽ يا صوبا هاڻي ناگزير بڻجي ويا آهن. جيستائين سياستدان ملڪ جو نظام درست نه ڪندا، فيلڊ مارشل جي سموري محنت جو ڪو فائدو نه ٿيندو. پي ٽي آءِ سميت سڀئي سياسي جماعتون متحد ٿين. نوجوان يا سندس لفظن ۾ "ڪاڪروچ". جيڪڏهن گڏ ٿي ويا ته هر شيءِ الٽي ڪري ڇڏيندا. نوجوان ميرٽ جي بنياد تي روزگار جا موقعا ۽ شفاف نظام چاهين ٿا. جيڪڏهن اهو نظام هلندو رهيو ته ڏهن سالن کان پوءِ به اسين ساڳين مسئلن تي ڳالهائي رهيا هونداسين. اسان جو بجيٽ منفي بنيادن تي ٺهي ٿو يعني هر سال اهو سوچيو وڃي ٿو ته ڪيترو قرض وٺڻو آهي. پاڪستان کي هن حالت تائين پهچائڻ جا ذميوار اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي هٽي ويا آهن. فيلڊ مارشل ڪيترائي ڀيرا چيو آهي ته جمهوريت کي پٽڙي تان لهڻ نه ڏينداسين. باني پي ٽي آءِ بابت فيصلو عدالتون ڪنديون. هن وقت هر سياسي جماعت رڳو پنهنجي مفاد بابت سوچي رهي آهي. نوجوانن کي ليپ ٽاپ يا ٿوري مالي مدد ڏئي خاموش نٿو ڪرائي سگهجي. هڪ شخص تمام گهڻي محنت ڪري سڀ ڪجهه تيار ڪري پيش ڪري رهيو آهي. هو ريڊ لائين پار ڪرڻ نٿو چاهي. حڪومت پنهنجو آئيني مدو پورو ڪندي. آمريڪا سان لاڳاپا پهرين ڪيترا به سٺا ٿي وڃن، جيڪڏهن ملڪي نظام درست نه ٿيو ته ان مان ڪو فائدو نه ٿيندو. مهذب ۽ جمهوري ملڪن ۾ جيڪڏهن ڪابينا جو ڪو ايترو اهم وزير اهڙو بيان ڏئي، ته پارلياماني حڪومت جو جاري رهڻ ڏکيو ٿي پوندو. نئون وزيراعظم اچڻ يا نئين عوامي مينڊيٽ لاءِ شفاف چونڊون ڪرائڻ لازمي سمجهيو ويندو گهٽ ۾ گهٽ پارليامينٽ جو گڏيل اجلاس ضرور سڏايو ويندو.

ڪالهه آچر هو. خاندان سان گڏ ويهي ڳالهائڻ جو ڏينهن. هاڻي جڏهن نون صوبن جي بحث شروع ٿي چڪي آهي ته توهان جا ٻار به اوهان کان اهوئي سوال ڪندا. ايم ڪيو ايم جا خالد مقبول صديقي ۽ مصطفيٰ ڪمال، جيڪي انهيءَ ئي ڪابينا جا ميمبر آهن. اڳ ۾ ئي ڪراچي ۽ حيدرآباد جي جلسن ۾ نون صوبن جو مطالبو ڪري چڪا آهن. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته غير سياسي، غير جماعتي پر انتهائي بااثر سول شخصيت جو هي بيان پاڪستان جي تاريخ جي ڪهڙي مرحلي تي سامهون آيو آهي. عالمي منظرنامي تي ڏٺو وڃي ته دنيا جي وڏي فوجي، سياسي ۽ معاشي طاقت آمريڪا هن وقت ايران جهڙي نسبتاً ننڍڙي ملڪ جي مزاحمت سبب ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيو آهي. عالمي سطح تي اها بحث هلي رهي آهي ته آمريڪا هاڻي اڳ وانگر واحد وڏي طاقت نه رهيو آهي. پاڪستان جي موجوده حڪومت آمريڪا جي اتحادي به آهي ۽ ثالثي جو ڪردار به ادا ڪري رهي آهي. پاڪستان سعودي عرب کان پوءِ ڪويت ۽ قطر سان دفاعي معاهدن تي به ڳالهائي رهيو آهي. جڏهن ته چين ۽ روس ايران جي حمايت ڪري رهيا آهن. علائقائي صورتحال به تيزي سان تبديل ٿي رهي آهي. هندستان ۾ نوجوان احتجاج ڪري رهيا آهن. مودي حڪومت پريشان آهي. جڏهن ته نيپال ۽ بنگلاديش ۾ نوجوان تحريڪن حڪومتون تبديل ڪرائي ڇڏيون آهن.

ملڪ اندر به صورتحال انتهائي ڳڻتي جوڳي آهي. آزاد ڪشمير ۾ پنجاهه ڏينهن کان وڌيڪ عرصي کان ڌرڻا جاري آهن. سيڪيورٽي فورسز ۽ ٻين صوبن جي پوليس به احتجاجن تي مڪمل ضابطو آڻي نه سگهي آهي. بلوچستان ۾ سرڪاري ملڪيتن کي نقصان پهچي رهيو آهي ۽ ججن جا قتل ٿي رهيا آهن. خيبرپختونخوا جي ضم ٿيل قبائلي ضلعن ۾ سيڪيورٽي قافلن ۽ پوليس اسٽيشنن تي لڳاتار حملا ٿي رهيا آهن. سنڌ ۾ اردو ڳالهائيندڙن ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌي رهي آهي. آزاد ڪشمير ۾ چونڊن بابت حڪمران جماعتون هڪ ٻئي تي سنگين الزام هڻي رهيون آهن. مستقبل جا امڪاني وزيراعظم جا اميدوار مريم نواز ۽ بلاول ڀٽو زرداري هڪ ٻئي خلاف سخت بيان ڏئي رهيا آهن. نئين سيڙپڪاري نٿي اچي، پيٽرول مهانگو ٿي رهيو آهي. آءِ ايم ايف کان قرض وٺڻ تي پاڙيو پيو وڃي، جڏهن ته ريڪوڊڪ سميت ملڪ جا معدني وسيلا اڃا به مڪمل استعمال جا منتظر آهن.

واڳهه کان گوادر تائين بيچيني پکڙيل آهي. عوام مايوس آهي. وزيراعظم نه قوم کي اعتماد ۾ وٺي رهيو آهي، نه ئي پارليامينٽ ۾ ڪو واضح پاليسي بيان ڏنو ويو آهي. سوشل ميڊيا تي اهو تاثر عام آهي ته موجوده حڪومت تبديل ٿيڻ واري آهي. نئون نظام آندو پيو وڃي يا وري طاقتور حلقا ڪمزور ٿي ويا آهن. هاڻي اهو به ڏسڻو پوندو ته جنهن نظام جي ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي پئي وڃي، اهو ڪهڙو نظام آهي. دفاع واري وزير خواجه آصف ان کي "هائبرڊ نظام" سڏي ٿو ۽ چوي ٿو ته في الحال اهو ئي هلي سگهي ٿو. بظاهر ملڪ ۾ پارلياماني نظام آهي پر ان جون حقيقي جمهوري روايتون ۽ ادارتي توازن برقرار ناهن. پارليامينٽ کي عملي طور اعليٰ حيثيت حاصل ناهي. آئيني ترميمن کان پوءِ حڪومت تي نظر رکڻ وارن ادارن جا اختيار محدود ٿي ويا آهن. عدليه تي به سوال اٿن ٿا. معاشي طور ملڪ قرضن تي هلي رهيو آهي، خودڪفالت ۽ سادگي اختيار ڪرڻ لاءِ سنجيده قدم نظر نٿا اچن. ميرٽ جو نظام ڪمزور آهي. پارليامينٽ ۽ صوبائي اسيمبلين جا ميمبر پنهنجون پگهارون ۽ مراعتون وڌائي رهيا آهن. جڏهن ته جاگيردار، وڏيرا، سردار ۽ ٺيڪيدار قانون کي پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن. موجوده نظام 1985ع جي غير جماعتي چونڊن کان پوءِ 'اقتدار جي منتقلي' بدران 'اقتدار جي شراڪت' واري سوچ هيٺ وجود ۾ آيو. جنهن کي اڪثر ماڻهو هائبرڊ نظام چون ٿا. جيڪڏهن محسن نقوي جي چوڻ موجب اهو نظام واقعي ڪري چڪو آهي ته شايد اها تبديلي خراب نه هجي. ڇو ته علامه اقبال چيو هو:

'جو شاخ نازک پہ آشيانہ بنے گا،
ناپائيدار ہوگا.'

هن نظام جو حقيقي متبادل اهڙي جمهوريت آهي، جتي رڳو قانون جي حڪمراني هجي، ڪو به ادارو ٻئي اداري جي اختيارن ۾ مداخلت نه ڪري. صرف نوان صوبا يا نوان انتظامي يونٽ قائم ڪرڻ سان مسئلو حل نه ٿيندو. ان لاءِ ملڪ گير ريفرنڊم ٿيڻ گهرجي. سياسي جماعتن سان گڏ يونيورسٽيون، تحقيقي ادارا، ديني مدرسا، ميڊيا، واپاري، صنعتڪار ۽ سماج جا ٻيا طبقا به سڄي حڪمراني بابت سنجيده بحث ۽ تحقيق ڪن. وفاقي، صوبائي، بلدياتي ۽ عدالتي اختيارن جو نئون تعين ڪيو وڃي. اقتدار جي شراڪت بدران اقتدار جي حقيقي منتقلي ڏانهن وڌڻ گهرجي. جيڪا صرف آزاد، منصفاڻين چونڊن ۽ هڪ بااختيار اليڪشن ڪميشن وسيلي ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي.

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي

نوان صوبا ٺاهڻ جون افواهون ۽ صوبائي توڙي قومي قيادت جا سامهون ايندڙ بيان!

سنڌ ۾ نئين صوبي جي قيام بابت وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جي بيان کان پوءِ ملڪ جي سياسي ماحول ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر بحث جنم ورتو آهي. پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو ان بيان کي نه رڳو غير ذميوارانو قرار ڏنو آهي پر ان کي جمهوريت ۽ وفاقي نظام خلاف قرار ڏيندي محسن نقويءَ کان فوري استعيفا جو مطالبو پڻ ڪيو آهي. ان سان گڏ صوبائي وزير سعيد غني به واضح لفظن ۾ چيو آهي ته سنڌ جا ماڻهو ۽ چونڊيل نمائندا صوبي جي ورهاست نٿا چاهين، تنهن ڪري ڪنهن به غير لاڳاپيل ڌر کي سنڌ بابت اهڙا بيان ڏيڻ جو ڪو اخلاقي يا آئيني حق حاصل ناهي.

حقيقت اها آهي ته پاڪستان جو آئين نون صوبن جي قيام بابت مڪمل ۽ واضح رهنمائي فراهم ڪري ٿو. آئين جي آرٽيڪل 239 موجب ڪنهن به صوبي جي حدن ۾ تبديلي يا نئين صوبي جي قيام لاءِ لاڳاپيل صوبي جي اسيمبليءَ مان به پاڱي ٽي اڪثريت سان قرارداد جي منظوري لازمي آهي. ان ڪري ڪنهن به وزير، سياسي اڳواڻ يا اداري جي راءِ ان آئيني طريقيڪار جي جاءِ نٿي وٺي سگهي. اهو ئي سبب آهي جو نثار کهڙي پنهنجي پريس ڪانفرنس ۾ چيو ته جيڪڏهن ماضيءَ ۾ پنجاب اسيمبلي نئين صوبي بابت قرارداد منظور ڪئي هئي ته بحث به اتي کان شروع ٿيڻ گهرجي، سنڌ کي غير ضروري تڪرارن ۾ ڦاسائي سياسي ماحول خراب ڪرڻ مناسب ناهي. سنڌ رڳو هڪ انتظامي يونٽ نه پر پاڪستان جي تاريخ، تهذيب، ثقافت ۽ قومي سڃاڻپ جو اهم مرڪز آهي. سنڌ جي وحدت بابت حساسيت ڪا نئين ڳالهه ناهي. ماضيءَ ۾ به جڏهن به صوبي جي ورهاست يا نون صوبن جو سوال اٿيو آهي ته سنڌ جي مختلف سياسي، سماجي، علمي ۽ قومي ڌرين ان جي مخالفت ڪئي آهي. انهيءَ جو بنيادي سبب اهو آهي ته سنڌ جي وحدت کي هتي جي ماڻهن پنهنجي تاريخي، ثقافتي ۽ آئيني حقن سان ڳنڍيل سمجهيو آهي. اهو به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي ته پاڪستان هن وقت شديد معاشي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. مهانگائي، بيروزگاري، قرضن جو وڌندڙ بار، توانائي جو بحران، پاڻيءَ جي کوٽ ۽ ترقياتي منصوبن لاءِ محدود وسيلا حڪومت آڏو وڏا چئلينج آهن. اهڙي وقت ۾ نون صوبن جي قيام بابت بحث نه رڳو سياسي اختلافن کي هٿي ڏئي سگهي ٿو پر ان سان نون انتظامي ڍانچن، گورنرن، وڏن وزيرن، اسيمبلين ۽ سرڪاري ادارن تي اربين رپين جا اضافي خرچ به ايندا. اهڙي معاشي صورتحال ۾ قومي ترجيحن جو رخ عوامي مسئلن جي حل ڏانهن هجڻ گهرجي، نه ڪي اهڙن معاملن ڏانهن، جيڪي وڌيڪ سياسي ڇڪتاڻ پيدا ڪن.

جمهوريت جو حسن اختلاف راءِ ۾ ضرور آهي پر اختلاف جو مطلب اهو هرگز ناهي ته آئين کي نظرانداز ڪيو وڃي يا اهڙا بيان ڏنا وڃن، جيڪي وفاقي وحدت بابت شڪ ۽ شبها پيدا ڪن. پاڪستان جي سياسي تاريخ اڳ ئي غير جمهوري مداخلتن، آئيني بحرانن ۽ سياسي ٽڪراءَ جا ڪيترائي دور ڏسي چڪي آهي. ان ڪري اڄ جي ضرورت اها آهي ته سڀئي سياسي قوتون ۽ حڪومتي نمائندا اهڙي ٻولي استعمال ڪن، جيڪا قومي يڪجهتي، ادارن جي احترام ۽ آئيني بالادستيءَ کي هٿي ڏئي. حقيقت اها آهي ته اڄ پاڪستان کي سياسي ڇڪتاڻ کان وڌيڪ قومي اتحاد، معاشي بحالي، قانون جي حڪمراني ۽ عوامي مسئلن جي حل جي ضرورت آهي. وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ اعتماد جو رشتو مضبوط ڪرڻ، آئين تي مڪمل عملدرآمد يقيني بڻائڻ ۽ جمهوريت کي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي اڳتي وڌائڻ ئي ملڪي ترقيءَ جو واحد رستو آهي. سنڌ جي وحدت، پاڪستان جي وفاقي ڍانچي ۽ آئين جي بالادستيءَ تي ڪنهن به قسم جي سياست کان پاسو ڪرڻ سڀني سياسي ڌرين جي گڏيل ذميواري آهي، ڇاڪاڻ ته مضبوط وفاق ئي مضبوط پاڪستان جي ضمانت بڻجي سگهي ٿو.

رياض علي / ڪراچي

سُر گهاتو کي قومي سُر قرار ڏئي سنڌ اسيمبليءَ ۾ قانون پاس ڪيو وڃي!

ذوالفقار خاڪي

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جو ساليانو 283هون عرس مبارڪ خيرن سان پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو. ميلي دوران سمورا انتظام حساب دستور مناسب رهيا. بهرحال سيڪيورٽيءَ جي حوالي سان ذميوار ادارن کي سرخ سلام هجي. سندن سخت چيڪنگ سسٽم سبب ميلو پرامن رهيو. جڏهن ته سگهڙن جي ڪانفرنس يا محفل موسيقيءَ جو پڻ لطيف جي پانڌيئڙن خوب لطف ماڻيو. خاص ڪري استاد رجب فقير، زوار فقير، استاد شفيع فقير، استاد رفيع فقير، شوڪت علي سميت استاد اقرار وحيد علي خان خوب داد حاصل ڪئي. جڏهن ته استاد شمن علي ميراليءَ کي هن سال بهترين سنگر جو لطيف ايوارڊ مليو. جيڪو سندس حق هو. شمن علي ميرالي جي ڳائيڪي سنڌي ٻولي ۽ موسيقيءَ جي ترقيءَ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. جنهن تي تفصيل وار مضمون لکي سگهجي ٿو. هوڏانهن ڊائريڪٽر ثقافت کاتو حبيب الله ميمڻ جي خدمتن کي نه ساراهڻ وڏي ناانصافي ٿيندي. ڇو ته هو جهڙوڪر هن کاتي جو روح روان آهي. جيڪو فنڪارن ۽ سگهڙن وغيره جي بکنگ جي مرحلن کي خير خوبي سان انجام ڏئي ٿو. اسانکي خوشي آهي ته اسان حڪومت کي عرض ڪيو هو ته حبيب الله ميمڻ جي خدمتن آڌار کيس لطيف ايوارڊ ملڻ گهرجي ۽ هن سال اهو ايوارڊ حبيب الله صاحب کي مليو آهي. جنهن تي کيس واڌايون هجن. سائين خير محمد ڪلوڙ صاحب سيڪريٽري ثقافت کاتو سنڌ جي لاءِ پڻ اهوئي عرض ته هن صاحب جون لطيف سائين لاءِ خدمتون آهن. کيس پڻ ايوارڊ ملڻ گهرجي. ڪامورن لاءِ اهڙا ايوارڊ سچ ته ڪارڪردگيءَ جي بهتريءَ لاءِ اڳتي هلي وڏو فائديمند قدم سمجهيو ويندو. هن سال اسان سنڌ حڪومت کي هڪ ٻيو به عرض ڪيو هو ته شاهه جو رسالو اسانجو مقدس رهنما قومي دستاويز آهي. جنهن ۾ شاهه سائين جا ڏنل سمورا سر انساني ترقي پائيچاري انسان جي عروج لاءِ اتساهه ڏياريندڙ بيتن جو انمول خزانو آهن پر سر "گهاتو" هڪ اهڙو سر آهي. جيڪو ڪراچيءَ جي پسمنظر کي سامهون رکي لطيف سائين سمنڊ جي ڳوڙهي اڀياس بعد سرجيو آهي. اهو سر مشڪل ۾ قدم وڌائڻ جي حوالي سان وڏو معياري سبق آموز سر آهي. جنهن لاءِ اسانجو عرض آهي ته سر گهاتو کي سنڌ جو قومي سر قرار ڏيڻ گهرجي. جيئن سنڌ جو نوجوان نسل مشڪلاتن جي سمنڊ ۾ بهادري سان گهڙي زندگيءَ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ جو سامان هٿ ڪري باعزت ۽ خوشحال زندگي گذاري سگهي. اسان جي راءِ موجب سنڌ حڪومت جو اهڙو فيصلو سنڌ جي وحدت جون پاڙون پڻ پختيون ڪندو گڏوگڏ اسان جي ايندڙ نسل کي پڻ شاهه جي ڪلام سان جديد ارتقائي تبديلين جي حوالي سان مشاهدي ۽ عمل جي حوالي سان جوڙي رکڻ جو فريضو ادا ڪندو رهندو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جو سمورو رسالو سنڌ سميت دنيا جي سمورن پيڙهيل طبقن کي ترقي ۽ خوشحالي جون راهون ڏيکاريندڙ بيتن جو خزانو آهي پر جيڪڏهن غور سان ڏسجي ته شاهه جي رسالي ۾ آيل سر گهاتو انسان کي مشڪلاتن جي سمنڊ ۾ گهڙي هڙ حاصلات جي ڏس ۾ اتساهه ڏياري ٿو. تنهنڪري سنڌ جي نوجوانن کي واپار تعليم روزگار ۽ زندگي جي هر شعبي ۾ اڳتي وڌي فائدا ماڻڻ جي راهه ۾ رهنمائيءَ لاءِ شاهه جي رسالي جي سر گهاتو کي سنڌ جو قومي سر قرار ڏيڻ گهرجي. اسان بهرحال هاڻ سنڌ اسيمبليءَ جي سمورن ميمبرن کي گذارش ڪريون ٿا ته سر گهاتو کي سنڌ جو قومي سر قرار ڏيارڻ لاءِ سنڌ اسيمبلي ۾ بل پيش ڪري اهو پاس ڪرائڻ گهرجي. جيئن سر گهاتو جو اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽي نصاب ۾ ان حوالي سان اتساهه ڏياريندڙ درسي مواد شامل ٿي سگهي. جنهنجي نتيجي ۾ شاگرد ۽ استاد سر گهاتو جا بيت وايون وغيره پڙهڻ ۽ ڳائڻ کي لازمي سکندا ۽ اهڙي اهم قومي ڪاز لاءِ سنڌ ثقافت کاتي پاران فنون لطيف جي ترقي ۽ ترويج لاءِ قائم ڪيل اداري سمپا ڄامشورو لاءِ اهم تربيتي ڪورس متعارف ڪرائڻ جي ذميواري متعين ڪرڻ گهرجي. سر گهاتو بابت اهڙو فيصلو سنڌ حڪومت جو هڪ يادگار فيصلو قرار ڏنو ويندو. سر گهاتو بابت اهڙو فيصلو سنڌ جي وحدت کي وڌيڪ مضبوط ڪندو. خاص ڪري سر گهاتو کي اسان جڏهن پنهنجي روزاني زندگي جو سبق بڻائينداسين ته ان ۾ ڪراچيءَ جو ذڪر، مهاڻن، ملاحن ۽ ماهيگيرن جو تذڪرو اسان جي ايندڙ نسل کي ياد ڏياريندو ته سنڌي بطور موروڙو ميربحر پنهنجي دشمن کان پلاند لاءِ ڏکين حالتن باوجود اونهي سمنڊ جي تهه ۾ پهچي ان مانگر مڇ کي ماري ٿو جيڪو سندس نسل جو دشمن آهي. اهڙو سبق ٻڌي سنڌ جا انهن ويرين جا به ڪن ڪٽا ٿيندا، جيڪي ڪڏهن ڌار صوبي جي ڳالهه ڇيڙي ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪرڻ جي ڳالهه ڪن ٿا ۽ ڪڏهن چوندا آهن ته ڪراچيءَ کي اسان اڃا ورهاڱي بعد ٺاهيو.

لطيف سرڪار جي عرس مبارڪ دوران مختلف ڪانفرنسز لاءِ ڪمپيئرنگ جو پڻ اشو نظر اچي ٿو. اهو حل ڪرڻ لاءِ سمپا ڄامشورو ۾ ماهر ڪمپيئرز کان نوجوان شاگردن کي لطيف سائين جي عرس جي حوالي سان ڪمپيئرنگ جي سکيا ڏيارڻ لاءِ پروگرام شروع ڪرڻ گهرجي. جنهن ۾ خصوصي طور فيميل ڪمپيئرز جي هڪ پڙهيل لکيل اثر انگيز آوازن واري کيپ تيار ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي. اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته لطيف عورت ذات کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڳائڻ انڪري ئي پسند ڪيو آهي جو لطيف سنڌي عورت کي هيروئن جي روپ ۾ ڏسي ٿو. جڏهن ته لطيف جي عرس جي موقعي تي الائي ڇو خواتين کان ڪمپيئرنگ نٿي ڪرائي وڃي؟ اميد ته ثقافت کاتو ۽ سنڌ حڪومت ان حوالي سان سڄو سال ڪم ڪري ايندڙ سال لطيف سائين جو 284هون عرس مبارڪ ايئن ملهائيندا جو اسٽيج کان وٺي پرفارمنس تائين هر شيءِ ڏسي ماڻهن جون ڏنديون آڱريون اچي وينديون. سائين ذوالفقار شاهه اميد ته اسان جي تجويزن تي توجهه ڏئي پاڻ ملهائيندو.

لطيفي لاٽ ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

سَارَنگ گي سَعيو، توکي سَعيو نَہ ٿِئي،
گُڙِي تو گنبَاٽ ۾، آيو ڪِي آيو،
مَٿَان اِيئن ڀَانيُو، تَہ بَادَلَ بَسِ ڪِي.

سَعيو- ڪوشش، تڪڙ، تياري، اونو.

گنباٽ ۾- ڀٽ شاهه جي ويجهو اپرندي پاسي ملان مڪڻ ڳوٺ کان وٺي ملنسي ڳوٺ جي وچ واري علائقي کي گنباٽ چئبو هو جو هن ديهه آهي/ آيو ڪِي آيو- اجهو پهتو جلد پهچڻ وارو آهي/ ڀانيو- سمجهو/ بادل- جَهڙ ڪڪرن/ بس ڪئي- مِينهن وسائڻ کان ماٽ ٿي وٺو، سانت ڪري وٺو...

(سر-سانگ، مرتب- ٻانهون خان شيخ)

لطيف سائين هتي هڪ ئي سِٽ ۾ ڪيترن ئي احساسن جي عڪسبندي ڪندي، جي ساوڻ جي مند سان سلهاڙيل هوندا آهن. تن جي گڏيل طور تي ڳالهه ڪري سمجهائي ڏئي ٿو ته "آسمان تي ڪڪر گجگوڙ ڪن پيا، بارش جو سمان اهڙو آهي جو لڳي پيو ته اڄهوڪي مينهن وسندو. پر اي ويسرا توکي ڪو فڪر ئي ناهي، تون ته ڪا تياري ئي ڪونه ٿو ڪرين! جَهڙ گنباٽ مٿان گجگوڙ پيو ڪري، تو نه ڪچي گهر کي ڏاڍو ئي ڪيو آهي جو مِينهن جي سٽ سهي سگهن، نه زمين ۾ ٻج ڇٽيئي ان کي هر ڏئي ڪيڙيو اٿئي جو برسات کان پوءِ فصل تيار ٿئي، نه ئي پنهنجي ماڳ موٽڻ لاءِ سنبت ڪئي اٿئي، جتي آسروند اکيون تنهنجو اوسيئڙو ڪري رهيون آهن. تون مٿان اهو سمجهين ته ساوڻ جا بادل مينهن وسائڻ کان بس ڪري ويا آهن پر ايئن ناهي، هو ته ويجهو اچي پهتا آهن ۽ وسڪارا ڪندا تون پنهنجي تياري ڪر.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

سرڪاري سرپرستيءَ ۾ ٿيندڙ اوليائن ۽ بزرگن جا ميلا!

غلام حسين لغاري

سنڌ بزرگن، اوليائن، درويشن ۽ فقيرن جي ڌرتي آهي، جتي هڪ نه ٻه نه پر لکين بزرگ، اولياءَ الله ۽ درويش آرامي آهن. جن جي طفيل ئي سنڌ ڌرتي جو وجود باقي آهي. هر سال هنن جا ميلا لڳن ٿا، عرس ملهايا وڃن ٿا؛ جن ۾ نه صرف سنڌ پر پوري ملڪ ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان زائرين وڏا ڪشالا ڪٽي انهن ميلن ۽ عرسن ۾ شريڪ ٿين ٿا. هونئن ته هنن بزرگن اولياءَ الله جو انگ وڏو آهي، جن جا ميلا لڳن ٿا، عرس ملهائجن ٿا پر سنڌ جي عظيم بزرگ صوفي شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، حضرت قلندر لال شهباز، سچل سرمست، حمل فقير، روحل فقير، بيدل بيڪس، شاهه عنايت، مصري فقير، سيد عبدالله شاهه اصحابي، سيد عبدالله شاهه غازي، سيد سمن سرڪار ۽ ٻين جا ميلا ۽ عرس مک آهن، جتي لکين زائرين جن ۾ مرد عورتون ٻار ٻڍڙا شريڪ ٿي سلامي ڀرين ٿا. سنڌ کي پنهنجي هنن اوليائن ۽ بزرگن تي وڏو فخر آهي، جن جي ڪري ئي سنڌ صدين کان سلامت آهي ۽ رهندي. هن ڌرتي کي ان ڳالهه تي به فخر آهي جو نبي به هن ڌرتي تي پير گهمائي ويا پر امام سڳورن به سنڌ کي پنهنجو ڪيو. انهن جي پونئيرن جون به مزارون ۽ تڪيا سنڌ ۾ آهن.

مون مٿي سنڌ ۾ موجود جن به درگاهن ۽ مزارن جو ذڪر ڪيو آهي، سي هن وقت اوقاف کاتي جي زير نگراني آهن. جتي انهن جا ميلا سرڪار جي جوڙيل ڪاميٽين پاران منعقد ڪيا وڃن ٿا، جن ۾ صوفياڻ ۽ مذهبي رنگ گهٽ ۽ سياسي رنگ وڌيڪ ڏسڻ ۾ ملندو. هنن درگاهن مزارن جي طفيل اوقاف کاتي کي هر سال ڪروڙن رپين جي آمدني ٿئي ٿي، جن ۾ نقدي، سون، چاندي ۽ حلال جانور ويندي ڪڪڙ ۽ ڇيلا هر قسم جو ڏيور به ملي ٿو. پوءِ به هنن بزرگن جي ميلن ۽ عرس شريف جي تقريبات ۾ سنڌ سرڪار جا ڪروڙين رپيا خرچ ٿين ٿا ۽ اهي ميلا ۽ عرس سرڪار پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيا آهن.

تازو هن سال حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جو ميلو ٿي گذريو. جيڪو سرڪار جي نگرانيءَ ۾ ملهايو ويو نه ته اوائلي دور ۾ هن ميلي سميت سنڌ جي سمورن اوليائن ۽ بزرگن جا ميلا ۽ عرس آزاد نموني دتگاهن جي سجاده نشينن جي نگراني ۾ لڳندا هئا. تڏهن ثقافتي ادبي پروگرام زرعي ۽ صنعتي نمائشون نه هونديون هيون، سواءِ راڳ رنگ جون نجي محفلون، ملاڪڙا، اٺن ۽ گهوڙن جي ڊوڙ شامل هوندي هئي ۽ گهڻو ڪري پنڌ يا پنهنجي وهٽن تي چڙهي ايندا هئا. ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته جڏهن کان ميلا سرڪار جي زيرپرستي ڪان لڳڻ شروع ٿيا آهن. ڪجهه نواڻ ضرور نظر آئي آهي، جنهن ۾ زرعي ۽ صنعتي نمائش، ثقافتي شوز علمي ۽ ادبي ڪانفرنسز وغيره شامل آهن. هن سال ڀٽ شاهه ميلي ۾ ثقافتي ڳوٺ جو قائم ڪرڻ سنڌ جي گهرو هنرن کي نمايان ڪرڻ قابل قدر ايونٽ رهيو پر هن قسم جا زرعي ڳوٺ مالوندن مهاڻن جا ڳوٺ به هجن ها ته شايد ميلي کي چارچنڊ لڳي وڃن ها. بهرحال هن قسم جا ثقافتي ڳوٺ سيوهڻ ۽ سچل سائين جي ميلن تي به قائم ٿيڻ گهرجي.

اخبار فروشن جا گُم ٿي ويل آواز....!



اعظم ڀٽي

ماضيءَ جا اهي اخبار فروش جن جو آواز رڳو اخبار جي قيمت نه ٻڌائيندو هو پر سچائيءَ جي شاهدي به ڏيندو هو. "عبرت"، "هلال پاڪستان"، "عوامي آواز"، "برسات" ۽ ٻيون اخبارون اهي وڪڻندا هئا، جيڪي اڄ جي ڊجيٽل دنيا ۾ گم ٿي ويا آهن. ڪن کي اهي آواز ياد هوندا ته ڪن وري اڄ جي دور ۾ شايد اهي آواز ٻڌا به نه هوندا! صبح جو سوير جڏهن سمورو شهر اڃا ننڊ مان مڪمل طور جاڳي به نه سگهندو هو، تڏهن روڊن، رستن، بازارن ۽ گهٽين مان هڪ سُر اڀرندو هو: 'اخبار وارو اچي ويو، اخبار وٺو!..... اخبار وٺو!' اهي اخبار فروش رڳو ڪاغذ ڪونه وڪڻندا هئا. اهي پنهنجي وقت جي جڻ ته نبض هئا. اهڙي ڪيفيت هئا. جنهن ڪيفيت ۾ هر روز ڪو نه ڪو نئون رنگ ڀريل هوندو هو. انهن جي هٿن ۾ اخباري بنڊل، زبان تي اخبار وٺو جا هوڪرا ۽ اکين ۾ عجيب چمڪ هوندي هئي. جڏهن اخبار وڪرو ڪندڙ زور سان رڙ ڪندا هئا ته لڳندو هو جڻ تاريخ پاڻ دروازو کڙڪائي رهي آهي. بازارن ۾، بس اسٽاپن تي، روڊن، رستن، گهٽين، آفيسن ۽ گهرن ۾ ماڻهن جي هٿن ۾ اخبار انهن جي ئي آواز سان پهچندي هئي. هر وڏي سُرخي جڻ ته اخبار فروش جي رڙ سان گڏ عام ماڻهوءَ جي ڪا ڳالهه هوندي هئي. اڄ موبائل جي ٽچ اسڪرين تي خبرون آڱوٺ ئي ڦهلجي وڃن ٿيون پر هوڪرن واري ان آواز جو وزن، ان ڪاغذ جي خوشبوءِ ۽ ان رڙ ۾ لڪل ايمانداري الاءِ ڪٿي گم ٿي وئي آهي؟ اهي آواز جيڪي اسان کي صرف خبر نه ڏيندا هئا پر جاڳائيندا به هئا.

هاڻ انهن اخبار فروشن جا نالا ٻڌندي ئي اکين اڳيان جڻ ته هڪ دور جي تصوير اچي وڃي ٿي. ڪڇ ۾ لڳل ۽ هٿن ۾ ڪنيل اخبارن جا بنڊل، اڪثر ڪلهن تي پيل وڏا ٽوال ۽ آواز جڻ ته سموري شهر کي پکين جي ڪرت جيان جاڳائي ڇڏيندو هو. اهي رڙيون ڪندڙ رڳو اخبار وڪڻندڙ نه هئا پر اهي روڊن، رستن، بازارن، محلن ۽ گهٽين جا مورخ هئا. هر گهر جي دروازي تي سندن نالو هڪ الڳ سڃاڻپ بڻيل هوندو هو. ڪنهن کي ڪهڙي اخبار گهرجي؟ هُو نالو ٻڌندي ئي اخبار هٿ ۾ ڏئي چوندا هئا 'ادا، اڄ وڏي خبر آهي، ضرور پڙهجو.' انهن جي رڙ ۾ هڪ خلوص هو سياري جي ٿڌ ۾، اونهاري جي گرميءَ ۾ ۽ وري برسات ۾ به هو پنهنجي مقرر وقت تي ايندا هئا، ڇاڪاڻ ته انهن کي خبر هئي ته ماڻهو سندن آواز جي انتظار ۾ هوندا آهن. اڄ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي دور ۾ موبائيل تي جديد آگاهي جا اطلاع يعني ڊجيٽل نوٽيفڪيشن ته اچي وڃن ٿا پر انهن اخبار فروشن جهڙو پيار انهن جو ڪيل سلام ۽ اخبار وٺو جو آواز ڪڏهن به اسڪرين تي نه ملندو. سندن اها رڙ ئي ته سندن سڃاڻپ هوندي هئي. صبح جي اچاڻ نروار ٿيندي هئي ته اخبار وڪرو ڪندڙن جي آواز ڪان اڳ ئي سج اڀرڻ جو احساس ٿي ويندو هو. نئين صُبح جو اعلان ٿي ويندو هو. هو رڙ نه ڪندا هئا، هو اعلان ڪندا هئا. جڏهن ڪا وڏي خبر هوندي هئي ته سندس آواز ٻيڻو ٿي ويندو هو. برسات هجي، طوفان هجي، زلزلو هجي پر هُو چوڪن ۽ گهٽين جي ڪنڊ وٽ بيهي رڙ ڪندا هئا ته جيئن ڪنهن ماڻهوءَ کان اخبار نه رهجي وڃي. ماڻهو چانهه جو پيالو هٿ ۾ رکي دروازي تي بيهي سندن رڙ ٻڌندا هئا. ٻار به نقل ڪندا هئا. اڄ موبائيل تي "بريڪنگ نيوز" جو نوٽيفڪيشن ته اچي ٿو وڃي پر ان ۾ اخبار فروش وارو جوش، جذبو، ولولو ۽ اهو ساهه ڀريل زور ڪٿي به ناهي!

سچ پچ ته هو رڳو اخبارون نه وڪڻندا هئا پر هُو صبح کي جاڳائي، پيٽ گذر لاءِ هٿوراڙيون هڻندا هئا.

هاءِ اهي ڏينهن ۽ منظر ياد ٿا اچن ته هڪڙو پورو دور پراڻي ياد جيان سامهون ٿو اچي وڃي. جيئن ئي اخبار وڪرو ڪندڙ کي خبر پوندي هئي ته ڪٿي ڪو وڏو حادثو ٿيو آهي، سندس آواز به فطري طور هڪدم ڳرو ٿي ويندو هو. سندن رڙ ۾ به هڪ درد شامل ٿي ويندو هو: "اڄ وڏي ڏک جي خبر آهي، وڏو حادثو ٿيو آهي." هو جلدي جلدي قدم وڌائيندي، رڙ ڪندي به احتياط ڪندو هو. جڻ چوندو هجي ته 'خبر ٻڌايان ٿو پر دل به ڏڪوئجي ٿي.'

ماڻهو اخبار وٺڻ کان اڳ ئي پڇندا هئا: 'ڇا ٿيو؟ ڪيئن ۽ ڪٿي ٿيو؟' ۽ هو سِر جهڪائي، هڪ ڊگهو ساهه ڀري ٻڌائيندو هو. پوءِ چوندو هو: 'الله رحم ڪري بابا! پڙهي ڏسو.' انهن ڏينهن ۾ اها ڏکوئيندڙ خبر رڳو خبر نه هوندي هئي. اها سڄي شهر جو گڏيل ڏک بڻجي ويندو هو. بازارون به خاموش ٿي وينديون هيون. اڄ ٽچ موبائل جي اسڪرين تي وڊيو سان گڏ خبر به اچي وڃي ٿي پر اخبار فروش جي ان ڳري آواز وارو وزن ڪٿي به محسوس نٿو ٿئي. ماضيءَ جو اهو سفر ۽ هڪ ڀرپور دور ڀلا ڪير ۽ ڪيئن ٿو وساري سگهي؟ جنهن جي اڄ جي جديد نسل کي ڪا ڄاڻ ئي ناهي. مونکي اڄ به ياد آهي ته هڪڙي صبح جو اهو آواز جيڪو بلڪل ٽٽل هو. جنهن ۾ ڪا رڙ نه هئي، ڪو زور نه هو. بس هڪ ڳري خاموشي ۽ وچ ۾ صدمي جهڙي آهه ۽ پڪار هئي: 'اخبار وٺو! اڄ ڏاڍي ڏک جي خبر آهي. مير مرتضيٰ ڀٽو شهيد ٿي ويو.' ان ڏينهن اخبار فروش ڪنهن کي به زور سان نه سڏيو هو. هر دروازي تي بيهي اخبار هٿ ۾ ڏيندي چوندو هو: 'پڙهو نه بابلا! دل ڏاڍي ڏکويل آهي.' سنڌ جو هر شهر ان ڏينهن خاموش هو. بازارون بند، رستا ويران، يونيورسٽيون سميت ڪاليج ۽ اسڪولن جا شاگرد اداس ۽ مجموعي ڪيفيت رڳو ماتم جهڙي هئي. اخبار فروش پاڻ به ان ڏينهن اکيون اگهندو رهيو هو ڇاڪاڻ ته هو به ان خاندان کان، ان نالي کان واقف هو. سندس لاءِ اها رڳو خبر نه هئي، جڻ اهو سندس پنهنجي گهر جو ڏک هو. ڪو صدمو هو. ان ڏينهن اهو احساس ٿيو ته اخبار فروش رڳو اخبار يا خبر پهچائيندڙ نه هوندا هئا. اهي اسان سان گڏ روئندڙ به هوندا هئا. اڄ به جڏهن اخبار فروشن جي عُروج جي تاريخ يا سندن عُروج واري دور جي ياد اچي ٿي ته اهو ڳرو آواز ڪنن ۾ پڙاڏا بڻجي گونجي ٿو ۽ آهستي آهستي اهو آواز غُفائن ۾ گم ٿي وڃي ٿو. اخبار فروشن جا گُم ٿي ويل اهي آواز جڻ ته

بقايا 1 "روزاني عبرت"

پيرو پيهر موٽ ڪاڏي آهي، جڏهن تہ ڪالهہ ٿر ۾ ترائين ۾ ٻڏي مرڻ سبب چار جانيون پڻ ضايع ٿي ويون آهن. ڳوٺ پڪوٺو ۾ پاڻي جي کڏي ۾ ٻڏڻ سبب ٻہ معصوم ٻارڙا مهتاب ۽ شهديو ميگهواڙ فوت ٿي ويا. ڳوٺ رڻجاڻي ۾ هڪ نوجوان ليمون ميگهواڙ ترائي ۾ وهنجڻ دوران ٻڏي فوت ٿي ويو ۽ ڳوٺ ڪاريهار ۾ بہ برساتي پاڻي جي ترائي ۾ وهنجندي نوجوان عقيد ولد اسلم لنجو ٻڏي فوت ٿي ويو. تعلقي ننگرپارڪر جي ڳوٺ ڪاروڙو دل ۾ ڪنوڻ ڪرڻ سبب ٻہ ڏڳيون ۽ هڪ گابو مري ويا. ڳوٺ ٽاهو ۾ پورهيت ڏيوجي ڏونگراڻي جون 23 ٻڪريون ڪنوڻ ماري ڇڏيون. مٺي لڳ ڳوٺ هريار ۾ واڙي ۾ بيٺل ٻڪرين تي ڪنوڻ ڪرڻ سبب گورڌن ڀيل جون 12 ٻڪريون مري ويون.

بقايا 2 "روزاني عبرت"

نوجوان کي فوري طور تعلقي اسپتال خانپور مهر منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي. مقامي ماڻهن موجب جوڳي برادري جا اهي ماڻهو خانپور مهر ۾ پنڻ ذريعي گذر سفر ڪندا هئا. هوڏانهن ضلعي ڪائونسل گهوٽڪي جي چيئرمين مير بنگل خان مهر انساني همدردي جي بنياد تي فوتي نوجوان جو لاش سندس اباڻي شهر عمرڪوٽ منتقل ڪرڻ لاءِ ٽرانسپورٽ جو بندوبست ڪرائي ڇڏيو.

بقايا 3 "روزاني عبرت"

خاصخيلي دادو آفيس ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ ڪالهہ گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول ميهڙ جون ٽن شاگردياڻين فاطمہ جانوري، روشني تيوڻو، تنزيلا پنهور جي گمشدگي جو اطلاع مليو جيڪي اٺين ڪلاس جون شاگردياڻيون هيون، جيڪي اسڪول بعد گهر نہ پهتيون، جيئن اطلاع مليو هڪ خاص ٽيم جوڙي وئي جنهن ۾ سي آءِ اي انچارج دادو ميهڙ ڊي ايس پي، ايس ايچ او ميهڙ ۽ وومين سيل دادو جي انچارج تي مشتمل هڪ ٽيم جوڙي جنهن ڪالهہ شام 6 بجي کان 7 صبح بجي تائين مسلسل ڪم ڪيو. پهرين اطلاع ڪوٽڙي، جام شورو جو مليو جنهن بعد پوليس ان طرف رواني ڪئي وري اطلاع مليو تہ 3 شاگردياڻيون ميرپورخاص ۾ موجود آهن جيئن پوليس ان طرف وئي تہ ٽي شاگردياڻيون ڪوچ وسيلي ٻئي هنڌ وڃي رهيون هيون، جنهن بعد ڊي آءِ جي ميرپور خاص ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص سان رابطو ڪيو جنهن فوري طور تي لڳاپيل علائقي ۾ ناڪابندي ڪري ٽنهي شاگردياڻين کي بازياب ڪرايو. ان دوران هڪ جوابدار زين مهر کي پڻ گرفتار ڪيو ويو آهي. ايس ايس پي دادو ٻڌايو تہ روشني شاگردياڻي سان زين مهر جو گذريل 4 سالن کان سوشل ميڊيا تي رابطو هيو. جنهن ناري روشني ڏيءِ گل محمد تيوڻو جي طرف رشتو پڻ موڪليو هو. 3 شاگردياڻين هڪ پروگرام ٺاهيو هئو جنهن تحت هو پهرين تاريخ تي گهران نڪري سمون پهچي چڏيون هيون، پوءِ مختلف طريقن سان ڏين مهر سان رابطي ۾ رهيو آهن. اگر ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص وقت سر تعاون نہ ڪن ها تہ شايد ايڏي وڏي ڪاميابي نہ ملي آهي دادو پوليس جي ٽيم بهترين ڪم ڪري 24 ڪلاڪن اندر وڏي ڪاميابي ماڻي آهي. 3 شاگردياڻين کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو. ياد رهي تہ ٽنهي شاگردياڻين جي والدين جي فرياد تي الڳ الڳ 3 ڪيس نامعلوم جوابدارن مٿان داخل ٿيل آهن. اجالا پروين سولنگي جي بابت ٽيم ڪم ڪري پئي افسوس هن مهل تائين پاڙيسرين يا ڪنهن ٻئي ڪاٻہ انفارميشن نہ پئي ملي جنهن سبب اجالا پروين جي بازيابي ۾ دير ٿي رهي، ان باوجود هر وقت اجالا پروين سولنگي جي بازيابي لاءِ پراميد آهيون. ايس ايس پي دادو چيو تہ والدين کي گهرجي تہ پنهنجي نياڻين ۽ نوجوانن جو خيال رکڻ سان گڏ سندن جي سوشل زندگي تي پڻ نظر رکن جيئن نوجوان نسل غلط ڪمن کان بچي سگهي.

بقايا 4 "روزاني عبرت"

فائرنگ جي نتيجي ۾ مظهر عرف ببلو شاهاڻي مارجي ويو اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو جتي ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو حد جي پوليس موجب مقتول جو پنهنجي ئي برادري جي ماڻهن سان ڪافي عرصي کان پراڻو تڪرار هلي رهيو هو جنهن دوران هي قتل ٿيو آهي ۽ وڌيڪ مختلف پهلوئن کان جاچ جاري آهي .

بقايا 5 "روزاني عبرت"

راهوجو کي برادي جتوئي ٿاڻي جي پوليس گرفتار ڪري سندن قبضي مان استعمال ڪيل هٿيار هٿ ڪيا آهن ۽ گرفتار ڪيل ٻنهي جويدارن کي خيرپور جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو جتي عدالت سڳوري جي حڪم بعد ٻنهي جويدارن کي سينٽر جيل خيرپور منتقل ڪيو ويو آهي واضح رهي تہ ٻہ هفتا اڳ ڪچي جي ڳوٺ فاضل فقير راهوجو ۾ جويدارن زمين جي مالڪي تان حملو ڪري پيرياڳاري جي ڪي ٽي جي ملازم کي قتل ڪيو هو ۽ ٽن ڄڻن کي پڻ زخمي ڪيو هو .

بقايا 6 "روزاني عبرت"

بيروزگار ٿي رهيا آهن، جيڪو سنڌن سان سراسر ناانصافي آهي. مظاهرين حڪومت ۽ لاڳاپيل اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ معاملي جو فوري نوٽيس وٺي ڊاهڻ وارو عمل روڪيو وڃي ۽ متاثر دڪاندارن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 7 "روزاني عبرت"

آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي جيڪو مون سان ظلم آهي اسان کو بہ غلط ڪم نٿا ڪريون اسان شهر ۾ دڪان سنڌ جيولري اينڊ بينگل اسٽور نالي سان هلائي رهيا آهي اسان ٿاڻي تي اعليٰ اختيارن کي ڏٺل ڪمپلين جو اسٽيٽس معلوم ڪرڻ لاءِ وياسين تہ اسان کي محرر طرفان معلومات نہ ڏني وئي تہ آر ايم اوجو رجسٽر ڏيکاريو ويو اسان آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ٿا ڪيون تہ شهرين کي ريسپانس نہ ڏيندڙ محرر کي معطل ڪيو وڃي اسان مٿان داخل ڪوڙي ايف آءِ آر ڪينسل ڪئي وڃي

بقايا 8 "روزاني عبرت"

ڳوٺاڻن پاران پنهنجي مدد تحت پاڻي کي بند ڪرڻ جون ڪوششون جاري، ان سلسلي ۾ رهواسين منظور شاهہ،علي مغل، وقار مگڻهار ۽ ٻين جو چوڻ هو تہ شاخ جا بند ڪمزور ۽ ڪانٽي نہ هٽڻ سبب پاڻي اوورٽاپ ٿيو آهي هڪ ڪلاڪ تائين پاڻي بند نہ ٿيو تہ سرڪاري عمارتن سميت سڄو شهر ٻڏي ويندو ٻي طرف رابطو ڪرڻ تي ايس ڊي او ايريگيشن سعيد ٻرڙي ميڊيا کي ٻڌايو تہ پاڻي مٿهن کان بند ڪيو ويو آهي لاٽ اچي ويندي، هوڏانهن سوشل ميڊيا تي شاخ اوور ٽاپ ٿيڻ جون وڊيو وائرل ٿيڻ ڪانپوءِ ايڪسڪيويٽر مشين پهچي بند ٻڌڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهي، آخري اطلاعن پاڻي بند ٿي نہ سگهيو هو

بقايا 9 "روزاني عبرت"

زور تي موٽر سائيڪل موبائل فون

پاڪستان جي طرفان صوبائي اسيمبلي جي جي صدارت ۾ هڪ اهم اجلاس منعقد ٿين
حلقي ڪمبٽ سوڀوديرو پي ايس 30 ضلعي جنهن ۾ چونڊ انتظامن سيڪيورٽي
خيرپورميرس ۾ ٿيندڙ ضمني چونڊ 16 ٽرانسپورٽ، بنيادي سهولتون بجلي صحت
آگسٽ 2026 تي منعقد ٿيندي ان سلسلي بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڪيش رقم ويهہ هزار ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن

بقايا 10 "روزاني عبرت"

سرائي ممتاز هرياه ايڊووڪيٽ اختيار حسين پنهور طاهر حسين پنهور شفي محمد چنا لياقت علي قريشي لالا اشفاق پاڳٽ ياسر خان ٽنيو احسان علي سهتو ۽ ٻين شرڪت ڪئي جڏهن تہ ساڳئي ڳوٺ بخشل خان پنهور ۾ سماجي اڳواڻ وڏيرو علڻ خان پنهور، اظهر الدين پنهور، لياقت علي پنهور پاران تڪ جي اميدوار اسفند يار ڪرل جي مان ۾ آجياڻي جو پروگرام ۽ مانجهاندي جو بہ بهترين نمونو بندوبست ڪيو ويو ان موقعي تي پي پي اڳواڻ سيد فرزند علي شاهہ ، سيد حسن علي شاهہ ،سرائي لياقت علي خان سيال، سرائي شهداد خان پاڳٽ ،انتظار قادر مشوري لعل بخش ناريجو ۽ ٻين ڪيترن ئي پي پي اڳواڻن شرڪت ڪئي ان موقعي تي پروگرام جي ميزبان اظهر الدين پنهور پاران تڏي تي کهي آيل مهمانن کي اجرڪن ۽ لنگهين جا تحفا پيش ڪيا ويا، ان سلسلي ۾ پي ايس 30 جي اميدوار نوجوان قيادت اسفند يار ڪرل صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ 16 آگسٽ تي ٿيندڙ ضمني چونڊ ۾ انشاء الله اسان تاريخي فتح حاصل ڪنداسين ۽ پنهنجي تڪ جي عوام کي اپيل ڪيون ٿا تہ 16 آگسٽ تي گهران نڪرن ۽ پنهنجو قيمتي ووٽ تير جي نيشان تي ٺپو هڻي ڪامياب بڻائيندا.

بقايا 11 "روزاني عبرت"

موسميات کاتي موجب ضلعي ۾ سڀ کان وڌيڪ 195 ملي ميٽر برسات عمرڪوٽ شهر ۾ رڪارڊ ڪئي وئي، جنهن بعد شهر جا ڪيترائي علائقا مڪمل طور پاڻي هيٺ اچي ويا، گولي مار گرائونڊ، ني تلوار چوڪ، پراڻو بس اسٽينڊ، زيرو پوائنٽ، چانهيا چوڪ، پريم نگر رحيم ڪالوني، ايس پي آفيس وارو علائقو چنديرام پاڙو ۽ ٻيا ڪيترائي علائقا گوڏي جيڏي پاڻي ۾ ٻڏي ويا، جنهن سبب شهرين سخت پريشاني ۽ آمدرفت جي مسئلن کي منهن ڏنو برساتي پاڻي بيهڻ سبب پراڻي بس اسٽينڊ پرسان هڪ ديوار ڊهي پئي، جنهن جي نتيجي ۾ مرغي جا دڪان ۽ ڪيبنون پاڻي هيٺ اچي ويون ۽ واپارين کي لکين رپين جو نقصان پهتو. شهر جي مختلف علائقن ۾ تازو ڪروڙين رپين جي لاڳت سان تعمير ٿيل پيور بلاڪ وارا روڊ بہ پاڻي جي وهڪري آڏو بيهي نہ سگهيا ۽ ڪيترن هنڌن تان اکڙي پاڻي سان گڏ وهي ويا. جنهن تي شهرين سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ذميوارن کان جوابدهي جو مطالبو ڪيو. برساتن سبب ڪيترائي ڪچا گهر ۽ ديوارون ڊهي پٽ ٿي ويون، جڏهن تہ ڪيترائي خاندان پنهنجا گهر ڇڏڻ تي مجبور ٿي ويا. مختلف ڳوٺن ۽ شهر جي هيٺاهين وارن علائقن ۾ پاڻي داخل ٿيڻ سبب خوف ۽ بيچيني واري صورتحال پيدا ٿي وئي، ڪيترن هنڌن تي وڏا وڻ بہ ڪري پيا، جڏهن تہ ووئنٽڻ ۽ مرچن سميت بيٺل فصلن کي پڻ سخت نقصان پهتو جنهن سبب آبادگارن ۾ ڳڻتي جي لهر ڇانيل آهي. شهر جي هڪ مدرسي ۾ برساتي پاڻي داخل ٿيڻ بعد شاگردن کي محفوظ هنڌ منتقل ڪيو ويو، جڏهن تہ هڪ هاسٽل چوطرف پاڻي جي گهيري ۾ اچڻ سبب اتي رهندڙ شاگردن کي بہ فوري طور ٻي جاءِ تي منتقل ڪيو ويو تہ جيئن ڪنهن بہ اڻ وڻندڙ واقعي کان بچي سگهجي. اهڙي هنگامي صورتحال ۾ انتظاميہ گم هجڻ وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ نوٽس وٺندي ميونسپل ڪميٽي عمرڪوٽ جي چيف ميونسپل آفيسر شريف ناريجو جي ڊيوٽي تان غيرحاضر هجڻ تي معطل ڪري انتظاميہ کي سخت هدايتون ڪيون ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ نويد الرحمان لاڙڪ ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر عمرڪوٽ رجب علي سنيوچهہ ڪلاڪ گذرڻ ڪانپوءِ مختلف علائقن جو دورو ڪري واسطيدار ادارن کي پاڻي جي ترت نيڪال جا حڪم جاري ڪيا موسميات کاتي موجب ضلعي ۾ برسات جا انگ اکر هن ريت رهيا، عمرڪوٽ 195 ملي ميٽر، ڪنري 148 ملي ميٽر، سامارو 59 ملي ميٽر ۽ پٿورو 57 ملي ميٽر، شهرين جو چوڻ آهي تہ هر سال برساتن دوران ساڳيا مسئلا سامهون اچن ٿا، جڏهن تہ نيڪالي آب جو نظام مڪمل طور ناڪام نظر اچي رهيو آهي. هنن مطالبو ڪيو تہ هنگامي بنيادن تي شهر مان پاڻي نيڪال ڪري متاثر خاندانن جي مدد ڪئي وڃي ۽ ناقص ترقياتي ڪمن جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي.

بقايا 12 "روزاني عبرت"

امين سيال، علي بخش سولنگي، مور سنڌي، افضل سانيل، سجاد مسڻ، نزاڪت ڪانڌڙو، علي محمد ڪوري، ببلو سومرو، عبدالرحمن پٽي، سرائي سوڏو سولنگي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري باڊهہ کي فوري طور تعلقي جو درجو ڏيڻ لاءِ زوردار نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي احتجاج ڪندڙن چيو تہ باڊهہ ڏيڍ لک آبادي ۽ 14 واردن تي مشتمل تاريخي شهر آهي، جڏهن تہ سنڌ ۾ اهڙا ڪيترائي شهر موجود آهن. جن کي آبادي ۽ ايراضيءَ جي لحاظ کان باڊهہ کان ننڍو هجڻ باوجود تعلقي جو درجو حاصل آهي، پر باڊهہ کي اڃان تائين تعلقي جو درجو نہ ڏيڻ شهر واسين سان سراسر ناانصافي آهي. هنن چيو تہ مختلف چونڊ مهمن دؤران باڊهہ کي تعلقو بڻائڻ جا واعدا ڪري ووٽ وٺندڙ مقامي چونڊيل نمائندا اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ نہ رڳو پنهنجا واعدا وساري ويهن ٿا، پر اسيمبلين اندر بہ باڊهہ کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ آواز نہ ٿا اٿارين، جنهن سبب شهرين ۾ بيچيني پکڙيل آهي. هنن گهر ڪئي تہ باڊهہ کي تعلقي جو درجو ڏيڻ وارو نوٽيفڪيشن بنادير جاري ڪري شهرين ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ جدوجهد جاري رهندي

بقايا 13 "روزاني عبرت"

واقعي جي فوري اطلاع فقيرآباد پوليس کي ڏني وئي پر ڪلاڪن تائين پوليس موقعي تي نہ پهتي جنهن سبب شهرين ۾ سخت ڪاوڙ پکڙيل آهي. ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي تہ فقيرآباد ۾ چورين ۽ ڦرون روز جو معمول بڻجي ويون آهن. هڪ پاسي منشيات ۽ جوئو سرعام هلي رهيو آهي تہ ٻئي پاسي چور بنا خوف جي ڦرون ڪري رهيا آهن.

بقايا 14 "روزاني عبرت"

کي گرفتار ڪرڻ لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا جاري آهن ۽ وڌيڪ جاچ ڪيون پيا تہ لاڪپ مان جويدار ڪنهن فرار ٿيو آهي

بقايا 15 "روزاني عبرت"

۾ سڃاڻپ پيدا ڪرڻ آهي تہ جيئن ماڻهو اغوا ٿيل ٻارن جي بازيابي لاءِ گڏجي آواز اٿارين هن چيو تہ جيڪڏهن سنڌ جو عوام گڏجي نڪرندو تہ اغوا ٿيل سمورا ٻار بازياب ٿي سگهن ٿا نويد علي پنڊ چيو تہ جيڪڏهن وقت سر پريا ڪماري جي آزادي لاءِ گڏيل جدوجهد ڪئي وڃي هان تہ شايد اڄ وڌيڪ ٻار اغوا نہ ٿين ها پر اڃا بہ وقت ويو ناهي، سيني کي گڏجي جدوجهد ڪرڻي پوندي هن وڌيڪ چيو تہ هندستان ۾ نوجوان پنهنجي حقن لاءِ نڪتا تہ حڪومت بہ دٻاءَ ۾ آئي ۽ تعليم واري وزير کي استعيفيٰ ڏيڻي پئي نويد علي پنڊ چيو تہ گڏيل جدوجهد سان نہ رڳو پنهنجا حق حاصل ڪري سگهجن ٿا پر اغوا ٿيل ٻارن جي بازيابي بہ ممڪن بڻائي سگهجي ٿي.

بقايا 16 "روزاني عبرت"

عباسي، مريم عباسي، غلام صغريٰ لهر ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ اڄ اسان جي احتجاج کي 409 هون ڏينهن آهي ۽ اسان پاڻ کي علامتي ڦاهو ڪائي حڪمرانن کي اِهو ٻڌائڻ چاهيون ٿا تہ توهان سنڌ جي تعليم کي تباهہ ڪري ميرٽ جو قتل عام ڪيو. هاڻي توهان سنڌ جي شعور جو بہ قتل عام ڪرڻ وڃو پيا. اسان جا مسئلا جائز آهن پر ان جي باوجود سنڌ حڪومت اينڊو پريشان ۽ لاڙڪاڻي ۾ دربدر ڪري ڇڏيو آهي، جو سنڌ حڪومت 97 هزار استادن کي پرتي ڪيو ويو آهي پر 12 هزار استادن کهڙو ڏوهہ ڪيو آهي جو هنن کي پرتي نہ ٿو ڪيو وڃي ڇا هنن جو اهو هو تہ هنن ميرٽ تي ٽيسٽ پاس ڪئي ۽ هيئنر حق ۽ سچ جو آواز جو بلند ڪري رهيا آهن. بلاول ڀٽو زرداري کي اسان جي احتجاج جو نوٽيس وٺي سنڌ جي نياڻين سان انصاف ڪرڻ گهرجي. افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ 33 مارڪون ڪڍندڙ اڄ ڪرسين تي ويهي نوڪريون پيا ڪن پر جيڪي اهل اميدوار آهن انهن سان اينڊو تہ ظلم ڪيو ويو آهي تہ جو اڄ اسان روڊن تي نڪري احتجاج پيا ڪيون. هنن مطالبو ڪيو تہ ٽائيم پيرڊ ۾ واڌ ڪري رهيل سمورن 40 پي ايس ٽي ۽ جي اِي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن کي پرتي ڪيو وڃي، موجوده پاليسي ۾ ترميم ڪري اميدوارن کي تعلقي بدران ضلعي، ڊويزن يا صوبائي سطح تي ايڊجسٽ ڪيو وڃي جيڪڏهن حڪومت سنڌ ۽ لاڳاپيل اختيارين طرفان جلد ڪو مثبت ۽ عملي فيصلو نہ ڪيو ويو تہ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو اينڊڙ مرحلي ۾ نئون ديرو هائوس، شهيدن جي مزار ۽ انڊس هاءِ وي تي پرامن احتجاجي ڌرڻا هنيا ويندا. جڏهن تہ سنڌ جي سمورن پي ايس ٽي ۽ جي اِي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن پاران بلاول هائوس اڳيان پرامن احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 17 "روزاني عبرت"

اختيارن جي ناجائز استعمال خلاف سخت ڪارروائي ڪندي ضلعي فوڊ ڪنٽرولر ڪشمور @ ڪنڌڪوٽ (معطلي هيٺ) مسٽر غلام مصطفيٰ ميراڻي اسسٽنٽ / BS-16 کي نوڪري مان برطرف ڪري ڇڏيو آهي. ڊائريڪٽر فوڊ سنڌ جي انڪوائري رپورٽ موجب، پي آر سي ڪشمور ۽ ڪنڌڪوٽ ۾ فصل 2022-23 ۽ 2023-24 جي لکين ڪٽڪ جي بورين هزارين ميٽرڪ ٽن ڪٽڪ جو ڪو بہ رڪارڊ نہ مليو جنهن سان قومي خزاني کي اربين روپين جو نقصان پهتو. جوابدار آفيسر کي جوابده بڻائڻ لاءِ بار بار سبب ڏيکاريو نوٽيس جاري ڪيا ويا ۽ 13 اپريل 2026 تي ذاتي ٻڌڻي جو موقعو پڻ ڏنو ويو، پر هو پنهنجي دفاع ۾ ڪوبہ ثبوت يا دستاويز پيش نہ ڪري سگهيو. سنڌ سول سرونٽس ايفيشيئنسي ۽ ڊسيپلين رولز 1973 جي قاعدي تحت، فوڊ سيڪريٽري غلام عباس نائچ سندس ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي ڪيس "سروس مان برطرف" ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي. محڪمي پاران معاملو وڌيڪ جاچ، فوجداري ڪارروائي ۽ سرڪاري پئسي جي وصولي لاءِ انڪوائريز اينڊ اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ (ACE)سنڌ ڏانهن موڪليو ويو آهي، جڏهن تہ لاڙڪاڻي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ کي بہ جوابدار خلاف فوري طور تي ڪرمنل پروسيجر شروع ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي

بقايا 18 "روزاني عبرت"

ڪيل ڳوٺ عارب سولنگي جا متاثر ڳوٺاڻا سخت پريشاني ۾ مبتلا سندن خيما بہ برساتي پاڻي روڪي نہ سگهيا رڌ پچاءِ لاءِ عورتون سخت پريشان ٿي جي تاريخي شاهجهان جامع مسجد ٺٽو جي زبون حالت سبب مختلف گنبذن مان برساتي پاڻي ٽمڻ لڳو شاهڪار تاريخي جامع مسجد کي خطرو لاحق وقفي وقفي سان هلڪي برسات سبب سڄي ضلعي ۾ موسم خوشگوار بڻجي وئي

بقايا 19 "روزاني عبرت"

مختلف رخن تي جانچ ڪري رهي آهي علائقي ۾ لاڳيتو سوڳ واري صورتحال آهي جڏهن تہ قومي عوامي تحريڪ جي سربراهہ اياز لطيف پليجو تڏي تي پهچي مقتول جي معذور پٽ ۽ ٻارين سان تعزيت ڪيي آهي ۽ جوابدار جي گرفتاري لاءِ ايس ايس پي جام شورو سان ملاقاتڪرڻ سميت هر ممڪن مدد جو يقين ڏياريو آهي

بقايا 20 "روزاني عبرت"

ڪلب ڪوٽڙي ۾ احتجاجي پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هڻيو تہ ڪوٽڙي جي ديهہ خانپور ۾ واقع سندن اباڻي زرعي زمين تي وڪيل نثار چانڊيو، گلشير ڪاڪا، علي نواز چانڊيو ۽ ٻين زبردستي قبضو ڪري ورتو آهي.هنن چيو تہ مذڪوره زمين سندن اباڻي ملڪيت آهي، جنهن تي هو ڪيترن ئي سالن کان پوک ڪندا اچي رهيا آهن، پر هڪ هفتي اڳ جوابدارن هٿياربند ماڻهن جي مدد سان زرعي زمين تي قائم ڪمري جو تالو ٽوڙي، زرعي سامان تي قبضو ڪيو ۽ اتي عورتن ۽ ٻارن کي ويهاري ڇڏيو.متاثرن موجب زمين جي مالڪي بابت سمورا قانوني دستاويز زرعي پاس بڪ، فارم-7 ۽ هاري ڪارڊ موجود آهن. هنن وڌيڪ چيو تہ گلشير ڪاڪا اڳ ئي وٽن کان 16 ايڪڙ زمين خريد ڪئي هئي، پر هاڻي سندن باقي زمين تي بہ ناجائز قبضو ڪري هڙپ ڪرڻ چاهي ٿو.هنن الزام هڻيو تہ واقعي بابت ڪوٽڙي پوليس کي شڪايت ڪرڻ باوجود پوليس وڪيلن جي دٻاءَ سبب قبضي ڪندڙن خلاف ڪاٻہ ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي.عدنان قريشي ۽ ساٿين وڌيڪ چيو تہ وڪيل گلشير ڪاڪا ۽ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جامشورو جي جنرل سيڪريٽري نثار چانڊيو گذريل ٽن مهينن دوران مٿن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي چڪا آهن. جنهن خلاف هنن سنڌ هاءِ ڪورٽ حيدرآباد ۾ آئيني درخواست داخل ڪئي، جتي عدالت جاچ لاءِ جي آءِ ٽي جوڙي رپورٽ طلب ڪئي آهي.هنن چيو تہ هو ڪيترائي ڀيرا ايس ايچ او ڪوٽڙي، ڊي ايس پي ۽ ايس ايس پي جامشورو سان رابطو ڪري چڪا آهن. پر کين رڳو خاطريون ڪرايون وڃن ٿيون ۽ سندن شڪايت تي ڪا بہ عملي ڪارروائي نٿي ڪئي وڃي.متاثرن سنڌ جي وڏي وزير، آءِ جي سنڌ، سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ کين قانوني تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ مبينا قبضي ڪندڙن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 21 "روزاني عبرت"

رهزنن جي گرفتاري لاءِ اڄ ڏينهن تائين دانهون ڪنب ٿاڻي جي حد مصري شاهہ اسٽاپ وٽ هالار پمپ سامهون اڍائي مهينا اڳ گوليون هڻي بي دردي سان قتل ڪيل نوجوان غلام مصطفيٰ بگٽي جا قاتل قانون کان آجا چو گهمن؟ اتحاد سميت وڪيل برادري ڪيترائي ڀيرا احتجاج تہ ڪيا پر پوليس ڪک پڇي بيٺو تہ ڪيو قاتلن کي بچائڻ لاءِ پوليس ڪاٻہ ڪٺر تہ ڇڏي بيگناهہ ڪيترن ئي ماڻهن کي گرفتار ڪري قتل ڪيس ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي،علائقي ۾ هلندڙ چوبول

بقايا 22 "روزاني عبرت"

۾ پولنگ اسٽيشن قائم ڪئي وئي، مگر عورت ووٽر نہ پهچي سگهي. ڪشمير ويلي _ ون، ايل اي _40 جي سيٽ تي پ پ جي عامر عبدالغفار ۽ ن ليگ جي محمد نعيم خان سميت 11 اميدوارن ۾ مقابلو هيو. ٻين مختلف پارٽي ۽ آزاد اميدوارن ۾ محمد اسلم ملڪ، محمد بشير خان، محمد رستم، رفيق احمد، محمد سليم بٽ، سهراب بٽ، صائم فريد، غلام محمد ۽ فخر عباس پڻ شامل هئا. پولنگ اسٽيشن تي هڪ پرزائيڊنگ آفيسر، هڪ پولنگ آفيسر ۽ 2 اسسٽنٽ پولنگ آفيسر مقرر، ايس ايچ او پان سميت 6 پوليس اهلڪار سيڪيورٽي لاءِ مقرر ڪيا ويا هئا. مگر عورت ووٽر مقرر ٽائيم تي نہ پهچڻ ڪري اليڪشن عملو مقرر ٽائيم ختم ٿيڻ بعد واپس روانو ٿي ويو. پولنگ صبح جو 8 وڳي کان شام جو 5 وڳي تائين هئي. ان سلسلي ۾ پرزائيڊنگ آفيسر ٻڌايو تہ اسان وٽ هڪ عورت ووٽر رجسٽرڊ آهي، ان لاءِ پولنگ اسٽيشن قائم ڪئي وئي هئي، ووٽر پولنگ جي مقرر ٽائيم اندر ووٽ جو حق استعمال نہ ڪيو.#

بقايا 23 "روزاني عبرت"

ڇڏيا ٻئي طرف اسسٽنٽ ڪمشنر حنين طارق شاهاڻي مختيارڪار امام الدين لاڙڪ شهر جي مختلف علائقن محمدي چوڪ . ايم اي جناح روڊ . لطيف گيٽ . گول چڪرو. جوهرآباد ۽ ٻين علائقن جو دؤرو ڪري برسات کان پوءِ جي صورتحال جو جائزو ورتو ۽ ميونسپل عملي کي هدايت ڪئي تہ جلد کان جلد پاڻي کي نيڪال ڪري عوام کي پريشاني کان بچايو وڃي برسات دوران بجلي ۽ مواصلات جو نظام درهم برهم رهيو جڏهن تہ غريب مسڪين ماڻهن جو ڪافي نقصان ٿيو آهي ڇتيون اڏامي ويون پٽيون ڪري پيون سولر پليٽون ٽٽي ويون وڻ پاڙئون پٽجي ويا بجلي جا ٿنڀا ۽ تارون ٽٽي ڪري پيون . برسات سبب فصلن کي وڏو نقصان ٿيو آهي

بقايا 24 "روزاني عبرت"

ويو.حادثي ڪانپوءِ ڪرين جو ڊرائيور ڪرين ڇڏي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي وئي، جڏهن تہ فوتي ٻار جو لاش ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ تعلقہ اسپتال گولاڙچي منتقل ڪيو ويو.پوليس موجب واقعي بابت وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي، جڏهن تہ فرار ٿيل ڪرين ڊرائيور جي ڳولا پڻ جاري آهي.معصوم ٻار جي فوت ٿيڻ واري افسوسناڪ واقعي سبب علائقي ۾ ڏک ۽ سوڳ جي لهر پکڙجي وئي.

بقايا 25 "روزاني عبرت"

ڳالهائيندي چيو تہ گذريل ٽن مهينن کان پاڻي لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهيون ڪير بہ ٻڌڻ وارو نہ آهي آبادگارن جو لکين روپين جو ڪمند سڪي ۽ سڙي رهيو آهي جنهن سان لکين روپين جو نقصان ٿيندو علائقي جا سوين خاندان بک ۽ بدحالي جو شڪار ٿي ويندا هن مطالبو ڪيو تہ فور طور تي ککڙ شاخ ون ۾ پاڻي پهچايو وڃي ٻئي صورت ۾ چونڊيل نمائندن ۽ آبپاشي ڪامورن خلاف احتجاج جو سڏ ڏنو ويندو

بقايا 26 "روزاني عبرت"

۾ ٻڏي ويو. وارثن طرفان ريسڪيو1122 جي ٽيم کي اهڙو اطلاع ڏنو ويو جنهن تي ريسڪيو1122 جي ٽيم پهچي ٻارڙي جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي ان حوالي سان ميڊيا کي ٻڌايو تہ سنڌن ٻارڙو گذريل ڇنڇر ڏينهن وهنجڻ دوران رائيس ڪئنال ۾ ٻڏي ويو جنهن کي ريسڪيو1122 جي ٽيم هٿ نہ ڪري سگهي آهي جنهن ڪري سندن گهر ۾ روچ راڙو مٽل آهي. ٻارڙي جي وارثن ضلعي انتظاميہ کي اپيل ڪئي تہ سندن نينگر جي ڳولا ۾ مدد ڪري ڇانيل پريشاني ختم ڪئي وڃي ٻئي طرف آخري اطلاعن تائين ٻڏي ويل ٻار جو ڏس پتو نہ پئجي سگهيو هو.

بقايا 27 "روزاني عبرت"

ٻڌايندي 2 منشيات فروشن کي گرفتار ڪري لڳ ڀڳ 3 ڪلو چرس هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ان حوالي سان ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري ٻڌايو تہ لاڙڪاڻو پوليس نئون ديرو ٿاڻي جي حد ميرواهہ واري علائقي ۽ يونيورسٽي ٿاڻي جي حد نيو گڏ روڊ واري علائقي ۾ ڪارروائي ڪندي 2 منشيات فروش جوابدارن صفي الله عرف صفو ميراڻي کي لڳ ڀڳ 2 ڪلو چرس ۽ اڪرم عرف اڪرو شيخ کي هڪ ڪلو 245 گرام چرس سميت گرفتار ڪري ورتو آهي هن وڌيڪ ٻڌايو تہ گرفتار جوابدارن کان منشيات خريد ڪندڙن ۽ مقامي ڊيلرن بابت پڇا ڳاڇا جاري آهي، جڏهن تہ گرفتار منشيات فروش اڪرم عرف اڪرو شيخ اڳ بہ سنگين ڏوهن ۽ مختلف ڪيسن ۾ ملوث رهيو آهي جيڪو پوليس کي گهربل هو جنهن کان وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 28 "روزاني عبرت"

ويا رستن ۽ گهٽين ۾ پاڻي بيهجي وڃڻ سبب ماڻهن کي اچ وڃ ۾ ڏکيائيون پيش آيون برسات سبب گذريل رات کان ضلعي جي ڪيترن ئي هنڌن تي بجلي بند ٿي وئي جيڪا شام جو دير تائين اچي سگهي شهرين بجلي جي ڊگهي بندش تي ڳڻتي ظاهر ڪندي لاڳاپيل کاتي کان سخت ڪارروائي ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي ٻئي پاسي برساتن جي اڳواٽ ڄاڻ هوندي بہ شهر جي نالن جي وقت سر صفائي نہ ٿيڻ ڪري برساتي پاڻي نڪري نہ سگهيو جنهن سبب ڪيترن ئي رهائشي پاڙن ۾ پاڻي بيهجي ويو آهي هوڏانهن پنگريي پرسان ڳوٺ حاجي صادق ۾ ڏڪوئيندڙ واقعو سامهون آيو جتي لاڳيتي برسات سبب هڪ گهر جي ڇت ڪري پئي ملبي هيٺان دبجي 22 ورهين جو رميش ڪولهي حياتي وڃائي ويٺو هوائن ۽ برساتن بابت ڄاڻ ڏيندڙ کاتي اينڊڙ ڏينهن ۾ بہ وڌيڪ برسات پوڻ جو امڪان ظاهر ڪيو آهي

بقايا 29 "روزاني عبرت"

فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هنن وڌيڪ چيو تہ ڏينهن ڏٺي جو واپاري کان ڦرون ۽ چوريون ٿي رهيون آهن جنهن سبب شهري پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري رهيا آهن. هنن مطالبو ڪيو تہ فوري طور تي ڏوهارين کي گرفتار ڪري ڦر ٿيل رقم واپس ڪرائي وڃي ۽ امن امان جي صورتحال کي يقيني بنايو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 30 "روزاني عبرت"

بحالي ۽ رهيل پگهارن جي ادائيگي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري ۾ متاثر استاد جي ٻارڙن افسر موريو، مائره موريو ۽ عيشال موريو سميت شهرين زيب علي ساريو علي انور عسڪري، عزيز بروهي، غلام شبير حيدري ۽ ٻين شرڪت ڪري استاد اعجاز موريو جي سروس آءِ ڊي بحال ڪرڻ ۽ رهيل پگهارون جاري ڪرڻ لاءِ زوردار نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي متاثر استاد اعجاز موريو چيو تہ هو گذريل 13 سالن کان سروس آءِ ڊي بند هجڻ سبب سخت ذهني، مالي ۽ معاشي پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي. هن چيو تہ بار بار لاڳاپيل اختيارين سان رابطا ڪرڻ، درخواستون ڏيڻ ۽ آفيسن جا چڪر ڪاٽڻ باوجود سندس مسئلو حل نہ ڪيو ويو آهي، جنهن سبب سندس خاندان سخت معاشي تڪليفن ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور آهي. هن تعليم کاتي جي واسطيدار اختيارين کان گهر ڪئي تہ سندس بند پيل سروس آءِ ڊي فوري طور بحال ڪري رهيل سمورين پگهارون ادا ڪيون وڃن.

بقايا 31 "روزاني عبرت"

جهاز چوڪ کان بوائز ڊگري ڪاليج تائين مين گٽر نالن جي تعمير جو ڪم سست رفتاري جو شڪار ٿي ويو آهي ۽ گٽر نالي جي کوٽائي سبب شهر جا مک روڊ رستا ڪنڊرات جو ڍيڪ ڍيڻ لڳا آهن جڏهن تہ ڪم ۾ مبينا طور ناقص ميٽيريل پڻ استعمال ٿيڻ جون شڪايتون عام آهن پر ضلعي توڙي مقامي انتظاميا معاملي نوٽيس وٺڻ بجاءِ صرف فوٽو سيشن تائين محدود بڻجي ويا آهن ان ڪري اربين روپين جا ٺيڪا کڻي ايندڙ ٺيڪيدار پنهنجي من ماني ڪري شهر جو بيڙو غرق ڪرڻ ۾ مصروف آهن ٻئي طرف سيوهڻ جا شهري ۽ شهباز قلندر تي ايندڙ زائرين پڻ ٻٽي عذاب ۾ مبتلا ٿي ويا آهن ۽ پريشاني کي منهن ڏيڻ تي مجبور بڻجي ويا آهن. جڏهن تہ شهر جو داخلي ڪاليج روڊ ۽ درگاهہ روڊ بند هجڻ ڪري ٽريفڪ جام ٿيڻ روز جو معمول بڻيل آهي. جڏهن تہ روڊس کاتي ۽ ورڪس اينڊ سروسز کاتي جي نااهلي سبب سيوهڻ جي تاريخي قلعي پرسان وڪا پاڙي ۾ تعمير ٿيندڙ گٽر نالي جي ويڪر چار فٽ رکڻ بجاءِ ٻہ فٽ رکي وئي آهي. نالي جي ماپ ۾ ٻہ فوٽن جو وڏو فرق اچڻ تي علائقي واسي سخت پريشان ٿي ويا آهن. ان حوالي سان وڪا پاڙي جي رهواسين سهراب وڪو جان محمد راهوجو، بخشل جمالي ۽ ٻين صحافين آڏو دانهيندي چيو تہ درگاهہ بودلا بهار کان هي گٽر نالو چار فٽ جو ٺاهيو ويو آهي پر ٺيڪيدار ۽ چاٺايل کاتي جي آفيسرن جي لاپرواهي ۽ نااهلي ڪري اساڻجي محلي وٽ ساڳيو نالو ٻہ فٽن جو ٺاهيو پيو وڃي ان سان پاڻي ڪيئن نيڪال ٿيندو اسان جي بار بار شڪايتون ڪرڻ باجود ڪم بند نٿو ڪيو وڃي جيڪا ناانصافي آهي. ٻئي طرف هاءِ ويطوورڪ ۽ اينڊ سروسز کاتي جي ذريعن رابطو ڪرڻ تي چيو آهي تہ هو معاملي جي جاچ ڪري ان شڪايت جو تدارڪ ڪندا. متاثر شهرين سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ کان مطالبو ڪيو تہ معاملي جو نوٽس وٺي سيوهڻ شهر اندر جاري ترقياتي ڪمن جي رفتار ۽ معيار درست ڪرايو وڃي ۽ ڪرڳٽر 2 فوٽ بجاءِ 4 فوٽ ناهيو وڃي، ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 32 "روزاني عبرت"

جام گهر محبوب ٽائون، جام بنگلوز ۽ مير ڪالوني جي ڪيترن ئي گهرن ۾ برساتي پاڻي داخل ٿيڻ سبب رهواسين کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو. برسات دوران بجلي جي ڊگهي بندش پڻ شهرين جي تڪليفن ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو. برسات سبب مير پاڙي جي حسيني جامع مسجد پڻ ٻڏي وئي مسجد ۾ گوڏي جيڏو پاڻي بيهڻ سبب نماز جي ادائيگي ممڪن نہ رهي. ٻئي طرف اسسٽنٽ ڪمشنر حيدرآباد ڀهراڙي مسرور گوهر ، سي ايم او ٽنڊو جام شاهجهان پنهور ۽ ٻين عملدارن برسات متاثر علائقن جو دورو ڪيو. عملدارن موجب برساتي پاڻي جلد نيڪال ٿي ويندو

بقايا 33 "روزاني عبرت"

هٿياربندن ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي، مزاحمت ڪرڻ تي جوابدارن مٿس سڌي فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ نوجوان سخت زخمي ٿي پيو. کيس فوري طور مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي ڊاڪٽرن موجب زخمي کي طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي. واقعي کان پوءِ جوابدار آساني سان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، جڏهن تہ اطلاع باوجود پوليس دير سان پهتي، جنهن سبب شهرين ۾ سخت خوف ۽ ڪاوڙ جي لهر ڇانئجي وئي. متاثر خاندان سنڌ جي اعليٰ پوليس اختيارين، خاص طور تي ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي تہ واقعي جو فوري نوٽيس وٺي جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو وڃي، زخمي نوجوان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ راڻيپور ۾ وڌندڙ بدامني تي ضابطو آڻي شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا 34 "روزاني عبرت"

برساتي پاڻي روڊن تي بيهجي ويو. جنهن سبب شهرين ۽ موٽرسائيڪل سوارن کي اچ وڃ ۾ سخت تڪليفون پيش اچي رهيون آهن.شهرين جو چوڻ آهي تہ برساتي پاڻي جي نيڪال جو مناسب انتظام نہ هجڻ سبب هر ڀيري برسات ڪانپوءِ روڊن ۽ گهٽين ۾ پاڻي بيهجي وڃي ٿو، ٻئي طرف بجليءَ جو نظام پڻ درهم برهم ٿيڻ ڪري ڪيترن ئي علائقن ۾ بجلي جي فراهمي متاثر ٿي آهي.شهرين مطالبو ڪيو آهي تہ ٽائون انتظاميا ۽ لاڳاپيل ادارا فوري طور برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ قدم کڻن ۽ بجلي جي فراهمي بحال ڪري عوام کي پريشاني مان نجات ڏيارين.

بقايا 35 "روزاني عبرت"

دعوا ٻيا ڏوهاري فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا پوليس موجب مقابلي دوران 1 مبينا ڏوهاري کي گرفتار ڪيو ويو آهي. باقي ڏوهاري فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. پوليس علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو آهي ۽ فرار ڏوهارين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هڻيا پيا وڃن. ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو چيو تہ "ضلعي ۾ امن امان قائم رکڻ لاءِ ڏوهارين خلاف ڪارروايون جاري رهنديون ڪنڌڪوٽ پوليس جي وڏي ڪارروائي ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو جي هدايت تي ون فاء جي انچارج ٭ اي سيڪشن ٿاڻي جي جي ايس ايچ او خليل احمد لغاري ۽ ٽيم جو ڏوهارين سان مقابلو هڪ ڏوهاري گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي پئي وڃي

بقايا 36 "روزاني عبرت"

جنهن کي سنڌس وارثن طرفان مختلف علائقن ۾ ڳولا ڪرڻ سميت حد جي علي گوهر آباد ٿاڻي جي پوليس کي سنڌس گمشدگي جو اطلاع ڏنو جنهن کان پوءِ پوليس گم ٿي ويل ٻارڙي کي هٿ ڪري سنڌس وارثن حوالي ڪري ڇڏيو آهي. ان حوالي سان علي گوهر آباد پوليس جو چوڻ آهي تہ گم ٿي ويل ٻارڙي فائزه جي ڳولا ڪري ٻارڙي کي سنڌس والد وقار ڪوڪر جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي ٻئي طرف ٻارڙي جي گهر پهچڻ تي والدين جا چهرا ٻهڪي پيا آهن.

بقايا 37 "روزاني عبرت"

اعجاز سومرو واپاري اڳواڻ قربان شيخ محمد سومر چانڊيو علي حسن جانوري ،سڪندر ڪوڪر،حسين لغاري سيد نثار شاهہ بخت پرڙو راشد ساسولي محمد رمضان ٻنگ حاجي احمد ٻنگ محمد خان گاڏهي ۽ ٻين جو چوڻ هيو تہ نارا ڊسٽري ڪئنال جي ڪالرا شاخ، پيچاهو شاخ، خدا واهہ شاخ ، بيگوڊيرو شاخ ، ککڙ شاخ سميت ٻين شاخن ۽ واهن ۾ پاڻي نہ پهچي سگهيو آهي، جنهن جي ڪري هزارين ايڪڙن لاءِ پوکيل سارين جو ٻيجارو سڪي ۽ سڙي رهي آهي پاڻي جي کوٽ ، لکين ايڪڙ زمين آباد ٿي نہ سگهندي جنهن ڪري زراعت سان جوڙيل هزارين خاندان بک ۽ بد حالي جو شڪار ٿي ويندا هارين ۽ آبادگارن کي ڪروڙين روپين جو نقصان ٿيندو جنهن سبب ماڻهون لڏ پلاڻ تي مجبور ٿي ويا آهي هنن چيو تہ آبپاشي ڪامورن خلاف فوري نوٽيس وٺي انهن کان پوڇاڻو ڪيو وڃي هنن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ پاڻي پهچائي هارين ۽ آبادگارن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي نہ تہ ٻئي صورت ۾ علامتي بک هڙتال جاري رهندي

بقايا 38 "روزاني عبرت"

نڀائڻ جي تلقين ڪئي. نئين چونڊي ۾ ضلعي صدر ايم سومار ملاح سينيئر نائب صدر ساجن شيخ نائب صدر عبدالخالق ملاح جنرل سيڪريٽري عبدالرزاق ملاح جوائنٽ سيڪريٽري حيدر علي ملاح اطلاعات سيڪريٽري محمد ميراڻي خزانچي يار محمد ملاح آفيس سيڪريٽري لطف ملاح تقريب ۾ پاڪستان فشر فوڪ فورم جي مرڪزي اڳواڻ فاطمہ مجيد، گلاب شاهہ، شهزادو اوٺو، ڪوثر بلوچ سميت فورم جي اڳواڻن راجا شريف ملاح، حضور بخش ملاح ۽ ٻين سماجي شخصيتن ۽ ماهيگير برادري جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي مرڪزي ۽ ضلعي اڳواڻن چيو تہ پاڪستان فشر فوڪ فورم پنهنجي قيام کان وٺي ماهيگير برادري جي بنيادي، سماجي، معاشي، ماحولياتي ۽ آئيني حقن لاءِ هر محاذ تي جدوجهد ڪندو رهيو آهي. بدين ضلعو سنڌ جي اهم ساحلي علائقن مان هڪ آهي، جتي هزارين خاندانن جو گذر سفر سمنڊ ۽ مڇي جي شڪار سان وابستہ آهي، پر انهن کي روزگار جي کوٽ، ساموندي وسيلن تي قبضا، صاف پاڻي جي اڻاٺ، ماحولياتي تبديلي، ساموندي کاءُ ۽ ٻين سنگين مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. اڳواڻن چيو تہ ماهيگير برادري جي حقن جو تحفظ، ساموندي وسيلن جي بچاءُ، ماحولياتي انصاف ۽ ساحلي آبادي جي خوشحالي لاءِ گڏيل ۽ منظم جدوجهد وقت جي اهم ضرورت آهي، جنهن لاءِ پاڪستان فشر فوڪ فورم پنهنجي تاريخي ڪردار کي وڌيڪ مضبوط بڻائيندو نئين چونڊيل ضلعي باڊي پنهنجي عزم جو اظهار ڪندي چيو تہ هو بدين ضلعي جي هر ماهيگير جي آواز بڻجندا، سندن مسئلن کي لاڳاپيل ادارن تائين پهچائيندا ۽ انهن جي حل لاءِ هر قانوني، آئيني ۽ جمهوري فورم تي ڀرپور جدوجهد جاري رکندا. هنن وڌيڪ چيو تہ تنظيم کي ضلعي جي هر يونٽ تائين وڌيڪ فعال بڻايو ويندو ماهيگير برادري ۾ اتحاد، تنظيم ۽ شعور کي هٿي ڏني ويندي ۽ سندن جائز حقن، روزگار جي تحفظ ۽ بهتر مستقبل لاءِ هر ممڪن قدم کنيو ويندو.

بقايا 39 "روزاني عبرت"

مذهبي ۽ صحافتي شخصيتن سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن مرحوم جي شخصيت، ديني خدمتن، اخلاق ۽ انسان دوستي کي ساراهيندي کين ڀرپور خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ سندن ڇڏيل نيڪ روايتن کي ياد ڪيو تقريب دوران مرحوم جي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن تي پڻ روشني وڌي وئي

بقايا 40 "روزاني عبرت"

ڏفعا 302 ، 114 ، 147 ، 148، 504 دوڙ ٿاڻي تي ڪيسن ۾ گهربل جوابدارن هرهڪ ظفر علي پ سچڻ واسواڻو 2 مومن عرف موٽو پٽ احمد خان چانڊيو 3 نذاڪت پٽ غلام شبير واسواڻو جن کي گرفتار ڪري دوڙ ٿاڻي جي لاڪپ ۾ حفاظت هيٺ رکيو ويو آهي

بقايا 41 "روزاني عبرت"

۽ ٻين اهم معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس کي خطاب ڪندي ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي هدايت ڪئي تہ ضابطہ اخلاق تي قانون مطابق سختي سان عمل درآمد يقيني بڻايو وڃي. هن چيو تہ گمبٽ ،سوڀوديرو جي تڪ پي ايس 30 ۾ ٿيندڙ ضمني چونڊ کي آزاداڻو شفاف ۽ پرامن بڻائڻ لاءِ ڊويزنل ۽ ضلعي انتظاميہ ڀرپور انداز ۾ پنهنجون ذميواريون ادا ڪندي. هن وڌيڪ هدايت ڪندي چيو تہ سيني پولنگ اسٽيشنن تي بنيادي سهولتون، بجلي، سيڪيورٽي انتظام، پولنگ عملي ۽ چونڊ سامان جي ترسيل لاءِ ٽرانسپورٽ جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي، مون سون جي برساتن ۽ ممڪنہ ٻوڏ واري صورتحال کي مدنظر رکندي ايمرجنسي پلان تي عمل ڪيو وڃي ۽ متبادل پلان بہ تيار رکيو وڃي، ڪمشنر وڌيڪ چيو تہ اليڪشن ڪميشن، ضلعي انتظاميہ، پوليس، گمبٽ ۽ صوبوديري جي اسسٽنٽ ڪمشنرز ۽ مختيارڪار چونڊ عمل جي مسلسل نگراني ڪندا ۽ پنهنجون ذميواريون مؤثر انداز ۾ نڀائيندا. هن پولنگ عملي جي تربيت دوران 100 سيڪڙو حاضري يقيني بڻائڻ جي هدايت پڻ ڪئي، جڏهن تہ عورتن جي پولنگ اسٽيشنن تي ليڊي پوليس اهلڪارن سان گڏ ليڊي هيلٿ ورڪرز جي مقرري لاءِ بہ قدم کڻڻ جو حڪم ڏنو. ڪمشنر سکر ڊويزن ڊائريڪٽر ڪاليجز کي هدايت ڪئي تہ گورنمينٽ ڊگري سائنس ڪاليج گمبٽ ۾ قائم ٿيندڙ ڪيمپ آفيس سميت ٻين پولنگ اسٽيشنن تي سيني بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ ڊائريڪٽر پرائمري ۽ سيڪنڊري ايجوڪيشن سان گڏجي ڪم ڪيو وڃي. اجلاس دوران ريجنل اليڪشن ڪمشنر سکر عدنان بشير ٻڌايو تہ گورنمينٽ ڊگري سائنس ڪاليج گمبٽ ۾ ڪيمپ آفيس قائم ڪيو ويندو. جتان ڊي آر او ريجنل ڊائريڪٽر اليڪشن ڪميشن لاڙڪاڻو عبدالواحد بلوچ پاڻ چونڊ عمل جي نگراني ڪندا. گمبٽ : هن وڌيڪ چيو تہ سيني لاڳاپيل ادارن سان ويجهو رابطو رکيو ويندو تہ جيئن چونڊ آزاداڻي، شفاف، غيرجانبدار ۽ پرامن ماحول ۾ منعقد ٿئي. ان مقصد لاءِ پوليس، رينجرز، ضلعي انتظاميہ ۽ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پاران مقرر ڪيل آفيسرن سان مسلسل رابطو برقرار رکيو ويندو

بقايا 42 "روزاني عبرت"

خاصخيلي دادو آفيس ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ ڪالهہ گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول ميهڙ جون ٽن شاگردياڻين فاطمہ جانوري، روشني تيوڻو، تنزيلا پنهور جي گمشدگي جو اطلاع مليو جيڪي اٺين ڪلاس جون شاگردياڻيون هيون، جيڪي اسڪول بعد گهر نہ پهتيون، جيئن اطلاع مليو هڪ خاص ٽيم جوڙي وئي جنهن ۾ سي آءِ اي انچارج دادو ميهڙ ڊي ايس پي، ايس ايچ او ميهڙ ۽ وومين سيل دادو جي انچارج تي مشتمل هڪ ٽيم جوڙي جنهن ڪالهہ شام 6 بجي کان 7 صبح بجي تائين مسلسل ڪم ڪيو. پهرين اطلاع ڪوٽڙي، جام شورو جو مليو جنهن بعد پوليس ان طرف رواني ڪئي وري اطلاع مليو تہ 3 شاگردياڻيون ميرپورخاص ۾ موجود آهن جيئن پوليس ان طرف وئي تہ ٽي شاگردياڻيون ڪوچ وسيلي ٻئي هنڌ وڃي رهيون هيون، جنهن بعد ڊي آءِ جي ميرپور خاص ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص سان رابطو ڪيو جنهن فوري طور تي لڳاپيل علائقي ۾ ناڪابندي ڪري ٽنهي شاگردياڻين کي بازياب ڪرايو. ان دوران هڪ جوابدار زين مهر کي پڻ گرفتار ڪيو ويو آهي. ايس ايس پي دادو ٻڌايو تہ روشني شاگردياڻي سان زين مهر جو گذريل 4 سالن کان سوشل ميڊيا تي رابطو هيو. جنهن ناري روشني ڏيءِ گل محمد تيوڻو جي طرف رشتو پڻ موڪليو هو. 3 شاگردياڻين هڪ پروگرام ٺاهيو هئو جنهن تحت هو پهرين تاريخ تي گهران نڪري سمون پهچي چڏيون هيون، پوءِ مختلف طريقن سان ڏين مهر سان رابطي ۾ رهيو آهن. اگر ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص وقت سر تعاون نہ ڪن ها تہ شايد ايڏي وڏي ڪاميابي نہ ملي آهي دادو پوليس جي ٽيم بهترين ڪم ڪري 24 ڪلاڪن اندر وڏي ڪاميابي ماڻي آهي. 3 شاگردياڻين کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو. ياد رهي تہ ٽنهي شاگردياڻين جي والدين جي فرياد تي الڳ الڳ 3 ڪيس نامعلوم جوابدارن مٿان داخل ٿيل آهن. اجالا پروين سولنگي جي بابت ٽيم ڪم ڪري پئي افسوس هن مهل تائين پاڙيسرين يا ڪنهن ٻئي ڪاٻہ انفارميشن نہ پئي ملي جنهن سبب اجالا پروين جي بازيابي ۾ دير ٿي رهي، ان باوجود هر وقت اجالا پروين سولنگي جي بازيابي لاءِ پراميد آهيون. ايس ايس پي دادو چيو تہ والدين کي گهرجي تہ پنهنجي نياڻين ۽ نوجوانن جو خيال رکڻ سان گڏ سندن جي سوشل زندگي تي پڻ نظر رکن جيئن نوجوان نسل غلط ڪمن کان بچي سگهي. اختيارن جي ناجائز استعمال خلاف سخت ڪارروائي ڪندي ضلعي فوڊ ڪنٽرولر ڪشمور @ ڪنڌڪوٽ (معطلي هيٺ) مسٽر غلام مصطفيٰ ميراڻي اسسٽنٽ / BS-16 کي نوڪري مان برطرف ڪري ڇڏيو آهي. ڊائريڪٽر فوڊ سنڌ جي انڪوائري رپورٽ موجب، پي آر سي ڪشمور ۽ ڪنڌڪوٽ ۾ فصل 2022-23 ۽ 2023-24 جي لکين ڪٽڪ جي بورين هزارين ميٽرڪ ٽن ڪٽڪ جو ڪو بہ رڪارڊ نہ مليو جنهن سان قومي خزاني کي اربين روپين جو نقصان پهتو. جوابدار آفيسر کي جوابده بڻائڻ لاءِ بار بار سبب ڏيکاريو نوٽيس جاري ڪيا ويا ۽ 13 اپريل 2026 تي ذاتي ٻڌڻي جو موقعو پڻ ڏنو ويو، پر هو پنهنجي دفاع ۾ ڪوبہ ثبوت يا دستاويز پيش نہ ڪري سگهيو. سنڌ سول سرونٽس ايفيشيئنسي ۽ ڊسيپلين رولز 1973 جي قاعدي تحت، فوڊ سيڪريٽري غلام عباس نائچ سندس ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي ڪيس "سروس مان برطرف" ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي. محڪمي پاران معاملو وڌيڪ جاچ، فوجداري ڪارروائي ۽ سرڪاري پئسي جي وصولي لاءِ انڪوائريز اينڊ اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ (ACE)سنڌ ڏانهن موڪليو ويو آهي، جڏهن تہ لاڙڪاڻي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ کي بہ جوابدار خلاف فوري طور تي ڪرمنل پروسيجر شروع ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي

بقايا 43 "روزاني عبرت"

عباسي، مريم عباسي، غلام صغريٰ لهر ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ اڄ اسان جي احتجاج کي 409 هون ڏينهن آهي ۽ اسان پاڻ کي علامتي ڦاهو ڪائي حڪمرانن کي اِهو ٻڌائڻ چاهيون ٿا تہ توهان سنڌ جي تعليم کي تباهہ ڪري ميرٽ جو قتل عام ڪيو. هاڻي توهان سنڌ جي شعور جو بہ قتل عام ڪرڻ وڃو پيا. اسان جا مسئلا جائز آهن پر ان جي باوجود سنڌ حڪومت اينڊو پريشان ۽ لاڙڪاڻي ۾ دربدر ڪري ڇڏيو آهي، جو سنڌ حڪومت 97 هزار استادن کي پرتي ڪيو ويو آهي پر 12 هزار استادن کهڙو ڏوهہ ڪيو آهي جو هنن کي پرتي نہ ٿو ڪيو وڃي ڇا هنن جو اهو هو تہ هنن ميرٽ تي ٽيسٽ پاس ڪئي ۽ هيئنر حق ۽ سچ جو آواز جو بلند ڪري رهيا آهن. بلاول ڀٽو زرداري کي اسان جي احتجاج جو نوٽيس وٺي سنڌ جي نياڻين سان انصاف ڪرڻ گهرجي. افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ 33 مارڪون ڪڍندڙ اڄ ڪرسين تي ويهي نوڪريون پيا ڪن پر جيڪي اهل اميدوار آهن انهن سان اينڊو تہ ظلم ڪيو ويو آهي تہ جو اڄ اسان روڊن تي نڪري احتجاج پيا ڪيون. هنن مطالبو ڪيو تہ ٽائيم پيرڊ ۾ واڌ ڪري رهيل سمورن 40 پي ايس ٽي ۽ جي اِي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن کي پرتي ڪيو وڃي، موجوده پاليسي ۾ ترميم ڪري اميدوارن کي تعلقي بدران ضلعي، ڊويزن يا صوبائي سطح تي ايڊجسٽ ڪيو وڃي جيڪڏهن حڪومت سنڌ ۽ لاڳاپيل اختيارين طرفان جلد ڪو مثبت ۽ عملي فيصلو نہ ڪيو ويو تہ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو اينڊڙ مرحلي ۾ نئون ديرو هائوس، شهيدن جي مزار ۽ انڊس هاءِ وي تي پرامن احتجاجي ڌرڻا هنيا ويندا. جڏهن تہ سنڌ جي سمورن پي ايس ٽي ۽ جي اِي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن پاران بلاول هائوس اڳيان پرامن احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو، ڇڏيا ٻئي طرف اسسٽنٽ ڪمشنر حنين طارق شاهاڻي مختيارڪار امام الدين لاڙڪ شهر جي مختلف علائقن محمدي چوڪ . ايم اي جناح روڊ . لطيف گيٽ . گول چڪرو. جوهرآباد ۽ ٻين علائقن جو دؤرو ڪري برسات کان پوءِ جي صورتحال جو جائزو ورتو ۽ ميونسپل عملي کي هدايت ڪئي تہ جلد کان جلد پاڻي کي نيڪال ڪري عوام کي پريشاني کان بچايو وڃي برسات دوران بجلي ۽ مواصلات جو نظام درهم برهم رهيو جڏهن تہ غريب مسڪين ماڻهن جو ڪافي نقصان ٿيو آهي ڇتيون اڏامي ويون پٽيون ڪري پيون سولر پليٽون ٽٽي ويون وڻ پاڙئون پٽجي ويا بجلي جا ٿنڀا ۽ تارون ٽٽي ڪري پيون . برسات سبب فصلن کي وڏو نقصان ٿيو آهي

بقايا 44 "روزاني عبرت"

ڪنٽرولر ڪشمور @ ڪنڌڪوٽ (معطلي هيٺ) مسٽر غلام مصطفيٰ ميراڻي اسسٽنٽ / BS-16 کي نوڪري مان برطرف ڪري ڇڏيو آهي. ڊائريڪٽر فوڊ سنڌ جي انڪوائري رپورٽ موجب، پي آر سي ڪشمور ۽ ڪنڌڪوٽ ۾ فصل 2022-23 ۽ 2023-24 جي لکين ڪٽڪ جي بورين هزارين ميٽرڪ ٽن ڪٽڪ جو ڪو بہ رڪارڊ نہ مليو جنهن سان قومي خزاني کي اربين روپين جو نقصان پهتو. جوابدار آفيسر کي جوابده بڻائڻ لاءِ بار بار سبب ڏيکاريو نوٽيس جاري ڪيا ويا ۽ 13 اپريل 2026 تي ذاتي ٻڌڻي جو موقعو پڻ ڏنو ويو، پر هو پنهنجي دفاع ۾ ڪوبہ ثبوت يا دستاويز پيش نہ ڪري سگهيو. سنڌ سول سرونٽس ايفيشيئنسي ۽ ڊسيپلين رولز 1973 جي قاعدي تحت، فوڊ سيڪريٽري غلام عباس نائچ سندس ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي ڪيس "سروس مان برطرف" ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي. محڪمي پاران معاملو وڌيڪ جاچ، فوجداري ڪارروائي ۽ سرڪاري پئسي جي وصولي لاءِ انڪوائريز اينڊ اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ (ACE)سنڌ ڏانهن موڪليو ويو آهي، جڏهن تہ لاڙڪاڻي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ کي بہ جوابدار خلاف فوري طور تي ڪرمنل پروسيجر شروع ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي

Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-ADMIN-60-4240-330069978-2026	AVIATION SERVICES	18.08.2026 1030 Hrs
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PnP-60-4247-329932476-2026	RENTAL GAS GENSETS (250 KVA) FOR MELA-6, DISTRICT KOHAT, KPK PROVINCE	18.08.2026 1030 Hrs

EXTENSION IN BID
CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on 22.07.2026, it is notified that the bid submission/opening date of the following case is extended as follows:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PnP-60-4188-328954748-2026	SERVICES FOR EXECUTION OF ANNUAL TURN AROUND (ATA-2026) OF DAKHNI PLANT, TEHSIL JAND, DISTRICT ATTOCK, PUNJAB PROVINCE	13.08.2026 1030 HRS

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue,
Blue Area Islamabad-Pakistan.
Ph: +92 (51) 92002 3540 / 3795

ogdcl.com
No. 58/04

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

ٿر ۾ وقفي وقفي سان برسات، پاڻيءَ ۾ ٻڏي ۽ ڪنوڻ ڪرڻ سبب 4 ڄڻا فوت

ڳوٺ ڀڪوڙو ۾ پاڻي جي کڏ ۾ ٻڏڻ سبب ٻه معصوم ٻارڙا مهتاب ۽ شهديو ميگهواڙ فوت ٿي ويا

ڳوٺ رڻجاڻي ۾ هڪ نوجوان ليمون ميگهواڙ ۽ ڪاريهار ۾ ٻه برساتي پاڻي ۾ وهنجندي عقيد لنجو ٻڏي فوت

ڪنوڻ ڪرڻ سبب ننگرپارڪر ۽ مٺي پرسان چوپايو مال به ڏڄيون، گابو ۽ 35 ٻڪريون مري ويون

مٺي (ع ر) ٻن ڏينهن کان ضلع ٿرپارڪر ۾ ڪنوڻ ۽ گجگوڙ سان تيز برسات جو سلسلو جاري آهي، جيڪو گذريل سڄي رات ۽ ڪالهه صبح تائين جاري رهيو، جڏهن ته برساتن جي پاڻي ۾ ٿل، ترايون ۽ ڪوبا ڀرجي ويا آهن ۽ ٿر ۾ قدرتي حسن هڪ بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو5

ڪوٽ غلام محمد: ڪچي پٽ ڪرڻ سبب دٻجي فوت ٿيل معصوم نينگر جو لاش

گهوٽڪي لڳ آسماني بجلي ڪرڻ سبب خوف ۾ عمرڪوٽ واسي فوت

ٻاءِ پاس پرسان جوڳين جي جهوپڙين ويجهو آسماني بجلي ڪري پئي

ڌماڪي سبب پورو جوڳي دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي خانپور مهر ٻاءِ پاس پرسان جوڳين جي جهوپڙين ويجهو برسات دوران آسماني بجلي ڪرڻ سبب هڪ نوجوان فوت ٿي ويو عمرڪوٽ واسي پورو جوڳي برسات دوران جهوپڙي کان ٻاهر ويٺلو هو ته ويجهو ئي آسماني بجلي ڪري پئي، جنهن جي زوردار ڌماڪي سبب هو بيهوش ٿي پيو وارثن موجب سخت خوف ۽ صدمي سبب ڪيس دل جو دورو پيو جنهن ڪري هو موقعي تي ئي فوت ٿي ويو واقعي کان پوءِ وارثن ۽ علائقي واسين بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو5

گهوٽڪي: جوڳين جي جهوپڙين ويجهو برسات دوران آسماني بجلي ڪرڻ سبب فوت ٿيل نوجوان جو لاش پيل آهي

حيدرآباد: موٽرسائيڪل سوار برسات کان بچڻ لاءِ ڇٽري کڻي پنهنجي منزل طرف ويندي

ڪوٽ غلام محمد ۾ ڪچي پٽ ڪرڻ سبب معصوم نينگر فوت

ڳوٺ حاجي محمد رمضان ڪالرو ۾ پٽ ڪرڻ سبب محمد بخش ٻيهر دٻجي فوت ٿيو

معصوم جي فوت ٿيڻ تي گهر ۾ ڪهرام، برساتن بعد ڪچي گهرن ۽ ڀتين جي ڪرڻ جو خطرو وڌي ويو

ڪوٽ غلام محمد (ت ر) ڪوٽ غلام محمد تعلقي جي ڳوٺ حاجي محمد رمضان ڪالرو جڪراڻي، ديهه 334 ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جي ڪچي پٽ ڪرڻ سبب معصوم نينگر محمد بخش ٻير ولد الله بخش ٻير پٽ هيٺان اچي دٻجي فوت ٿي ويو. واقعي ڪانپوءِ گهر ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن ته علائقي ۾ پڻ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي

ميهڙ مان گم ٿيل ٽي شاگرديائيون ميرپورخاص مان بازياب، هڪ جوابدار گرفتار

دادو پوليس ڪارروائي ڪري ڪرچ مان ٽنهي نائين ڪلاس جي شاگرديائين کي هٿ ڪيو

روشني ٽيوٽو جو جوابدار زين مهر سان سوشل ميڊيا تي رابطو هو: ايس ايس پي دادو

والدين کي گهرجي ته پنهنجي نياڻين ۽ نوجوانن جو خيال رکڻ سان گڏ سوشل زندگي تي پڻ نظر رکن

دادو/ميهڙ(نمائندن وڪان) ميهڙ مان ڪالهه مبينا طور اغوا ٿيل ٽي شاگرديائيون ميرپورخاص مان پوليس جي ناڪابندي دوران بازياب هڪ ڄڻو گرفتار، دادو ايس ايس پي ڪيپٽن (ر) صدام حسين بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو5

دادو: ميهڙ جي گم ٿيل ٽن شاگرديائين کي بازياب ڪرائڻ بعد ايس ايس پي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

گمبٽ ويجهو شاهاڻي برادري ۾ پراڻو تڪرار ٻيهر ڀڙڪيو، فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو

ڳوٺ قيصر خان شاهاڻي ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ مظهر عرف ببلو شاهاڻي مارجي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

گمبٽ (رپورٽ: مريد حسين ڪانڌوري) ڳوٺ قيصر خان شاهاڻي ۾ شاهاڻي برادري جي وچ ۾ هلندڙ پراڻو تڪرار وري ٻيهر ڀڙڪي اٿيو آهي ۽ تڪرار هڪ ڀيرو وري شديد اختيار ڪري ويو نامعلوم هٿياربندن جي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو5

گمبٽ لڳ قتل ڪيس ۾ نامزد ٻه جوبدار گرفتار، عدالتي پيشي بعد جيل حوالي

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ لڳ ڪچي جي علائقي ٿاڻي برادري جتوئي جي ڳوٺ فاضيل فقير راهوجو ۾ جوبدارن پاران حملو ڪري بي دردي سان قتل ڪيل پير پاڳاري جي ڪي ٽي ٽي ملازم فقير محرم ڪلهوڙو جي قتل ڪيس ۾ نامزد ٻن جوبدارن مير حسن راهوجو ۽ معشوق بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو5

گمبٽ ويجهو نارا ڪئنال ۾ ٻڏي ويل پيءُ ۽ پٽ جا لاش هٿ، گهر پهچڻ تي ڪهرام

ٻه ڏينهن اڳ نارا ڪئنال ۾ مڇي مارڻ دوران معشوق ۽ سندس پٽ راجا ٻڏي ويا

ريسڪيو عملي پاران ڪافي ڳولا بعد ٻنهي جا لاش هٿ ڪري وارثن حوالي ڪيا

گمبٽ (ت.ر) گذريل ٻه ڏينهن اڳ تجل جي علائقي نارا ڪئنال مڇي مارڻ دوران پيءُ معشوق احمد ڪنبر ۽ 16 سالا پٽ راجا ٻڏي فوت ٿي ويا هئا مسلسل ٻن ڏينهن جي ڳولا بعد ريسڪيو عملي پاران ڳولا بعد پيءُ ۽ پٽ جا لاش هٿ ڪيا ويا جڏهن ته قانوني ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا جڏهن ته پيءُ ۽ پٽ جا لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ قيامت جا منظر هئا جڏهن ته اهڙي افسوس ناڪ واقعي تي علائقي ۾ هر اک آلي هئي ۽ پوري علائقي ۾ سوڳ ڇانيل رهيو

ڪنڊيارو: ڪشمير ۾ قاتلاڻي حملي ۾ زخمي ٿيل پ پ ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو ۽ يوسي چيئرمين زاهد عمراڻي

گهوٽڪي ۾ پوليس شاپنگ سينٽر جا دڪان ڊاهڻ خلاف واپارين جو احتجاج

عدالتي فيصلي کان اڳ دڪان ڊاهڻ سان ڪيترائي دڪاندار بيروزگار

معاملي جو نوٽيس وٺي ڊاهڻ وارو عمل روڪي متاثر دڪاندارن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي پوليس شاپنگ سينٽر جا دڪان ڊاهڻ شروع، دڪاندارن جو اي سيڪشن ٿاڻي آڏو احتجاج. گهوٽڪي ۾ پوليس شاپنگ سينٽر جا دڪان ڊاهڻ جو عمل شروع ڪري ڇڏيو جنهن خلاف متاثر دڪاندارن اي سيڪشن ٿاڻي آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج دوران مظاهرين چيو ته پوليس بنا ڪنهن اڳواٽ نوٽيس جي سندن دڪان ڊاهي رهي آهي جڏهن ته شاپنگ سينٽر بابت سندن ڪيس سپريم ڪورٽ جي آئيني عدالت ۾ زير سماعت آهي هنن الزام هنيو ته عدالتي فيصلي کان اڳ دڪان ڊاهڻ سان ڪيترائي دڪاندار بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو5

عمرڪوٽ: ڊهي ويل گهر ،ڊي سي ۽ اي سي آفيسون

محرابپور واسي جو پوليس زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

محرابپور(ت ر) محرابپور جي شهري غلام سرور ملڪ ولد شير دين ملڪ عبرت ميڊيا ڪلب تي بيان ۾ چيو ته مون تي محرابپور ٿاڻي تي ڊيوٽي انڪاء جي ايف بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو5

عمرڪوٽ ۾ 12 ڪلاڪن ۾ 195 ملي ميٽر برسات، ڪيترائي علائقا پاڻي هيٺ، گهر ڊهي پيا

برساتن سبب ڪيترائي ڪچا گهر ۽ ديوارون ڊهي پٽ ٿي ويون، جڏهن ته ڪيترائي خاندان پنهنجا گهر ڇڏڻ تي مجبور ٿي ويا

ڪروڙين رپين سان ٺهيل پيور بلاڪ روڊ وهي ويا، وڏي وزير نوٽيس وٺندي سي ايم او معطل ڪري ڇڏيو

موسمياتي کاتي موجب ڪنري ۾ 148 ملي ميٽر برسات رڪارڊ، متاثر علائقن مان پاڻي نيڪال لاءِ

عمرڪوٽ (رپورٽ: قاضي يوسف) عمرڪوٽ ۽ ڪنري سميت ضلعي جي مختلف علائقن ۾ ٽي ڏينهن ۾ برسات ٿي گذريل رات کان 12 ڪلاڪ جاري رهندڙ برسات تباهي مچائي ڇڏي، بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو5

فقير آباد ويجهو هٿياربند ڳوٺاڻي کان موٽرسائيڪل ۽ سامان ڦري ويا، متاثر جو احتجاج

فقيرآباد (ن ع) فقيرآباد شهر ۾ رات دير سان ڦرجي وارادت پيش آئي، متاثر موجب نامعلوم هٿياربند چورن ڪيس رستي ۾ روڪي 2026 ماڊل CDموٽرسائيڪل 2 لڳ موبائيل فون ۽ 25 کان 30 هزار روپيا روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا هن ٻڌايو ته ڦر دوران سندس چورن سان جهيڙو به ٿيو علائقي واسين جو وڌيو ۾ چوڻ آهي ته بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو5

باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ رهواسين جو367 هين هفتي به احتجاج

رهواسين زيب علي ساريو علي انور عسڪري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڊيڍ لک آبادي ۽ 14 وارڊن تي مشتمل تاريخي شهر کي تعلقي جو درجو ڏنو وڃي

باڊهه (ن ع) لاڙڪاڻي ضلعي جي ٻئي نمبر وڏي ۽ تاريخي شهر باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ باڊهه تعلقه موومينٽ جي اٺن سالن کان هلندڙ جدوجهد تحت 367 هين هفتي به باڊهه ميڊيا هائوس کان ڪائون هال تائين احتجاجي ريلي ڪيي مظاهرو ڪيو ويو موومينٽ جي ڏيکي ڪنوينر زيب علي ساريو جي اڳواڻيءَ ۾ نڪتل احتجاجي ريلي ۾ مختلف مڪتب فڪر سان سلهاڙيل شخصيتن علي انور عسڪري، عزيز بروهي دودو ديشي مولا بخش ڦليوٽو سارنگ امن نور ساريو غلام شبير حيدري، وسيم گوپانگ، زاهد پٺاڻ بخشل مگسي، محمد بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو5

باڊهه کي تعلقو ڪيو
WE WANT BADAH AS TALUKA
باڊهه تعلقي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو
باڈہ تحصیل کا نوٹیفکیشن جاری کرو
BADAH TALUKA MOVEMENT
باڊهه تعلقه موومينٽ

باڊهه: تعلقه موومينٽ پاران شهر کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڀهارو پوليس پاران ڏوهن ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

گمبٽ (ت .ر) ڪجهه ڏينهن اڳ ڀهارو ٿاڻي جي حد ۾ ڏوهن ڪرڻ ۾ ملوث جوبدار علي رضا ملاح کي ڀهارو پوليس گرفتار ڪيو هو جيڪو ڀهارو ٿاڻي جي لاڪپ مان هٿڪڙين سميت فرار ٿي ويو آهي جڏهن ته ڏوهاري جي فرار ٿيڻ جي الزام ۾ هڪ سنتري پوليس اهلڪار کي لاڪپ ڪيو ويو پوليس موجب فرار ٿيل ڏوهاري بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو5

ڪشمور ڪنڌڪوٽ ڪڻڪ گودامن ۾ اربين رپين جي مبينا غبن جو ڪيس، فوڊ آفيسر برطرف

ڪڻڪ اسٽاڪ ۾ کوٽ ۽ رڪارڊ نه ملڻ تي اسسٽنٽ غلام مصطفيٰ ميراڻي خلاف ڪارروائي

فوڊ کاتي پاران فوجداري ڪارروائي ۽ اينٽي ڪرپشن ڏانهن ريفرنس موڪلڻ جو فيصلو

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) سنڌ فوڊ ڊپارٽمينٽ جو اهم قدم ڪڻڪ جي اسٽاڪ ۾ کوٽ ۽ ڪرپشن ثابت ٿيڻ تي آفيسر نوڪري مان برطرف ڪشمور ۽ ڪنڌڪوٽ جي سرڪاري ڪڻڪ جي گودامن ۾ اربين روپين جي ڪڻڪ جي غبن جو معاملو سيڪريٽري فوڊ غلام عباس نائچ پاران جوابدار اسسٽنٽ کي سروس مان برطرف ڪرڻ جو حڪم فوجداري ڪارروائي ۽ اينٽي ڪرپشن (ACE)ڏانهن ريفرنس موڪليو ويو ڪراچي 30 جولاءِ 2026 سنڌ فوڊ ڊپارٽمينٽ سرڪاري ڪڻڪ جي اسٽاڪ ۾ وڏي پيماني تي کوٽ، غبن ۽ بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو5

سنڌ مان گم ٿيل نياڻين جي بازيابي لاءِ ڪراچي کان سائيڪل تي نڪتل نوجوان خيرپور پهتو

خيرپور(ڊ ر) سنڌ مان گم ٿيل پريا ڪماري، اُجالا سولنگي ۽ سنڌ جي مختلف علائقن مان اغوا ٿيل ٻارڙن جي بازيابي لاءِ ڪراچي کان سکر تائين سائيڪل مارچ ڪندڙ نوجوان سماجي ڪارڪن نويد علي پنڀ خيرپور پهچي ويو سائيڪل مارچ ڪندڙ نوجوان نويد علي پنڀ چيو ته سندس سائيڪل مارچ جو مقصد سنڌ جي عوام بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو5

ٺٽي ۾ وقفي وقفي برسات جاري، مواصلاتي نظام درهم برهم

ٻئي ڏينهن به برسات پوڻ سبب فيڊر 15 ڪلاڪن کان وٺي بند

شاهجهان جامع مسجد ٺٽو جي زبون حالت سبب برساتي پاڻي ٽمڻ لڳو

ٺٽو (ڊ ر) ٺٽي ضلعي اندر رات کان شروع ٿيل وقفي وقفي سان برسات اڄ ٻئي ڏينهن به جاري، هلڪي برسات ۽ بوندا باندي جو سلسلو جاري رهڻ ڪري ٺٽي شهر مڪلي سميت پوري ضلعي اندر مواصلات جو نظام درهم برهم سمورن فيڊرز تي بجلي گذريل 15ڪلاڪن کان وٺي بند پيل. ٺٽي جي ڪوهستاني علائقن جهمپير براد آباد سالماڙي جنگشاهي وارن علائقن ۾ هلڪي هلڪي برسات جي وسڪاري سبب ڪوهستان واسين جون مرڪون موٽي آيون برسات جي هلندڙ بوندا باندي ۾ ٺٽي پرسان پوليس گردي جو شڪار ٿي ڊاهي پٽ بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو5

ٽنڊوڄام : برسات بعد روڊ تي بيٺل پاڻي مان شهري گذري رهيا آهن

ڪوٽڙي ۾ حيدرآباد واسين جو زمين تي قبضي خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ڪوٽڙي (ن ع) جامشورو: وڪيلن ۽ پوليس کان تنگ حيدرآباد جو واپاري پريس ڪلب پهچي ويو زمين تي قبضي جو الزام حيدرآباد جي رهواسين عدنان قريشي، عمران ملڪ ۽ عارف قريشي پنهنجي وڪيلن سان گڏ ڊسٽرڪٽ پريس بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو5

ڪوٽڙي ۾ قتل ٿيل قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ جو ڪيس داخل

شبير ساند جي ڀاءُ جي فرياد تي نامعلوم جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

اياز لطيف پليجو ٽڏي تي پهچي تعزيت بعد وارثن کي قانوني مدد جو يقين ڏياريو

ڪوٽڙي (ن ع)سائيٽ ڪوٽڙي ۾ نامعلوم جوابدارن پاران گلو ڪپي قتل ڪيل قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ شبير ساند جو ڪيجهو هتي سندس رهائش گاهه مسڪين ڪالوني ۾ سادگي سان ٿي گذريو جڏهن ته مقتول شبير ساند جي قتل جو ڪيس سندس ڀاءُ جي فرياد تي نامعلوم جوابدارن خلاف داخل ڪيو ويو آهي البتا ان سلسلي پوليس جوبدارن خلاف ڪاٿ ڪاروائي ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي پوليس ذريعن موجب جوبدارن جي گرفتاري لاءِ بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو5

فقير آباد ۾ نوجوان غلام مصطفيٰ بگٽي جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف پيءُ جو احتجاج، انصاف جو مطالبو

فقيرآباد (ن ع) ڪنب اڍائي مهينا اڳ بي دردي سان قتل ٿيل نوجوان غلام مصطفيٰ بگٽي جا قاتل قانون کان آجا،پيرسن والد جون آهون ۽ دانهون به چونڊيل نمائندن کي نظر نه آيون، پيرسن والد جون اڍائي مهينن کان نوجوان پٽ کي قتل ڪندڙ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو5

ملتان: هڪ ٻڍڙي عورت ٻوهارا وڪرو ڪري رهي آهي

ڪوروواهه شاخ اوور ٽاپ، شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن کي ٻڏڻ جو خطرو

36ڪلاڪن کان جاري برسات سبب هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا

شهرين پنهنجي مدد پاڻ تحت بند ٻڌڻ جون ڪوششون، پاڻي نه رڪيو ته شهر ٻڏي سگهي ٿو: شهري

ڪوروواهه(ن ع) ڪوروواهه ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ گذريل 36 ڪلاڪن کان برسات جو سلسلو وقفي وقفي سان جاري رهيو هيٺاهين وارا علائقا برساتي پاڻي هيٺ اچي ويا، ڪوروواهه شهر مان گذرندڙ ڪوروواهه شاخ مرڪزي امام بارگاهه پوليس ٿاڻو ڳوٺ غلام علي مغل ٻين مختلف هنڌن وٽان شاخ جو پاڻي سوين فٽ اوور ٽاپ ٿي ويو پاڻي تيزي سان شهر طرف وڌڻ لڳو ڪوروواهه شهر ۽ ڳوٺ غلام علي مغل ٻڏڻ جو خطرو وڌي ويو رهواسي ۾ ڳڻتي ڇانيل شهرين بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو5

فقير آباد ۾ ڳوٺاڻن جو وڌندڙ بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ قادر بخش سيال واسي حاجي علي خان علي رضا سيال ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪنب ٿاڻي جي حد ۾ بدامني وڌي وئي آهي روز ڦرن ۽ چوري وارداتن تي ڪنٽرول ڪيو وڃي

فقيرآباد (ن ع) ڪنب ٿاڻي جي حد ۾ وڌندڙ بدامني خلاف ڪنب ٿاڻي اڳيان ڳوٺ قادر بخش سيال جي رهواسين جو احتجاج حاجي علي خان علي رضا سيال ۽ ٻين احتجاج ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪنب ٿاڻي جي حد ۾ بدامني وڌي وئي آهي گهر کان ٻاهر نڪري نه ٿا سگهون ڊيوٽي تي نڪرون ٿا ته ڦورن هٿان ڦرجي ٿا رجون علي رضا جو چوڻ آهي ته گمبٽ جي اسپتال جو ملازم آهيان ڊيوٽي تي وڃي رهيو هيس ته ڦورن هٿيارن جي زور تي ڦر ڪئي آهي ڪنب ٿاڻي جي حد مان موسمر مهر چونڪي اڳيان هٿياربندن هٿيارن جي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو5

پي ايس 30 جي ٽڪيٽ هولڊر بيريسٽر اسفند يار ڪرل پاران چونڊ سرگرميون تيز

16آگسٽ تي چونڊ ۾ انشاء الله اسان تاريخي فتح حاصل ڪنداسين: اسفند يار ڪرل

گمبٽ (رپورٽ : مريد ڪانڌوري) تعلقي گمبٽ سوڀو ديرو تڪ جي پي ايس 30 تي ضمني چونڊ جي اعلان کان پوءِ پي پي اميدوارن پاران هر ڳوٺ ۾ ورڪ مهم تيز ڪري ڇڏي آهي پاڪستان پيپلزپارٽي جو ٽڪيٽ هولڊر بيريسٽر اسفند يار ڪرل پي پي سينٽر سيد ڪاظم علي شاهه لڪياري ڳوٺ بخشل خان پنهور ۾ استاد قادر بخش پنهور جي رهائشگاهه تي پهتا جتي سنڌ جو شاندار استقبال ڪيو ويو پير سيد محرم علي شاهه ،پ پ تعلقه سوڀوديرو صدر ڳدا حسين سهتو مير غلام عباس ٽالپر فقير ذوالفقار علي منگي سرائي مجتبا هرياه بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو5

گمبٽ: محروم ڪلهوڙو جي قتل ۾ ملوث مک جوابدار مير حسين ۽ معشوق راهوجو

ڪوٽڙي ۽ ڀرپاسي جي علائقن برسات جو سلسلو جاري، هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ

خدا جي بستي، سائيٽ، ٻهر چوڪ، مسلم ٽائون ٽيليگراف ۽ ٻين علائقن ۾ پاڻي بيٺل

تيز برسات ۽ طوفان بعد بجلي نظام پڻ درهم برهم، رهواسين پاران نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي ۽ ڀرپاسي جي علائقن برسات جو سلسلو وقفي وقفي سان گذريل ويهه ڪلاڪن کان جاري آهي برسات سبب ڪوٽڙي ۽ سائيٽ ڪوٽڙي جا اڪثر علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا آهن جن ۾ ڪوٽڙي شهر خدا جي بستي ٻهر چوڪ مسلم ٽائون ٽيليگراف ۽ ٻيا شامل آهن جڏهن ته بلدياتي ڪاتي جي عملدارن جي نااهلي سبب عوام ۾ سخت تاءُ ڦهليل آهي جڏهن وزير اعلا سنڌ جي آبائي ضلع جي اهڙي حالت سبب ضلعي انتظاميا جي پٽ وايکي ٿي ويي آهي جڏهن ته بجلي جو نظام پڻ لاڳيتو درهم برهم آهي

لاڙڪاڻي ۾ آءِ بي اي پاس پي ايس ٽي ۽ جي آءِ ايس ٽي اميدوارن جو احتجاج

409 ڏينهن کان جدوجهد جاري آهي، 12 هزار رهيل اميدوارن کي ڀرتي ڪيو وڃي: مظاهرين

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس پي ايس ٽي ۽ جي آءِ ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن طرفان شروع ڪيل احتجاجي تحريڪ جي سلسلي ۾ شهر جي جناح باغ اندر اڻڄاتل مدي تائين لڳايل احتجاجي ڪيمپ ۾ نائين ڏينهن به پنهنجو احتجاج جاري رکندي مرد ۽ عورت اميدوارن پاڻ کي علامتي ڦاهو ڏئي مظاهرو ڪيو جي هٿن بئنر ۽ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي ويٽنگ اميدوارن صدام سانڌائي فريد بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو5

عمرڪوٽ: برسات بعد مختلف روڊن ۽ پاڻي جا تلاءُ جو ڏيک ۽ ڊهي ويل گهر نظر اچي رهيا آهن

گمبٽ ،سوڀوديرو جي تڪ پي ايس 30 ۾ ٿيندڙ چونڊ حوالي سان اجلاس منعقد

ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ عملدارن شرڪت ڪئي

ڪمشنر پاران پولنگ عملي جي تربيت دوران 100 سيڪڙو حاضري يقيني بڻائڻ جي هدايت

گمبٽ (ن ع) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي طرفان صوبائي اسيمبلي جي حلقي گمبٽ ،سوڀوديرو پي ايس 30 ضلعي خيرپورميرس ۾ ٿيندڙ ضمني چونڊ 16 آگسٽ 2026 تي منعقد ٿيندي ان سلسلي ۾ ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي جي صدارت ۾ هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ چونڊ انتظامن سيڪيورٽي ٽرانسپورٽ، بنيادي سهولتون بجلي صحت ۽ ٻين اهم معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو

پان سيد آباد ۾ هڪ ووٽر لاءِ پولنگ اسٽيشن قائم، عورت ووٽر ووٽ ڏيڻ نه پهتي

اليڪشن ڪميشن پاران پرزائيڊنگ آفيسر پولنگ عملي ۽ پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا

پولنگ صبح 8 کان شام 5 وڳي تائين جاري رهي، رجسٽرڊ عورت ووٽر مقرر وقت اندر نه پهتي

پان سيد آباد (ن-ع) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي چونڊ تڪ علائقي پان سيد آباد ۾ هڪ ووٽر لاءِ پولنگ اسٽيشن قائم. تفصيل موجب آزاد ڪشمير قانون ساز اسيمبلي جي عام چونڊن 2026ع جي سلسلي ۾ پان سيد آباد ۾ صرف هڪ عورت ووٽ لاءِ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان طرفان گورنمينٽ سخي سيد سليمان شاهه ايليمينٽري اسڪول بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو5

ٽنڊوآدم ۽ ڀرپاسي ٻئي ڏينهن به تيز طوفاني برسات، هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ

ٽن ڪلاڪن تائين لاڳيتو برسات پوڻ سبب روڊن ۽ گهٽين ۾ گوڏي جيڏو پاڻي بيهجي ويو

ٽنپا ۽ تارون ٽٽڻ بجلي نظام درهم برهم، برسات سبب فصلن کي وڏي نقصان جو خدشو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۽ ڀرپاسي ٻئي ڏينهن به تيز طوفاني برسات جو سلسلو وقفي وقفي سان جاري رهيو مسلسل ٽن ڪلاڪن تائين لاڳيتو برسات پوڻ سبب شهر جا هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا روڊن ۽ گهٽين ۾ گوڏي جيڏو پاڻي بيهجي ويو جنهن جي نيڪال لاءِ هنگامي بنيادن تي صفائي واري عملي روڊن تي بيٺل پاڻي نيڪال ڪري روڊ صاف ڪري بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو5

گولاڙچي ۾ ڪرين جو رڪشا سان ٽڪر، 2 سالن جو نينگر فوت، گهر ۾ ڪهرام

گولاڙچي جي مين روڊ تي ڪرين ۽ رڪشا جي وچ ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ علي احمد جت موقعي تي فوت، لاش ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل

ڊرائيور ڪرين کي ڇڏي موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب، پوليس ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي

گولاڙچي(ت ر) گولاڙچي جي مين روڊ تي افسوسناڪ ٽريفڪ حادثو پيش آيو جتي ڪرين ۽ رڪشي وچ ۾ زوردار ٽڪر جي نتيجي ۾ 2 ورهين جو معصوم ٻار علي احمد جت موقعي تي ئي فوت ٿي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو5

گمبٽ: نارا ڪئنال ۾ ٻڏي فوت ٿيل پيءُ ۽ پٽ جون تصويرون

گمبٽ ويجهو ڊمپر جي ٽڪر ۾ معصوم نينگر فوت، گهر ۾ ڪهرام

چونڊڪو روڊ تي پيش آيل حادثي ۾ ست ورهين جو فراز پڻي زخمي ٿي پيو

نينگر کي اسپتال نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏٽي حوالي ڪيو

گمبٽ (ت ر) ڪنهواري ٿاڻي جي حد ڳوٺ محمد چنل پڻي ۾ چونڊڪو روڊ تي پٿر ڪلنڊڙ ڊمپر ست سالا معصوم نينگر فراز پڻي مٿان چڙهي ويو جڏهن ته معصوم نينگر جون هڏيون ڀڳيون ڏڙ کان ڪٽجي الڳ ٿي ويون جنهن کي ڳنڀير حالت ۾ اسپتال نيو ويو جيڪو رستي ۾ معصوم نينگر زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو جڏهن ته معصوم نينگر جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

خيرپور ناٿن شاهه: ڪڪڙ شاخ ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻي پرسان 12 ورهين جو نينگر رائيس ڪئنال ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان ڪيهر ڳوٺ واسي پورهيت عبدالحفيظ شاهاڻي جو 12 ورهين جو پٽ صاحب شاهاڻي ڳوٺ وٽان گذرندڙ رائيس ڪئنال بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو5

لاڙڪاڻي پوليس جي ڪارروائي، 3 ڪلو چرس هٿ، 2 منشيات فروش گرفتار

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس منشيات فروشن خلاف ڪارروائيون ڪندي منشيات جي سپلاءِ جي ڪوشش ناڪام پ بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو5

ڪڪڙ شاخ ۾ زرعي پاڻي جي کوٽ خلاف آبادگارن جو احتجاج

ٽن مهينن کان پاڻي نه ملڻ سبب ڪمند جو فصل سڪي رهيو آهي:آبادگار

مطالبا نه مڃڻ جي صورت ۾ چونڊيل نمائندن ۽ آبپاشي عملدارن خلاف تحريڪ هلائبي

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) ڪڪڙ شاخ ۾ زرعي پاڻي جو کوٽ خلاف ڳوٺ ٻوڙڙي جي 30کان وڌيڪ ڳوٺاڻا ٻوڙڙي سڌار سنگت جي صدر سيف الدين جوڻيجو جي اڳواڻي ۾ بلاول جوڻيجو وسيم اختر ٻگهيو ڊاڪٽر فياض سيد اعجازشاهه شاهنواز جوڻيجو. محمد اسماعيل جوڻيجو .علي رضا جوڻيجو .آڪاش ٻگهيو فرحان علي حافظ عبدالله ارشد خان دانيال آريان ڏاڪر جوڻيجو عبدالرحيم ٻگهيو نويد سنڌي شهباز جوڻيجو ۽ ٻين پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڪڪڙ 1 شاخ ۾ پاڻي جي سخت کوٽ خلاف نعريبازي ڪئي اڳواڻن بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو5

بدين ۾ لاڳيتي برساتن تباهي مچائي ڇڏي، هڪ نوجوان ڇت ڪرڻ سبب فوت

تيز برسات سبب هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ، رستا ۽ گهٽيون تلائن جو ڏيک ڏيڻ لڳيون

ضلعي جي ڪيترن ئي علائقن ۾ ڊگهي لوڊشيڊنگ، پاڻي نيڪال نه ٿيڻ سبب شهري پريشان

ڳوٺ حاجي صادق ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب 22 ورهين جو رميش ڪولهي فوت ٿي ويو

بدين (ڊ ر) بدين ضلعي ۾ گذريل شام کان شروع ٿيل تيز برسات اڄ ڏينهن به وقفي وقفي سان وسندي رهي جنهن ڪري ضلعي جي ڪيترن ئي هنڌن تي روزمره واري زندگي سخت متاثر ٿي جڏهن ته ڪيترائي هيٺاهين وارا پاڙا پاڻي هيٺ اچي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو5

خيرپور ويجهو ڳوٺاڻن بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

متاثرين پرڳڙي پل وٽ روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪيو

ياسين شيخ کان ڦر ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري سامان واپس ڪرايو وڃي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي شاهه لطيف ٿاڻي جي حد سان شهري ياسين شيخ کان پرڳڙي پل وٽ 3موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن ياسين شيخ کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي روڪ رقم موبائل فون موٽر سائيڪل ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا ان سلسلي ۾ متاثرن جو ڦر واقعي خلاف پرڳڙي پل وٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي مظاهرين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڦر واقعي جي پوليس کي بر وقت اطلاع باوجود واقعي واري هنڌ نه پهتي ۽ نه ئي وري شهر ۾ ناڪابندي ڪرائي وئي جنهن سبب ڦورو آساني سان بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو5

سرگودا: هڪ ووٽر پولنگ ڪيمپ تان سلپ حاصل ڪري رهيو آهي

ڪوروواهه: اوور ٽاپ ٿي ويل شاخ جو ڏيک

باڊهه ۾ پرائمري استاد جو 13 سالن کان بند سروس آءِ ڊي جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو

باڊهه (ن ع) ڳوٺ نورپور جي پرائمري اسڪول جي استاد اعجاز سوريو پاران 13 سالن کان بند پيل سروس آءِ ڊي جي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو5

سيوهڻ بيوٽيفڪيشن پلان تحت ٺهندڙ گٽر نالن جو ڪم سست رفتاري جو شڪار

گٽر نالي جي کوٽائي سبب شهر جا مک روڊ رستا کنڊرات جو ڏيک ڏيڻ لڳا، زائرين ۽ شهري ٻٽي عذاب ۾ مبتلا

ناقص مٽيريل استعمال ٿيڻ جي شڪايتن باوجود ضلعي توڙي مقامي انتظاميا فوٽو سيشن تائين محدود

وزير اعليٰ ۽ ٻيا عملدار معاملي جو نوٽيس وٺي ترقياتي ڪمن جي رفتار ۽ معيار درست ڪرائين: رهواسي

سيوهڻ(رپورٽ: اعجاز سولنگي) عظيم صوفي بزرگ حضرت قلندر لعل شهباز جي نگري سيوهڻ شهر اندر ٻن مهينن کان بيوٽيفڪيشن پلان تحت اربين روپين جي لاڳت سان جاري ترقياتي ڪم جنهن ۾ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو5

ٽنڊوڄام ۾ ٻئي ڏينهن به برساتي وسڪارو، ڪيترائي علائقا پاڻي هيٺ

محبوب ٽائون، ڄام گهڻ لياقت ٽائون، ڄام بنگلوز مير پاڙو ۾ پاڻي بيهجي ويو

ڪيترن ئي گهرن ۾ برساتي پاڻي داخل ٿيڻ سبب رهواسين کي سخت مشڪلاتون

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام ۾ ٻئي ڏينهن به برسات جو سلسلو جاري رهيو جنهن سبب شهر جا ڪيترائي رهائشي ۽ ڪاروباري علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا ۽ معمول جي زندگي سخت متاثر ٿي وئي. برسات سبب محبوب ٽائون، ڄام گهڻ لياقت ٽائون ڄام بنگلوز مير پاڙو مڇي مارڪيٽ ۽ مير ڪالوني سميت ڪيترن ئي علائقن ۾ پاڻي بيهجي ويو جڏهن ته رستم شهيد روڊ، يادگار روڊ ۽ ايڊي چوڪ جهڙا اهم ڪاروباري مرڪز پڻ پاڻي هيٺ اچي ويا. بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو5

راڻيپور جي صحافي ممتاز اولي جي ڀائيجي کي هٿياربند زخمي ڪري ڦر ڪري ويا، قلم ڌڻين جو احتجاج

راڻيپور(ن ع) راڻيپور شهر ۾ بدامني روڪجي نه سگهي جتي نامعلوم هٿياربندن ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي عوامي آواز ٽالپر وڏا جي رپورٽر ممتاز اولي جي ڀائيجي نوجوان محمد اويس کي گوليون هڻي زخمي ڪري فرار ٿي ويا. نوجوان راڻيپور ريلوي اسٽيشن روڊ سان اچي رهيو هو ته نوجوان کي نامعلوم بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو5

گمبٽ: ٽڪ گمبٽ سوڀوديرو پي ايس 30 جي ضمني اليڪشن بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

گولاڙچي ۾ برسات ڪاڻ هيٺيان علائقا پاڻي هيٺ، بجلي جو نظام درهم برهم

گولاڙچي(ت ر) گولاڙچي شهر ۽ ڀرپاسي ۾ برسات ڪاڻ هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا، جڏهن ته شهر جو بجليءَ جو نظام پڻ سخت متاثر ٿيڻ سبب شهرين کي پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي برسات ڪاڻ گولاڙچي جي هاءِ اسڪول گرائونڊ، سبزي منڊي ۽ گرلز اسڪول روڊ سميت مختلف هنڌن تي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو5

نارا ڊسٽري ڪئنال جي شاخن ۾ پاڻي جي شديد کوٽ خلاف آبادگارن جو احتجاج

50کان وڌيڪ واهن ۽ شاخن ۾ پاڻي نه پهچڻ سبب سارين جو ٻيجارو سڪي ويو:آبادگار

هارين کي ڪروڙين رپين جي نقصان پهچي ٿي، هزارين خاندانن بک، بدحالي جو شڪار ٿيندا

آبادگارن جو آبپاشي اختيارين خلاف ڪارروائي ۽ شاخن ۾ فوري پاڻي ڇڏڻ جو مطالبو

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) خيرپور ناٿن شاهه نارا ڊسٽري ڪئنال مان نڪرندڙ50 کان وڌيڪ واهن ۽ شاخن جي 71 آر ڊين تي آباد ٿيندڙ لکين ايڪڙ زمين لاءِ پوکيل ٻيجارو سڪي ۽ سڙي رهيو آهي پاڻي نه هجڻ سبب لکين ايڪڙ زمين آباد نه ٿي سگهندي جنهن سبب هزارين خاندان بک بد حالي جو شڪار ٿي ويندا پاڻي جي حاصلات لاءِ ڇهين ڏينهن به علامتي ڪئمپ وٺي جتي يوٿ پارليامينٽ عوامي تحريڪ، قومي عوامي تحريڪ، ايس يو پي آبادگار ۽ هاري اڳواڻن امجد ڳاڏهي علي سچي راجا قريشي، پي پي سٽي جو جنرل سيڪريٽري بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو5

ڪنڌڪوٽ پوليس جو ڪچي ۾ آپريشن، هڪ ڏوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ايس ايس پي ڪنڌڪوٽ محمد مراد گهانگهرو جي هدايتن تي ڏنل قاءِ جي انچارج ۽ ايس ايڇ او اي سيڪشن خليل احمد لغاري ۽ سندس ٽيم پاران ڪچي واري علائقي ۾ ڏوهارين جي موجودگي واري اطلاع تي پوليس جو آپريشن پوليس ۽ ڏوهارين جي وچ ۾ فائرنگ هڪ ڏوهاري کي گرفتار ڪرڻ جي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو5

پاڪستان فشر فوڪ فورم بدين جي نئين ضلعي باڊي چونڊجي وئي

سومار ملاح ضلعي صدر، عبدالرزاق ملاح جنرل سيڪريٽري منتخب ڪيو ويو

ماهيگير برادري جي معاشي، سماجي ۽ آئيني حقن جي تحفظ لاءِ جدوجهد وڌيڪ تيز ڪرڻ جو اعلان

بدين (ڊ ر) پاڪستان فشر فوڪ فورم ضلع بدين جي نئين ضلعي باڊي جي چونڊ شيخ ڪرهيو جي ڳوٺ علي محمد ملاح ۾ ٿيل هڪ وڏي ۽ نمائنده گڏجاڻي دوران اتفاق راءِ سان ڪئي وئي، جنهن ۾ ضلعي جي مختلف ساحلي ۽ اندرين علائقن مان آيل ماهيگيرن فورم جي ڪارڪنن ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب جي خاص موقعي تي پاڪستان فشر فوڪ فورم جي مرڪزي چيئرمين غلام مصطفيٰ ميراڻي نئين چونڊيل ضلعي عهديدارن کان حلف ورتو ۽ کين ذميواريون ايمانداري، ديانتداري ۽ عوامي خدمت جي جذبي سان بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو5

لاڙڪاڻو پوليس پراسرار نموني گم ٿي ويل 5 ورهين جي ٻارڙي کي هٿ ڪري والدين حوالي ڪري ڇڏيو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس پراسرار نموني گم ٿي ويل 5 ورهين جي ٻارڙي کي هٿ ڪري والدين حوالي ڪري ڇڏيو ٻارڙي جي گهر پهچڻ تي گهر ڀاتين جا چهرا ٻهڪي پيا ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻو پوليس شهر جي علي گوهر آباد ٿاڻي جي حد مان 5 ورهين جي ٻارڙي عائزه ڌيءَ وقار علي ڪوڪر پراسرار نموني گم ٿي وئي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو5

حيدرآباد: برسات بعد روڊ تي بيٺل پاڻي مان رڪشو گذري رهيو آهي

پير الطاف حسين شاهه جيلاني جي سالياني ورسي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

بدين ۾ ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني، مغفرت لاءِ خصوصي اجتماعي دعائون گهريون ويون

سياسي، سماجي، مذهبي، مريدن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري خراج عقيدت پيش ڪيو

بدين (ڊ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي بدين جي انفارميشن سيڪريٽري پير وقار حسن شاهه جي والد، معروف شخصيت اڳوڻو چيئرمين ميونسپل ڪميٽي بدين پير الطاف حسين شاهه جيلاني جي ساليانه ورسي نهايت عقيدت، احترام ۽ مذهبي جوش و جذبي سان ملهائي وئي ان موقعي تي قرآن پاڪ جي تلاوت ۽ قرآن خواني جو اهتمام ڪيو ويو جڏهن ته مرحوم جي ايصال ثواب، مغفرت ۽ بلند درجن لاءِ خصوصي اجتماعي دعا پڻ گهري وئي ورسي جي تقريب ۾ پير الطاف حسين شاهه جيلاني جي مريدن سياسي، سماجي، بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو5

گمبٽ: پ پ اميدوار اسفنديار ڪرل گڏجاڻي ۾ شريڪ آهي

دوڙ پوليس پاران غلام عباس واسواڻو جي قتل ڪيس جي مک جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

دوڙ (ن ع) دوڙ جي وڏي آباد واري محلا علي آباد پاڙي جي ڏاڙهون خان واسواڻ جي پاڙي واري امام بارگاهه ۾ منشيات استعمال ڪندڙن کي روڪڻ تان بي دردي سان قتل ٿيل غلام عباس واسواڻو جي قتل جي مک جوابدارن لکي دوڙ پوليس گرفتارڪري معن الڳ الڳ ڪيس داخل ڪري دوڙ پوليس گناهه نمبر 97/2026 بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.